# لاڙي پهاڪا ۽ چوڻيون

انجنيئر عبدالوهاب سهتو




ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
قنبر - ٢٠١٥ع

Gul Hayat Institute

ڊجيٽل ايڊيشن:
**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر جو ڪتاب نمبر (۴۳)**

© ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر ۲۰۱۴ع

ڪتاب: **لاڙي پهاڪا ۽ چوڻيون**
ليکڪ: **انجنيئر عبدالوهاب سهتو**
پهريون ڇاپو: **جولاءِ ۲۰۱۵ع**
ڇپائيندڙ: **ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر**

**قيمت: ۱۲۰ رپيا**

"Proverbs & Sayings of Southern Sindh"
By: Engr. Abdul Wahab Sahito
1st Edition: October 2014 A.D
Published by: Dr. Muhabbat Academy®, Kambar
E-mail: dmacademy@yahoo.com
riazatburiro@yahoo.com

**هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر جي چيئرمئن عبدالحميد ميمڻ ڪراچيءَ مان ڇپائي، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران پڌرو ڪيو.**

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ارپنا

مرحوم انجنيئر سڪندر نظاماڻي صاحب ۽ سندس والد مرحوم سائين عبدالحسين نظاماڻي صاحب، پراڻيون ڊائريون ڏياري موڪلئون جنهن تان حيدرآباد جا پهاڪا ۽ چوڻيون وارو مضمون تيار ٿيو. ان کان علاوه منجهس ڪن پهاڪن ۽ چوڻين جي وضاحت گهربل ٿي، سا پڻ لکي موڪليائون.

محترم حافظ حبيب سنڌي صاحب جن، پنهنجو سمورو ڪٺو ڪيل مواد، ڏياري موڪليو. ان سان گڏ سندس دوستن رسول بخش تميمي ۽ عزيز جعفراڻي مرحوم پڻ، ڪن پهاڪن بابت وضاحتون ۽ سمجهاڻيون ڏنيون.

مقصود گل صاحب مٽياريءَ واري جو موڪليل مواد، ناز سنائي صاحب ڪينجهر ۾ پهاڪن جي ڊائريڪٽري جي نالي سان ڇپيو، جيڪو اتان حاصل ٿيو. اگر اڳلو مواد نه موڪلي ها ۽ ناز اهو نه ڇپي ها ته اهو مضمون هن ڪتاب جي زينت نه بڻجي ها.

مان پنهنجي هيءَ ڪاوش، متين مڙني اديب دوستن ڏانهن منسوب ڪيان ٿو، جن جو مون سان هن ڪتاب اندر تعاون رهيو.

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر (189) **”لاڙي پهاڪا ۽ چوڻيون“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو.

هي ڪتاب **المنعم لائبرري لاڙڪاڻي** پاران اي بوڪ ايڊيشن ۾ سنڌس ويب سائيٽ تي آندو آهي. ٿورائتا آهيون سائين عبد الوهاب سهتي جا جنهن سافٽ ڪاپي موڪلي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پڙهندڙن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# فهرست


| | |
|---|---|
| فهرست | ص ۵ |
| پبلشر پاران | ص ٦ |
| چڱا اکر | ص ۷ |
| حيدرآباد جا چوڻيون ۽ پهاڪا | ص ۱۳ |
| ماجرو ڪڪرالي ۽ ڪاري چاڙهه جا چوڻيون ۽ پهاڪا | ص ۴۳ |
| مٽيارين جا چوڻيون ۽ پهاڪا | ص ۷٦ |
| ڏسٽي | ص ۱۱۹ |


Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# پبلشر پاران

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# چڱا اکر

اترادي پهاڪا ۽ چوڻيون ڪتاب، ترتيب ڏيڻ کان پوءِ ذهن ۾ اهو ارادو جاڳيو ته لاڙي پهاڪا ۽ چوڻيون نالي سان به جيڪر، ساڳي تطبع تي، ڪتاب جوڙجي ته علم و ادب جي چاڪائن لاءِ چڱو خاصو فائديمند ۽ ڪارائتو ثابت ٿي پوي. ان سلسلي ۾ هڪڙو مضمون، ماجر، ڪڪرالي ۽ ڪاري چاڻ جي ٻوليءَ تان ورتل/ مآخوذ ٿيل هيو، جيڪو نئين زندگي رسالي منجهه پڻ ڇپيو هيو. ياد پيو ته ايڏانهن پاسي جي دوست انجنيئر سڪندر علي نظاماڻي صاحب مرحوم به پنهنجي والد محترم جون پهاڪن ۽ چوڻين بابت لکيل نوٽ بوڪ ڏياري موڪليا هيا، جن تان استفادو ڪيو هيم، سو تنهن سان ٻيهر رابطو ڪري حيدرآباد جا چوڻيون ۽ پهاڪا نالي سان مضمون تيار ڪيو، جيڪو ڪينجهر رسالي منجهه ڇپيو. ان ڪان پوءِ قاضي مقصود متياريءَ واري جو مضمون پهاڪن جي ڊائريڪٽري نالي سان اکين آڏو گذريو. ان مان استفادو ته حاصل ڪيل هيو البته منجهانئس هڪڙو مضمون تيار ڪرڻ جو خيال جاڳيو ته جيئن لاڙي پهاڪا ۽ چوڻيون وارو ڪتاب جڙي سگهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اهو مضمون ڪارونجهر رسالي ڏانهن، ڇپجڻ لاءِ پڻ موڪليل هيو.
ڊاڪٽر پروفيسر محمد انور فگار هڪڙو صاحب جو هڪڙو مضمون منهنجي نظر مان گذريو هيو، جنهن ۾ صاحب، بدين جي مرحوم محمد سومار شيخ جي ڪتابن جو تذڪرو ڪندي سندس هڪڙو قلمي نسخو لاڙي پهاڪن بابت به ڄاڻايو هئائين. ڪانئس فون تي رابطو ڪيم، روبرو به ملاقات ٿي، ان جي هجڻ جو ته يقين ڏياريندو رهيو ۽ مرحوم عبدالجبار جوڻيجو صاحب ڪان ان قلمي نسخي جي فوٽو ڪاپي وٺائي ڏيارڻ لاءِ به آسرا ڏيندو آيو. لاڙ ميوزيم جي لائبريريءَ منجهه رکيل ان نسخي جو نقل وڏي جدوجهد ڪانپوءِ وٺي ته ڇا پر مان اکين سان ڏسي به سگهيس. منهنجي وڏي خواهش هئي ته ان مخطوطي منجهان جوڙيل مضمون هن ڪتاب اندر شامل هجي ها پر ائين نه ٿي سگهيو. جڏهن ته ناز سنائي ۽ رشيد ڪٽپر صاحب جن جي اتي نوڪريءَ جي تعيناتي به رهي، هٿ پير به هنيائون، پر ڪڙ تيل نه نڪتو. عبدالله ملاح صاحب سان به فون تي رابطو رهيو، پر بيسود. ڪتاب تاليف ڪندي دير ٿي وئي، وقت به وڌو سيڙيو، اهو نفعو نه ٿيو، جيڪو سوچيو ويو هيو. زهي نصيب، عز و شرف.
لاڙي پهاڪن ۽ چوڻين جي مضمونن جوڙڻ لاءِ، ٽنڊو محمد خان جي اميد علي سنيو صاحب سان پڻ خط و ڪتابت رهي. ان صاحب به وسان ڪو نه گهٽايو، جيڪا چاڻ هيس سا ونڊيائين. ماجر ڪڪرالي ڪارو چاڻ واري مضمون اندر ڪن پهاڪن ۽ چوڻين جي وضاحتون پڻ ٻڌايائون. بهرحال وٽانئن مليل مواد، مضمون جوڙڻ جيترو نه هيو، جنهنڪري اهو نه جڙي سگهيو.
اهڙيءَ طرح ٽنڊو غلام عليءَ جي مختيار سهتو سان پڻ فون تي رابطو رهيو. ان به وڏڻ جي پوٽي پٽي منجهانئس پهاڪا ٻڌائڻ جو ارادو ڏيکاريو، پر اهو به سلسلو هڪ اڌ فون کان مٿي نه هلي سگهيو. جنهنڪري ٽنڊو غلام علي پاسي جي پهاڪن ۽ چوڻين جو مضمون نه جڙي سگهيو. البته وٽانئس هينيان ڪجهه پهاڪا/ چوڻيون يا ورجيسون ملي سگهيون.

- ٻلو مڇن سان، ماٺو شهپر سان. (چوڻي)
- تون به رئيس، مان به رئيس، گڏهه ڪير هڪليندو. (پهاڪو)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

- جتي هاٿين جي تور ٿيندي، اتي گڏهه ڪاڻ ۾ ويندا. (پهاڪو)
- ديگ جي خبر، چانور مان پوندي آهي. (پهاڪو)
- ڪني تي ڍڪ، ڪتن کي شڪ. (پهاڪو)
- لولي چيو: حج تو وڃان! ڪانءُ چيو: آءٌ مئو آهيان تون حج ويندين. (پهاڪو)
- ماڙهن کي ماڙهن جي، احمداڻين کي داڻن جي. (چوڻي) (احمداڻي: هڪ ذات جو نالو)

ان ڪان علاوه غلام علي الانا صاحب جي لاڙ واري ٿيسس منجهه لاڙي عام چوڻيون جي عنوان سان ٥٢ داخلائون ڏنل آهن، تن منجهان مضمون جوڙڻ جي ڪوشش ڪيم. پر اهي چوڻيون بين مضمونن منجهه آيل هيون. هڪجهڙائي سبب ورجاءُ ٿئي ها، جنهنڪري علحده مضمون نه جڙي سگهيو. نموني جي طور تي، منجهانئن ڪجهه چوڻيون ۽ پهاڪا هيٺ ڏجن ٿا.

- ايمان: مزمان. (چوڻي)
- انبن پور، اکين سور. (چوڻي)
- ٻکون لاهين ٻنيون، پورهيو چا ٻک لاهيندو. (چوڻي)
- ٻک لچڻ وڃائي، ڏمر عقل وڃائي. (چوڻي)
- ٻدي جي ٻک. (محاورو/ ورجيس)
- ٻڍو، اکين ڪڍو. (چوڻي)
- ٻڍو، ڏيٽين ڍڍو. (چوڻي)
- پوکي وڍجي، راهي نه وڍجي. (چوڻي)
- پوهه، کلن کوهه. (چوڻي)
- پوهه، لاٽا لوهه. (چوڻي)
- پاڻن جهڙو ناهي پر، ڏيئي جهڙي ناهي جوت. (چوڻي)
- (زمين) پاڳان وڃي، پر جمان نه وڃي. (چوڻي)
- جنهن کي ساهه ڪنئي سڌ نه پوي، تنهن سان سور ڪيهو سلجي. (چوڻي)
- جيڪو هاجو هٽندو، تنهن کي ڪير ڪو نه چوندو. (چوڻي)
- جيترا هر، اوترا ڦر. (چوڻي)
- جيٺ، انبن ميٺ. (چوڻي)
- جيٺ، اکين ميٺ. (چوڻي)
- چاتيءَ جهڙو ناهي ٻَر، اکين جهڙي ناهي جوت. (چوڻي)
- حياتيءَ تي هٿ ڪونهي، ناٽي ميڙي ٻٽ ڪونهي. (چوڻي)
- ڏيئون، ڍيوريون آهن. (چوڻي)
- ڏکڻ مينهن نه وسٽو، وسي تان ٻوڙي، ڪانئر ڏک نه هٽٽو، هٽي تان ٿوڙي. (چوڻي)
- ڏنپ: آهي ٿنپ. (چوڻي)
- زال ڏسي ٻيٽ، ماءُ ڏسي پيٽ. (چوڻي)
- سيڪو ڪمَ پرين، چم پرين ڪونڪو. (چوڻي)



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

لاڙي پهاڪا ۽ چوڻيون

- سڳا سيئي سيڻ، پڪا جنين اوڏڙا. (چوڻي)
- مئا آهن جيئرن وس. (چوڻي)
- ميهه نہ ماڻهو، مرون نہ مال. (چوڻي)
- ماءُ ڏيڻ (ڏائڻ) نہ ٿيندي آهي، ويرا ڏيڻ (ڏائڻ) ٿيندي آهي. (چوڻي)
- مائٽن جي ويهڻ کان، مقام ۾ ويهڻ چڱو. (چوڻي)
- ننڊ نياپو موڪليو، اوٻاسي اهڃاڻ. (چوڻي)

هت ۾ موجود مضمون گڏي، ڪتاب جوڙيو ويو آهي. آئنده واري ڇاپي ۾ ٻيا مضمون گڏي، ڪتاب ۾ واڌارو ۽ سڌارو ڪيو ويندو. في الحال لاڙ خطي بابت ڄاڻ ڏيڻ واسطي، نموني جي طور ڪجھ مضمون پيش رکجن ٿا. اميد تہ علم ادب جي چاڪائن کي منجهانئس ڪافي موتي ملي ويندا.

انجنيئر عبدالوهاب سهتو
پروفيسرس ڪالوني
لاڙڪاڻو

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# حيدرآباد جا پهاڪا ۽ چوڻيون

(سائين عبدالحسين نظاماڻي صاحب مرحوم جي ذاتي ڊائريءَ تان کنيل)

جڏهن سائين عبدالحسين نظاماڻي صاحب جي ذاتي ڊائريءَ تان کنيل پهاڪن ۽ چوڻين بابت، مضمون جوڙڻ جو ارادو ڪيم، تڏهن ڪين هن فاني جهان مان لڏئي چار پنج مهينا گذري چڪا هيا.

سيپٽمبر ٢٠٠٢ع ڌاري، سندس فرزند ۽ اسان جي ڪاتي جي انجنيئر، سڪندر علي نظاماڻي کي ٽنڊو قيصر فون ڪيم: "اوهان جي والد صاحب جي ڊائريءَ تان نوٽ ڪيل پهاڪن ۽ چوڻين بابت مضمون جوڙڻ جو ارادو ڪيو اٿم. هڪ ته ڪانئس ٻيهر ڊائري وٺي موڪل ۽ ٻيو ته سندس زندگيءَ جو حال احوال ڪپي، يا مون سان فون تي سائينءَ کي ڳالهراءِ يا ڪانئس لکرائي موڪل."

"توهان کي خبر ناهي چا؟" ٻئي طرف کان آواز آيو.

"چو؟ چا جي؟"

"بابا سائين ته اپريل ڌاري وفات ڪري ويو آهي؟"

"اوهه! اِنا لله و انا اليہ راجعون. الله سائين کين جنت ۾ جاءِ ڏئي. بهرحال مون کي ان بابت ڪا ڄاڻ ناهي! اميد ته جلد تعزيت لاءِ تنهنجي ڳوٺ ايندم."

"ڊائري وغيره جيڪا چئو سا اوهان ڏي ڏياري موڪليندم، باقي حال احوال مون لاءِ لکڻ ڏکيو آهي. ائين واتين ويٺين، يا فون تي چئو ته اوهان کي ٻڌايان ....."

"ڪن پهاڪن ۽ چوڻين بابت وضاحت به ڪپندي. سا ڪيئن ملندي؟"

"اهي لکي موڪلجو ته چاچا سائينءَ کان، انهن بابت وضاحت لکرائي موڪليندم."

انهيءَ خط و ڪتابت ۽ فون واري رابطي کي به چار مهينا گذري ويا. انهيءَ دوران مشڪل سان ڪن پهاڪن/ چوڻين بابت ٿوري گهڻي وضاحت ملي سگهي. جڏهن ته سائينءَ جي زندگيءَ بابت حال احوال، نه برابر ملي سگهيو.

سائين، ٽيهارو سال ڪن، اسڪول هيڊ ماستر رهيو. گهڻو ڪري لوئر سنڌ: جيئندو هاليپوٽو (چينل پرسان) عمرالدين پنجابيءَ جي ڳوٺ، تلهار وغيره ۾ رهيو. سڻ واري ڍاڪي جي شروعات ۾ منصوره ۾ پڻ رهيو.

ڇهين درجي کان ڏهين درجي وارن لاءِ، خاص ڪري ڇوڪرين واسطي، نوٽس تيار ڪري ڏيندو هيو. ڇوڪرين جي تعليم لاءِ ڏاڍو پاڻ پتوڙيندو هيو.

شعر و شاعري پڻ ڪيائين. مزدورن جو خاص خيال هيس. سندس چوڻ ۽ عمل هيو ته: مزدور مزدوري گهرڻ لاءِ در تي نه اچي پر ڪيس بر وقت، سڏي ڏجي. اصلاحي ۽ سماجي ڪم به ڪيائين. ڳوٺ ۾ ناليون جوڙائڻ، گهٽين ۽ نالين مان ڪچرو ڪيرائي صفائي سٿرائي ڪرائڻ. ٻارن جو تعليم ڏانهن توجه ڇڪرائڻ، جائز مسئلن ۾ سندن مدد ڪرڻ، نياڻين جي تعليم ڏانهن توجه ڇڪرائڻ ۽ جائز مسئلن ۾ سندن مدد ڪرڻ. نياڻين جي تعليم ڏانهن خاص توجه هين.

پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ، سندن ذاتي ڊائريءَ تان کنيل پهاڪا ۽ چوڻيون، وضاحتن سميت هيٺ ڏجن ٿا ته جيئن عام کي فائدو پوي.

١. آڪئي جو عقل ۽ وِهائيءَ جي ٽوڻ، پوري ڪا نه ٿئي. (چوڻي)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آڪئي جو عقل: ٻئي جي ٻڌايل ڏاهپ.
وِهائيءَ جي تَوڻ: ڪاڏي لاءِ روز جي ڪٽت.

- ايري سيري پنهنجي مت ڪم ايندي. ٻئي جي مت/ مڙسي ڪم نہ ايندي. عمل ڪبو تہ علم ۾ واڌارو ايندو. اهو ئي سبب آهي، عمل/ علم استاد آهي.
- حياتي صرفي سان آهي. صرفو، يڪمشت/سبڌو سيڌو وتي رکڻ ۾ آهي. روز روز اوڌر ڪٽڻ ۾، بچت ناهي. روز جي آٽڻ ۽ روز جي چاڙهڻ ۾ نہ برڪت آهي ۽ نہ سُڪون.

مطلب:

۱.۱اهو ڪي ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي.

۱.۲صرفو ڪرين تہ، پَٽُ هنڊائين.

## ۲. اَڪُ ٻارڻ، جَوَ تَوڻ، ٺِمٽو گهر،
## ڇُوڇِي زال، ڪِرڪِرو ڀتار، پنج ئي بيڪار. (چوڻي)

ٻارڻ: ٻارڻ لاءِ ڪم ايندڙ ڪاٺيون/ ڇيڻا Fuel

تَوَڻ: ڪاڏو، ڀت

ڪِرڪِرو: ڪروڌي، هوڏي، شڪي

ڀَتار: ڀوتار، ڀونءِ تار، ڀَوَ تار، ڀُئي تار، ڀتار، پرين، مڙس، ڪانڌ، دلبر، وَرُ.

ڀوتار: وڏيرو، رئيس، زميندار. جيئن چوڻي آهي: ڀوتار آهن، ڀونءِ جا ڪيرا.

ڀونءِ تار: زمين مان پار ڪندڙ. جيئن، پاڙيا پاڙين جا يار، هڪڙا پڙوا ٻيا ڀوتار.

ڀُئي تار: ڀُئي (مال جي چاراڻي) وغيره ڏيندڙ. جيئن چئبو آهي: ڀڳي تي ڀُئي ناهي.

ڀَوَ تار: ڀَوَار، ڏڪيائيءَ مان ڪڍي پار ڪندڙ.

- اڪ جي ڪاٺي ٻرڻ وقت ڏيپارو دونهون ڪيندي آهي. منجهنس تاندو ۽ تؤ نہ ٽيندو آهي. باهہ پڻ جٽادار نہ هوندي اٿس. متس تيار ڪيل ڪاڌو، بدمزي ۽ بد ذائقہ هوندو آهي.
- جَوَ، توڻ جي طور تي استعمال ڪبا تہ پيٽ تہ ڀربو پر طاقت ۽ ٻَلُ نہ ملندو. بک ڪين مرندي، ڊؤُ بہ خاص نہ ٽيندو.
- ٺمٽو گهر، جهڙيءَ ڦڙيءَ ۾، رهڻ قابل نہ هوندو آهي. منجهس رهڻ، خطري ڪان خالي نہ هوندو آهي. مينهوڳيءَ ۾، اندر آيل ڇٽاڪا، هر شيءِ اوسني ۽ ڏيپاري ڪري ڇڏيندا آهن. جاءِ جون پاڙون ڀُتيون ڪري، ڪيري وجهندا اٿس. گهر هوندي، ماڻهو بي گهر تي ويندو آهي.
- اڪين ڪان ڇُوڇِي زال، من موهيندڙ نہ ٿيندي آهي، نہ وري ڪم جي سگهڙ/ سٺائتي هوندي آهي. گهر ۾ سامان بہ نظر ئي نہ ايندس.
- ڀوتار ڪرڪرو ۽ ڪروڌي هوندو تہ زندگي ئي زهر تي ويندي. جيڏانهن تيڏانهن جو سڪون ڦِٽي ويندو.

مطلب:

۲.۱اڪ ٻارڻ طور، جو ڪاڏي طور استعمال ڪرڻ ۾ گهڻو فائدو ناهي.

۲.۲ٺمٽو گهر، ڇُچي زال ۽ ڪروڌي وڏيرو، بيزار ڪندڙ هوندا آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

### ٣. اوڙا پِنيم، پاڙا پِنيم، پِنيم سڳا پائي،
### ڪائڻ وارا ڪائي ويا، سر هيڪڙي آهي. (چوڻي/ پهاڪو)

دنيا ۾ ماڻهو اولاد، زال ۽ مٽن لاءِ، اوڙا پاڙا، دوست احباب، واقف-ڪار واقف ڦُري ڦٽي ٿو. جڏهن ته ڦُر-مار سان هٿ آيل ملڪيت، ڦوروءَ وٽ جمع بہ نہ رهندي آهي. ٻيا ڪائي ويندا اتس ۽ ٽورو بہ ڪين مجيندا اتس. جڏهن مرندو آهي تہ لوڙيندو بہ اڪيلي سر آهي.

ان جي برعڪس، حق حلال جي روزي روٽي تلاش ڪرڻ ۾ تڪليف/ ڏکيائي ضرور ٿئي ٿي پر آخر ۾ ندامت ڪڏهن نہ ٿي پوي.

مطلب:

٣.١ڪائي گلو، وجي/ لوڙي هيڪلو

٣.٢ڪائي گلو، لوڙ ي ڪلو.

٣.٣سرڙي آئي، ڪونہ ٿئي ڪو پائي.

### ٤. ٻي ڏاڙهيي ڪٽڪ ڪان، پاسو پلو (چوڻي)

ٻي ڏاڙهيو ڪٽڪ: بنا ڏاڙهيءَ وارن جو ولر. ڏاڙهيءَ ڪوڙ نوجوانن جو لشڪر. عورتن جو راڄ.
جتي فقط عورتازاد جو حڪم هلي، اهڙي ماحول کان پڇي پاسو ڪجي. عورت جي نہ ڪُني حلال آهي ۽ نہ سندس صلاح/ مشوري ۾ مصلحت آهي.

جيڪو مرد، ديني يا دنيوي معاملن ۾، جوڪرن/ عورتن جي صلاح مصلحت تي هلي ٿو، سو چڱي سوپ نہ ٿو ماڻي. چنيسر لاءِ مشهور آهي تہ پڳ ٻڌڻ لاءِ ماءُ کان صلاح ونڻ ويو تہ تخت ڪسجي ويس ۽ راڄ، سندس پاءُ، دودي کي پڳ ٻڌائي ڇڏي. عورت سان مشورو ڪرڻ سبب، وراثت وارو تخت تاج بہ تاراج ٿي ويس.

مطلب:

٤.١نا سمجهہ/ ڪم علم، ماڻهن کان پاسو ڪجي.

### ٥. پِلُ هر ڪا پلي، ڪندي ڪا ڪا پلي. (چوڻي)

پِلُ ۽ ڪندي، ميڻهن جا قسم.

- پِلُ، ڪير ججهو ڏهائيندي آهي. سڳ هيٺ لڙڪيل هوندا اتس. ڏسڻ جي سهڻي نہ ٿيندي آهي. هر هڪ پِلُ ڪيرائيت ۽ گهڻي وقت تائين ڏهائيندڙ ۽ سدورڙي ٿيندي آهي. نہ ڪٽر ٿيندي آهي ۽ نہ ئي پاڙيت.
- ڪندي، سڱ وريل هوندا اتس، ڏسڻ جي سهڻي ٿيندي آهي. ڪا ڪا ڪير جي پلي هوندي آهي. ڏوپ جي اهنجي هوندي آهي. مِهر سان گهٽ مِڙندي آهي.
- ميڻهن جي پرک، ججهي ۽ ٿوري کان علاوه، ڪٽر ۽ مهر واريءَ جي حساب سان پڻ ٿيندي آهي. گهٽ ڪير واري يا ڪٽر جو ماڻُ، ڪاسائيءَ وٽ وڏيڪ ٿيندو آهي.

مطلب:



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٥.١صورت نہ ڏسو پر سيرت ڏسو.

## ٦. ڀُولي جي علاج سان،

### مرض بہ سلامت تہ مريض بہ سلامت. (پهاڪو)

ڀُولو: نيم حڪيم، اڻ ڄاڻ حڪيم.

اڻ ڄاڻ حڪيم کان علاج ڪرائبو تہ نہ مرض ڇڏيندو ۽ نہ ماڻهو تندرست رهندو. بلڪ مرض بہ سلامت ۽ ماڻهو بہ مريض جو مريض رهندو.

**مطلب:**

٦.١ڏسُ پتو، ڄاڻوءَ کان ونجي.

٦.٢فيصلو، ڄاڻ واري کان ڪرائجي، جڙ تہ شنوائن ۾ ماري ڇڏيندو.

٦.٣نيم حڪيم خطره جان، نيم ملا خطره ايمان.

## ٧. تتر ڪوڙي، سهڙ ڀُنا،

### هڪ گراه تہ بہ هيڙها مِنا. (چوڻي)

تتر ۽ هيڙهو: جهنگ جي حلال پکين جا نالا.

سهڙ/ سيهڙ/ سهو/ خرگوش بہ جهنگ جو جانور آهي، ڪن وٽ کائڻ حلال ڪن وٽ مڪروهہ.

- هر حلال پکي/ جانور جو گوشت، ڪنهن خاص سنڌ جي لحاظ سان، کائڻ ۾ لذيذ ٿيندو آهي. جيئن ٻڪريءَ جي گوشت لاءِ چئبو آهي تہ: جنهن وقت ٻڪري زمين تي ويهي، ان وقت جيڪو سندس سَنڌُ زمين سان نہ ٿو لڳي، ان سنڌ جو گوشت لذيذ هوندو آهي. جهڙوڪ: ڪمر، چانپ، دستي ۽ ڪنڌو. ائين تہ سمورن سنڌن/ عضون جو گوشت لذيذ ٿيندو آهي ۽ هر هڪ جي پنهنجي افاديت آهي. جيئن اوجهري، پيٽ واريءَ عورت لاءِ اڪسير آهي، مغز کائڻ سان مغز کي ۽ ڦقڙ کائڻ سان ڦقڙ کي طاقت ايندي آهي.
- هاڻي آنڊن کي جراحيءَ جي عمل ۾ ڪتب آندو ٿو وڃي. ان کان اڳي منجهائڻ آنڊي ويڙهيون ٺهنديون هيون تہ ڏاڍيون لذيذ ٿينديون هيون. اجا بہ ڪي ماهر، جوڙين ٿا.
- پلي جو پيٽارو مشهور آهي.
- مڇيءَ جو ڪنهڙ مشهور آهن وغيره وغيره.
- رڌڻ/ پچائڻ جي حساب سان بہ ڪي شيون مشهور آهن. جيئن ڄامشوري جي پل جو پلو. ٺٽي آدم جون يا ڪوئيٽا ۾ لهڙيءَ وارن جون رانون، لاهور ۾ فجي جا پاوا، ڪراچيءَ ۾ McDonald يا K.F.C جا برگر وغيره.
- اهڙيءَ طرح تتر جي ڪوڙيءَ وارو گوشت ۽ سهڙ جا ڀنا ذائقيدار ٿيندا آهن. انهن ٻنهي کان، هيڙهي جو گوشت، جيڪو سموري جو سمورو هڪ گرهہ جيترو مس ٿيندو، ذائقي ۾ مزيدار ٿيندو آهي. هيڙهي جو گوشت هٿ اچي تہ ڪيس ٻين طعامن تي ترجيح ڏجي.

**مطلب:**

٧.١جن ڪاڏا پلن جا پيٽارا، تن جا هينڙا بہ ويچارا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٨.٢مڇي نہ شاڪرين، پکي نہ تترين، گوشت نہ ٻاڪرين.

## ٨. تَنَ اُجري ڪان، مَنُ اُجرو چڱو. (چوڻي)

تَنُ/ جسم/ بدن، اُجرو/ ڏوتل هوندو نہ تمام چڱو ڪم آهي. جسم پرڪشش ۽ جاذب هوندو تہ ٻين سان اٿڻ ويهڻ ۾ مطلب مرادون حاصل ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي. جڏهن تہ اصل جاذبيت اندر/ من اُجري ڪرڻ ۾ آهي. دشمن، دوست ٿيو وڃن. نہ ٿيڻ جهڙا ڪم ٻہ، شخصيت جي سحر سبب ٿيو وڃن.

**مطلب:**

٨.١نيت نيڪ، مراد حاصل.

٨.٢نيت بد، روٽي رد.

٨.٣اندر اڇو ڪرڻ، ڏاڍا ڏوئڻ ڪان پلو آهي. (چوڻي)

٨.٤اندر اڇو نہ ڪري، ڏوئي ٿو ڏاڍا. (ورجيس)

## ٩. پرائي پڙوهي تي نار نہ چاڙهجي. (پهاڪو)

پڙوهو: ڪڏ، مالهہ.

بيراجي نظام ڪان اڳ، سدا واهن مٿان نار چاڙهي، زمين کي چرخيءَ ذريعي ريجايو ويندو هيو. واهن جي ڪڙن تي ڪڏا هٽي مٿانئن نار جا هالار جوڙيا ويندا هيا. ڏاندن يا اٺن ذريعي نار وهندو هيو. منجهس نڪر جون لوٽيون، مالهہ جي مدد سان نارن مان پرجي، نيسر ۾ نائجي، هود کي پرينديون هيون. جنهن ذريعي، اڏن ۽ ڪسين ۾ وهندڙ پاڻي، ٻنين کي ملندو هيو.
پنهنجيءَ ڪڏ وارو، ٻي فلڪو نار چاڙهي، ٻني ريجائيندو هيو. پرائيءَ ڪڏ مٿان چاڙهيل نار، ڪنهن ڪم جو نہ هوندو هيو.

**مطلب:**

٩.١پنهنجيءَ ۾ هٽ، پرائيءَ ۾ اکيون.

٩.٢نياڳن جا نار، واڊن چاڙهيا واٽن تي.

٩.٣هميشہ پنهنجي عورت ڏانهن رجوع ڪجي.

٩.٤پرائي عورت سان ناجائز تعلقات نہ رکجن.

## ١٠. پوڙهو مڙس پي ڪجي، ويهي مَر وڃائجي وهي، ڪٽڪن ۾ لابارا پوندا، پوڙهو پوندو نهي. (چوڻي/ پهاڪو)

بيراجن پوڻ ڪان اڳ جو قصو آهي.

ٻهراڙيءَ جون ٻہ غير شادي شده/ ڪنواريون عورتون پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيون هيون. هڪڙيءَ، ٻيءَ ڪان پڇيو: "ٻڌو اٿم، پوڙهي سان ٿا پرڻائني؟!!!"

"ها ادي!" ٻيءَ وراڻيس: "جيڪو پلا نصيب! جوان جو جُوءِ ۾ ڪونهن نہ پوءِ ڇا ڪجي؟"



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

“پوءِ ڇا ارادو اٿئي؟” پهرينءَ پڇيس: “دل مَنُ جاچيو اٿئي. دل سان ڳالهه لڳئي ٿي: من جون مرادون پوريون ٿينديئي پوڙهي مان!”

“رک الله تي!”

“ڇا ٻڌو نہ اٿئي تہ؟” سهيليءَ سمجهائيندي چيس:

“پوڙهو مڙس پي مَ ڪجي، ويهي وجائجي وهي،
ڪٽڪن ۾ لابارا پيا، پوڙهو پوندو ڊهي!”

سندس مراد هئي تہ: پوڙهي/ ڪمزور مڙس سان شادي ڪرڻ کان، ويهي جمار وڃائڻ بهتر آهي. ڇو جو بوسي يا بنا پاٽيءَ جي پوکجندڙ ڪٽڪ کائڻ سان، پوڙهي کي پيٽ ۾ موڙهہ/ سور پوندو، جنهن سبب بيمار ٿي مري ويندو.

انهيءَ تي اڳليءَ وراڻي ڏنس: “ادي ڪا ڳهيلي آهين!”

“ڇو؟”

“ٻڌو ئي غلط اٿئي!” جنهن جي شادي ٿيڻ واري هئي، تنهن دليل ڏيندي چيس.

“اهو وري ڪيئن؟”

“ائين ناهي جيئن تون چوين ٿي!”

“باقي ڪيئن آهي؟”

“هيئن آهي، ڪن ڪولي ٻڌ!” جنهن جي شادي ٿيڻ واري هئي، تنهن دليل ڏيندي ٻڌايس:

“پوڙهو مڙس پي ڪجي، ويهي مَ وڃائجي وهي،
ڪٽڪن ۾ لابارا پيا، پوڙهو پوندو نهي.”

**مطلب:**

١٠.١ عورت کي غير شادي شده رهڻ کان، پوڙهو/ ڪمزور مڙس بہ ڪرڻ گهرجي. وهي وڃائڻ، ان کان بہ بدتر آهي. ڇو جو جڏهن بوسي ڪٽڪ لهندي، تڏهن منجهس گيهہ وجهي ڪٽي پوري، پوڙهي کي کارائبي تہ پوڙهو تيار ٿي ويندو ۽ باقاعدي نهي پوندو.

١٠.٢ عورت کي، ڪنهن بہ حالت ۾، شادي ڪرڻ گهرجي.

**١١. جن جو نشي ۽ جوئا ڏي چاهُہ،**
**تن جو آسرو ئي لاهِہ. (چوڻي/ پهاڪو)**

جوئا ۽ نشو، دماغ کي بيڪار بنائيندڙ ۽ دولت کي زيان ڪندڙ آهن. دولت ٻنهي ۾ اڏامي وڃي ۽ دماغ جا پردا خشڪ ٿي وڃن ٿا. ماڻهوءَ مان غيرت ۽ شناس نڪريو وڃن. نشو، مڙني بيمارين، براين جي جڙ آهي. جوئا وارو بہ ڪڏهن سئين لڳين نہ هوندو آهي. ماڻهو ڪٽڻ جي لالچ ۾، اُکي موڙي گولي تي هٽي، سڄو گهر-ٻارُ، ڏُق ڪري ٿو ڇڏي. نصيحت ڪرڻ واري کي، نياڳو سمجهي ٿو ۽ متانئس چڙ نہ ٿي لهيس. سونسي ۽ وسوسي جو گهر ٿي وڃي ٿو.

**مطلب:**

١١.١ جوئا، ڪدي نہ سوئا، سوئا تہ موئا ئي موئا.

١١.٢ ڪئفي دي زال سدا سهاڳڻ، پنگي دي رووي،
چرسي دي ايوين آکي: موئا هت نہ هووي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

موالي، نشي ۾ پُرِ ٿيڻ ڪانپوءِ، هيٺ ٻڌايل گاريون ڏيندا آهن ۽ خوش ٿيندا آهن.

١١.٣ نشو ٿو سُرڪي، محبوب ٿو مُرڪي، مُلو ٿو ڪُرڪي، جڻ پٽس جي ٿا پيئون.

١١.۴ پيءُ ته پيءُ، نه ته بانبر تي ٻيهه، ته موالي لاهني سيءُ.

١١.۵ پيئون ٿا چرس، گهمئون ٿا عرش.

١١.٦ ڀنگ ناهي گاهه آهي، مردود ڪي حرام، مواليءَ ڪي مُباح آهي.

١١.٧ ڀنگ ناهي ڏهي آ، اسانجي پيئڻ جي وهي آ، ڏڙ ڳري ويو، سسي رهي آ، سا ٻه قبر ڏي هلي رهي آ.

## ١٢. جهل پير، پل ڏير. (زرعي، چوڻي/ پهاڪو)

**پل ڏير: جهٽ پٽ**

پير جهلڻ وارو، مڙس ماڻهو ٿيندو آهي. جيڪو پير ڪوڙي ڪم/ مقابلو ڪري ٿو، سو ضرور ڪامياب ٿئي. خدا تعالىٰ جي طرفان ٻه ان جي مدد ٿئي ٿي، جيڪو همت ٻڌي ٿو.

جيڪو ناڪاميءَ جي ڀوَ ڪان ميدان مان گيدي ٿي پني ڏئي ڀڄي ٿو، سو جتي ڪٿي بدنام ۽ ناڪام ٿئي ٿو. سندس ناڪامي اتان شروع ٿئي ٿي.

**مطلب:**

١٢.١ مڙس ٿي عمل ڪبو، ڪاميابي ستت ملندي.

١٢.٢ ڀاڙيو/ گيدي ٿيڻ واري کي بدناموسي پلئه پوي ٿي.

١٢.٣ همت بنده، مدد خدا، بي همت بنده، بيزار خدا.

## ١٣. جهل ڪلهو، ٿيءُ ٽُلهو. (زرعي، چوڻي/ پهاڪو)

بنجر/ ساٽي/ سنڍ زمين ٻه هَرَ ڏيڻ سان، سگهه واري ٿئي ٿي. منجهس سني فصل ٿيڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي.

جيڪو هاري، محنت مزدوريءَ سان متا مونا ڏيندو ۽ هرَ کي پاڃاريءَ ذريعي ڪلها ڏيندو، تنهنجي زمين جو فصل/ ميوو ٿلهو ٿيندو ۽ پاڻ ٻه سکيو ستابو ٿيندو.

**مطلب:**

١٣.١ ٻين سان ڀيچي ٿيڻ سبب، پاڻ ۾ ٻه سگهه وڌندي.

١٣.٢ ٻه ته ٻارنهن.

## ١۴. جي سنجهي سمهن، سي سوير اٿن. (چوڻي/پهاڪو)

سوير سمهڻ ۽ سوير اٿڻ، صحت جي اصولن مان بنيادي اصول آهن. ائين ڪرڻ وارو، صحتمند رهي ٿو ۽ بيماري ويجهو نه ٿي اچيس. جنهن سبب حڪيمن/ طبيبن جي پڙ نه ٿو پوي. حڪمين حاڪمين، خدا دشمن کي ٻه تات نه وجهي. دوا ڪان پرهيز ڀلي آهي. پرهيز، بيمار ماڻهو ڪندو آهي. صحتمند کي اُپاءَ ونڻ گهرجن ته جيئن بيمار ٿئي ئي نه. ڀهريون اپاءُ، سوير سمهڻ، سوير اٿڻ آهي. ڪاڏو مناسب، صحت بخش ۽ وقت تي ٻک آهر ۽ هَڏَ سهائيندو ڪائجي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مطلب:

١٤.١ سوير سمجهي، سوير اٿجي، اول نالو ڏڻيءَ جو ڳنهجي.

١٤.٢ Early to bed and early to rise, makes a man; healthy, wealthy & wise

## ١٥. درياءَ جي آر تي، ڌَنَ-پتي پيار تي،
## مسڪين يار تي، ڪا ميار ڪانهي. (چوڻي)

- درياءَ جو آر/ رخ/ ليٽ، پاڻيءَ جي چاڙهَ ۽ لاهَ سبب ٿئي ٿو. پاڻي، چاڙهه سبب ۽ پنهنجي طاقت آهر، هر ڏِسُ ۽ رُخَ ۾ ڪاهي پوندو آهي. جتي ڪيس ڪمزور جاءِ يا هنڌ ملندو آهي، اتان گس ناهيون، ٻوڙان ٻوڙ ڪندو ويندو آهي. پوءِ ڪيس روڪڻ، ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهه ناهي.
- ڌن-پتيءَ/ پئسي واري سان پيار، پئسن جي هئڻ سبب هوندو آهي. پئسي وارو، پئسا ڏيکاري هِرڪائيندو آهي. معشوق، حسن جو جادو هلائي، لالچ ۾ پئسا ڪڍڻ ۾ مگن هوندو آهي. ٻنهي ۾ جان فدا ڪرڻ وارو جذبو گهٽ هوندو آهي. لکن ۾ ڪو پئسي وارو، سچو پيار ڪندو آهي، نہ تہ هر ڪنهن جي ياري، ڪم ڪڍڻ ۽ پاڪر پائڻ تائين محدود هوندي آهي.
- مسڪين يار، پنهنجي پيٽ پالڻ ۾ پورو هوندو آهي، سو دوستن تي ڇا قربان ڪري؟ هرڪو ڪانئس پڇندو آهي تہ متان سوال نہ ڪري. وقت تي ڪم اچڻ بجاءِ، پاڻ پيو، پٺيندو ۽ ڦُريندو.

مطلب:

١٥.١ سچا عاشق، پيٽو دي آچارِ.

١٥.٢ زر بسيار، عشق نهه پهه، زر نيست، عشق ڦون ڦون.

١٥.٣ مطلب هووي تو پيار بہ ڪرلي، نهين تو دنيا مطلب دي هو يار.

## ١٦. دولت ڪي باهہ ۽ چور جو رهي ڏپ ڏاءُ،
## علم ڪي نہ ڪير لُٽي، نہ لڳيس ڪوسو واءُ. (چوڻي)

- ڌن دولت، هڪ هٿ کان ٻئي هٿ تائين وڃي تہ پوئين هٿ وٽان کُٽي ۽ اڳئين هَٿَ وٽ وڌي. اها ڪير کٽي بہ سگهي، چورائي بہ سگهي، ڦري بہ سگهي، ساڙي بہ سگهي. دولت جو تعلق، بي بقا، ناپائدار ۽ بنا جٽاءَ جي آهي. ان ڪي هٿ ڪرڻ لاءِ، پاڻ پتوڙڻ/ سر کپائڻ عبث آهي.
- علم وڏي دولت آهي. ورهائڻ سان وڌي، ونڊڻ واري وٽ تہ وڌي پر ورهائڻ/ ونڊڻ واري وٽ بيٺو ٿئي. علم واري کي جتي ڪٿي مانُ ملي. روزگار/ ذريعہ معاش هٿ ڪرڻ، علم واري لاءِ اڻ پڙهيي دولتمند جي ڀيٽ ۾، تمام آسان آهي. اهڙي جٽادار دولت هٿ ڪرڻ لاءِ سر توڙ محنت ڪرڻ گهرجي.

مطلب:



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

١٦.١ ڪاڌي خرار ڪتي وجن.

١٦.٢ چاهين تہ پُٽ سکيو رهي تہ ڪيس هٿ جو هنر سيکار.

١٦.٣ اب جو ڏنو ڪم نہ اچي، جاسين رب نہ ڏئي.

## ١٧.رڍ ٿلهي متار، تہ بہ پول ڍڪي پنهنجو. (پهاڪو)

رڍ، فطرتي طور تي ڪمزور دل جانور آهي. ويڙهاڪ بہ ناهي. ڪيڏو بہ ڪائي پي مچي، تڏهن بہ ٿلهي ٿيڻ کان سواءِ، ڪيس ڪوبہ فائدو نہ ٿيندو. سندس ٿلهو ٿيڻ، هڪ لحاظ کان، سندس لاءِ نقصانڪار آهي، جو ڪاسائي ڪيس ڪهڻ لاءِ پيو تاڙيندو. ٻي صورت ۾ ٿلهو متارو ٿيڻ سان، ڏُنب وڌندس، جنهن جو بار بہ ڪيس ئي ڪڻڻو پوندو. ڏُنب وڌڻ سان فقط پنهنجي پولھ کي ڍڪيندي، جنهن سببان سندس حامل ٿيڻ وارو معاملو بہ بگڙجي سگهي ٿو.

**مطلب:**

١٧.١ ڪمزور ماڻهوءَ لاءِ گهڻو مال ميڙڻ، بجاءِ نفعي ڏيڻ جي، گهاٽي جو سودو آهي. ڪيس گهرجي تہ پنهنجي حال ۾ شاڪر ۽ پرسُڪون رهي.

## ١٨.ريشم ۾ بافتي جو ٽڪر نہ لڳندو. (پهاڪو)

ريشمي ڪپڙو ڦاٽي تہ ان کي اڳڙي/ ٿُن/ چتي بہ ساڳئي ڪپڙي جي سونهندي. سادي يا سوٽي ڪپڙي جي چتي نہ مٿس ٻيهندي نہ سونهندي.

جنس جنس سان گڏ گهمندي ڦرندي آهي.

اهڙيءَ طرح ياري دوستي ۾ هم عمر، هم پلہ، هم پيشہ، هم جنس، هم ذات سان سونهندي آهي. گڏهہ ۽ گهوڙي جي ياري، عيب کان خالي ناهي. برابريءَ جي بنياد تي رکيل ياري/ سنگت، جٽادار ۽ سونهندڙ هوندي آهي.

**مطلب:**

١٨.١ ياري، پڳ مٽ سان رکجي.

١٨.٢ پَٽ پراڻو، تہ بہ ڪو جنڊ جو نائو؟! (پهاڪو)

١٨.٣ هم جنس باهم جنس ڪرد پرواز،
ڪبوتر با ڪبوتر، باز با باز. (فارسي)

## ١٩.ريءَ ڪتيي، ريءَ وٽيي، پُٽ سيجڙي نہ پسي. (چوڻي)

سيجڙي پسڻ: سيج تي چڙهڻ، عروسي رات ملهائڻ، ڪنوار ماڻڻ.

مائٽ بہ شادي ان پٽ جي ڪرائيندا آهن، جيڪو محنت ڪري ڪمائيندو آهي ۽ پاڻ کي شاديءَ لائق ثابت ڪندو آهي. جنهن ۾ ڪمائڻ جي لياقت/ سگهہ/ فهم نہ هوندو، سو گهر هلائڻ جي بہ قابل نہ هوندو، ان کي ڌيءُ ڪير بہ نہ ڏيندو. نہ ئي مائٽ ان کي پٽائڻ لاءِ مٿا مونا ڏيندا آهن.

**مطلب:**

١٩.١ نہ ڪتڻ ۽ نہ ڪمائڻ واري لاءِ، هر ڪم مشڪل آهي.



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

١٩.٢ بنا محنت جي ڪاميابي حاصل نٿي ٿئي.
١٩.٣ محنت جو ڦل مٺو آهي.

## ٢٠. زال، ٻار ۽ غلام، سونٽي سان سڌا. (چوڻي)

- زال/ عورت، گهر ۾ بند هئڻ سبب، ٻاهرين گهٽ معاملن کي سمجهڻ لاءِ ناقص العقل هوندي آهي. ڪيس ڪڙيءَ ۾ عقل ۽ مغز ۾ ضد ۾ پريل هوندو آهي. هوڏ سبب، ڪيس سمجهائڻيامت ڏسڻ، سولو ڪم ناهي. ڪي معاملا اهڙا هوندا آهن، جن ۾ سمجهائڻ لاءِ وقت وڃائڻ سبب، ڪيئي نقصان پوڻ جا انديشا هوندا آهن. جنهن ڪري بجاءِ ڪيس تقرير ۽ دليل سان سمجهائڻ جي، سڌي راند سونٽي جي ڪجي ته بهتر ٿيندو.
- ٻار، نو-آموز/ سيڪڙات هئڻ سبب، دنيا جي معاملن کي سمجهڻ ۾ گهٽ دلچسپي وٺندو آهي. نفعي نقصان جي ڪيس گهٽ خبر پوندي آهي. ڪم-علميءَ سبب مَن ماني ڪندو. ڪيس سمجهائڻ لاءِ وقت وڃائڻ سبب، ڪن معاملن ۾ سڌو سونٽي سان سيڪارڻ وارو عمل جاري ڪرڻ بهتر هوندو آهي.
- غلام/ نوڪر/ ٻانهو/ ملازم، غير ذميوار هئڻ سبب، نفعي نقصان جو انديشو نه رکندو آهي. ڪيس پنهنجي پگهار/ پيٽ پرجڻ سان سروڪار هوندو آهي. پوءِ پلي مالڪ جي سڙي يا ٻڏي. ڪيس نصيحت ڪرڻ عبث آهي. چو جو ڪيس ڪم ڪرڻ جو شوق هجي ها ته پنهنجي گهر ۾ ئي گهٽو هئس، ٻيلي چا لاءِ بينو؟ ان ڪري ڪيس، جيستائين مولا بخش سان مهميز نه ڏبي تيستائين نه سڌرندو.

مطلب:

٢٠.١ عرشان لٿيان چار ڪتابان، پنجوان ڏنڊا،
ڪتابان اوه نه ڪيتا، جيهڙا ڪيتا ڏنڊا. (پنجابي، چوڻي)
٢٠.٢ مار، سنوار.
٢٠.٣ مار، پوت پڄايو چڙي.
٢٠.٤ سوٽي هجي ساڻ، گڏهه گوهي نه ڪري.
٢٠.٥ Spare the rod, spoil the child.

## ٢١. زال جَڻ مان آڇي، ڳئون ڏڻ مان آڇي. (چوڻي/ پهاڪو)

- ڏڳي هميشه پاڳيي ڪان خريد ڪجي. اڪيلي چريل يا پڙيءَ تان ورتل، عيب ڪان خالي نه هوندي. ڏڳي، مينهن، ٻڪري وغيره، ڄاڻوءَ ماڻهوءَ جي معرفت، ڳولها ڦولها ڪان پوءِ، ڪنهن پاڳيي جي وٿاڻ تان، ڌڻ ۾ پليل وٺجي. اها ٿاهڙ نه هوندي، ڏچر نه هوندي، سچر ۽ سيبتي هوندي.
- شادي ڏسي وائسي ڪنهن خاندان مان وڏن جي معرفت ڪجي. نه پڳل ڪي ويهارجي ۽ نه ئي پڄائي وٺي اچجي. پڳل ٻانهن جا، نه ساهرا نه پيڪا ۽ نه وري ڪنهن هڪ گهر ۾ ٽڪي ئي سگهندي. چڱي نسل جو نه اولاد ڄڻي ڏئي سگهندي، نه ئي سندن چڱي پرورش ڪري


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سگهندي. اندر جي هُٺ-ڪُٺي سبب، مڙس جي ڀرپور نموني وفاداريءَ سان خدمت نہ ڪري سگهندي.

**مطلب:**

٢١.١ هر شيءِ ڏسي وائسي خريد ڪجي.
٢١.٢ ٽڪي جي دانگي وٺجي تہ بہ ٺڪي ٺڪائي وٺجي.

## ٢٢. زال وڏين واتين، ڪهاڙي ڳاڙهي ڳنين،
## راڄ پرائي ڪنين، ٽيئي نہ ٽيا. (چوڻي)

وڏين واتين: واترادي، گاريال، جهيڙاڪار.

ڳاڙهي ڳنين: خون/ رت ۾ رڱيل، قتل ۾ ملوث

پرائي ڪنين: پراون ڪنن سان ٻڌندڙ، ڪنن جو ڪچو، گلا ٻڌڻ جو عادي.

- جهيڙاڪر، بد پيشہ کان خراب. بد پيشہ مجبوريءَ تحت، خاص ماڻهوءَ آڏو ان جي خواهش مطابق ان وانگر پاڻ کي اگهاڙو ڪري ٿي. جڏهن تہ گاريال، عام ماڻهن آڏو، پنهنجي وات جي زور تي، اڳلن جي خواهش خلاف پاڻ کي اگهاڙو ڪري ٿي. جنهن ڪري ائين بہ چئبو آهي تہ، جنگهن ڏرائيءَ کان وات ڏرائي خراب.
- ڪهاڙي، اها جيڪا تيز ڦر واري هجي ۽ ڪاٺ ڪپڻ يا مال لاءِ ٿاريون ڇانگهڻ واسطي ڪم اچي. ماڻهن کي ڪهڻ لاءِ ڪتب آيل ڪهاڙي فائدي واري ناهي. هتي ڪهاڙي ڪٽندڙ ڏانهن اشارو آهي. ڪيس نصيحت ڪيل آهي تہ عام ڀلائيءَ جي ڪمن واسطي ڪهاڙي ڏارجي، انساني نسل کي ختم ڪرڻ لاءِ نہ ڏارجي.
- راڄ/ حاڪم/ آفيسر بہ اهو ڀلو جيڪو پنهنجي دل دماغ سان فيصلا ڪري. ڪنن جو ڪچو يا ٻين جي صلاحن تي هلندڙ آفيسر/ حاڪم بہ ملازم/ رعيت لاءِ ڀوَيون ڏينهن هوندو آهي. انصاف نہ ڪري سگهندو آهي. ٻين جي چوڻ تي هلي، فقط ظلم ئي ڪري سگهندو آهي.

**مطلب:**

٢٢.١ زال اها جا ڪُرَ اُجاري، ڪهاڙي اُها جا ڪاٺ ڏاري، راڄ اهو جو پُڇي ماري.

## ٢٣. سيڪو سياوي سهڻو ڪونهي. (چوڻي/ پهاڪو)

اکر آهن ٽي: آوي، ڀاوي، سياوي. ٽنهي اکرن جو بنيادي محرڪ ساڳيو آهي.

آويءَ ۾ ڪنير ڪچا ٿانءَ وجهي، پڪا ڪري ڪيندو آهي.

ڀاويءَ ۾ ڀوڳڙي ڀڳڙا ڀُڃندو آهي.

سياوي: ماءُ جي ڪک، جنهن ۾ ٻار سرجندو آهي.

دنيا جي تختي تي، هرڪو ماءُ جي ڪک ۾ سنجرڻ بعد جنم وٺي ٿو. انهيءَ سنجرڻ واري عمل مان سمورا سهڻا تي نہ ٿا نڪرن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

دنيا ۾ هر شيءِ جا ٻه پهلو يا روپ آهن. ماڻهو صورت جي حساب سان يا سهڻو هوندو يا ڪوجهو هوندو. اهڙيءَ طرح سيرت جي لحاظ کان پڻ يا خوش خلق هوندو يا بد-خلق، خوشبودار هوندو يا بدبودار.

ماءُ جي کک، ڪنير جي آويءَ وانگر آهي. منجهانئس ڪي ڪچا ڪي وڏيڪ پڪل، ڪي سهڻا ته ڪي ڦڏا ٺانءَ نڪرن ٿا. سمورا انسان، ڪنهن به ڪارخاني مان، ساڳئي سانچي مان نهي نڪتل، ساڳئي ماڊل جي گاڏين وانگر هوبهو/ سودپود يا هڪجهڙا نه هوندا آهن. پلي ساڳيءَ کک مان نڪرن پر دنيا ۾ اچڻ بعد، هرهڪ کي تربيت لاءِ الڳ ماحول ملي ٿو. هر ڪنهن جي طبيعت پنهنجي حساب سان نهي ٿي ۽ نرالي ٿئي ٿي.

**مطلب:**

٢٣.١ ماڻهو سڀ نه سهڻا، پڪي سڀ نه هنجهه،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي.

## ٢٤. سٺ پچي سنڙيو، اسيءَ پچي جوئار،
## جي هاري اجا تڪڙو، ته ڏسي لاهه جي پاڙ.
(زرعي، چوڻي)

سنڙيو: ٻاجهريءَ جو قسم، جيڪو سٺ ڏينهن اندر پوکڻ پڄاڻان پچي راس ٿئي. جڏهن ته جوئر کي پوکڻ کان لڻڻ تائين، اسي ڏينهن درڪار آهن.

هاريءَ کي پوک پوکڻ وقت، اهو وقفو ذهن ۾ رکڻ گهرجي ۽ ان حساب سان، وقت سر زمين جي تياري ڪرڻ گهرجيس ته جيئن مند جو فصل وقتائتو ڪٽي سگهي.

جيڪڏهن هاريءَ کي اجا آڳاٽو فصل ڪپي ۽ ٻين کان اڳ ٻار ڪٽڻ گهري ٿو ته ڪيس زمين ۾ سخت محنت ڪرڻ گهرجي. زمين جي تياري آڳاٽي ڪري، منجهانئس لاهن جون پاڙون ٻاهر ڪڍي ڇڏي، ڇو جو لاهه، فصل لاءِ نقصانڪار آهي. منجهس هَرُ ڏکيو وهندو. هاريءَ کي زمين ۾، چٽ ڪيڙ وقت تڪليف ٿيندي ۽ لاهه سلي کي اسرڻ نه ڏيندو. ان ڪري هاريءَ کي پهرين لاهه ڪڍڻ گهرجن، ان کان پوءِ فصل پوکڻ گهرجي.

**مطلب:**

٢٤.١ سٺ پچي سنڙي، سو پچي جوار،
جتي ٿهان ٿئين تڪڙو ته لاهن پاڙون نهار. (ٿر، چوڻي)

## ٢٥. سوڙهي جُتيءَ کان، پير اگهاڙا ڀلا،
## گهر جي جهيڙي کان، جهنگ منهن ڀلو.
(فارسي، پهاڪو)

- سوڙهي جُتي، پير ڦٽيندي ۽ هلڻ ۾ پڻ هلاڪ ڪندي. منزل تي پهچڻ کان اڳ، ارواح ڪٽائي ڇڏيندي.
- ان جي برعڪس، اگهاڙو پير، ڪليل رهي ٿو. گرمي سرديءَ سان عادي ٿي، جانورن جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

Gul Hayat Institute

پيرن/ کُرن وانگر، سخت ٿي وڃي ٿو. ماڻهو هلڻ ۾ وچڙي نه ٿو ۽ نه ئي تنگي محسوس ڪري ٿو.

- گهر جهڙو سک ڪٿي به ناهي. جنهن کي گهر ۾ سڪون ناهي، سو جيڪر ملڪ منهن ڪري ته به ڪيس ڪٿي سڪون نه ملي. ان ڪري گهر کي ڪس ڪسر ڪائي، سڪون وارو بنائڻ جي ڪوشش ڪجي.

مطلب:

٢٥.١ گهر جو ڪروڌ، نڪرن جو پاڻي سڪائي.

٢٥.٢ جهنگ جو تتو گهر ۾ ٺري، گهر جو تتو ڪٿي نه ٺري.

٢٥.٣ ماحول موافق نه ملي ته پچڻ ڪم وريام جو آهي.

٢٥.٤ جتي پڄي نه سگهجي، اتي پڄڻ ڪم وريام جو.

## ٢٦. سونا سنج رکڻ سان، گڏھ گهوڙو نه ٿيندو،

### قاتل رلي رکڻ سان، گهوڙو گڏھ نه ٿيندو. (پهاڪو)

صلاحيت جو انحصار، جبلت تي آهي. جبلت قدرتي طرح هرهڪ ۾ ڪمپيوٽر جي Rom وانگر، اندروني طرح جُڙيل (In-built) هوندي آهي. جنهن کي دنيا جو ڪوبه پروگرامر، پروگرامنگ ڪري ختم نه ٿو ڪري سگهي. البته رخ ڦيرائڻ لاءِ، جدوجهد ڪري ڪامياب ٿي سگهي ٿو. چو جو فارسي چوڻي آهي، جبل گرد ، جبلت نه گرد.

ظاهري پوشاڪ سان، ظاهري بناوت به نه ڦرندي آهي.

اهو ئي سبب آهي جو ٻاهرئين سينگار جو، اندرين جبلت تي ڪوبه اثر نه پوندو آهي. اوچي پوشاڪ پهرڻ سان جاهل، عالم نه ٿي پوندو. سادي پوشاڪ ڍڪڻ سان عالم، جاهل نه پوندو.

پوشاڪ جو ماڻهوءَ جي ڪيفيت تي ته اثر ٿي سگهي ٿو، جلبت تي نه. ڪتاب جي پري مٿي تي کڻڻ، ڍگرين جي ڳوٿري ڪلهي تي رکڻ سان جٽ، عالم نه ٿيندو.

مطلب:

٢٦.١ ظاهري بناوت سان، علم نه ايندو آهي.

٢٦.٢ خوشبو آتي نهين، ڪاغذ کي ڦولون سي.

Gul Hayat Institute

## ٢٧. سون پرکجي ڪسوٽيءَ، روپو پرکجي باھ،

### ماڻهو پرکجي جڏهن، هيٺئون هيٺين سان لاھِ. (شاھ)

هر شيءِ کي پرکڻ/ جانچڻ/ آزمائڻ/ سڃاڻڻ لاءِ، دنيا ۾ ڪسوٽيون (Parameters) مقرر ٿيل آهن. جانور تي ٻار رکي ڏسبو، ڍڳي/ مينهن کي به چار ويلا ڏهي ڏسبو، ڏاند هر/گاڏيءَ ۾ جوٽي ڏسبو. گاڏيءَ جي ٽرائي وٺي ڏسبي. نوڪر کان به چار ڏينهن آزمائش طور ڪم ڪرائي ڏسبو. سون ۽ چانديءَ کي باھ تي رکي ڏسبو. نڪر کي وڄائي ڏسبو.

اهڙيءَ طرح ماڻهوءَ جي پرک ساٿس سنگت يا دوستي رکڻ سان، ساڻس واپار ڪرڻ، گڏجي سفر ڪرڻ يا پاڙي ۾ گڏ رهڻ سان ڪري سگهجي ٿي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**مطلب:**

٢٧.١ سون پرکجي کسوٽيءَ، روپو پرکجي باهه،
ماڻهو پرکجي تڏهن، جڏهن پاڙو پاڙي سان آهه.

## ٢٨. شاگرد جي دعا قبول پوي ته استاد هڪ نه بچي.

(چوڻي/ پهاڪو)

استاد/ والدين جي سختي/ مار، ڪنهن ظلم/ تنگ ڪرڻ سببان نه هوندي آهي. بلڪ شاگرد/ ٻار جي مستقبل کي سنوارڻ لاءِ هوندي آهي. جيئن ڪنير، مٽيءَ کي مار ڏئي، ڳُڌي منجهائنس ڪچا ٿانءَ ناهي ٿو، پوءِ بٺيءَ/آويءَ ۾ باهه تي پچائي، پڪا ڪري، ٻاهر ڪڍي ٿو، تيئن استاد/ والدين وارو معاملو آهي. جيڪڏهن ٻار تي گهري نظر نه رکبي ته نه سندس اخلاق سڌرندا ۽ نه ئي وري ذهني طور اوسر ڪائيندو. گهري نظر رکڻ پڄاڻان، آهستي آهستي ترقي ڪري، پاڻ-ڀرو ٿي، پيرين سيرين ٿيندو.

اهو ئي سبب آهي جو والدين/ استاد جي ڪيل سختيءَ جي موٽ ۾، شاگرد جي پٽ يا پاراتو، بي اثر هوندو آهي.

**مطلب:**

٢٨.١ عملن جو دارومدار نيت تي آهي ۽ هر ڪنهن کي پنهنجي نيت جو ڦهرو ملندو آهي.

## ٢٩. شل چرندي کي وَرَ نه پوي. (چوڻي)

چرندي: ڪائيندڙ پيئندڙ، صحتمند.

ور پوڻ: بيمار ٿيڻ، موڙهه ٿيڻ.

هر ڳالهه صحت سان مزو ڏيندي آهي. بيمار کي ڪابه شيءِ مزو نه ڏيندي آهي. سندس هر مزو ڪرڪرو هوندو آهي. نتيجي ۾ هر ڪم ۾ رڪاوٽ پئي پوندي آهي. بجاءِ ترقيءَ جي، هر قدم تنزل/ تباهيءَ ڏانهن هوندو آهي. نهيل ڪم به بگڙجي پوندا آهن. اڻ ڏٺا آزار، اکين آڏو اچي بيهي رهندا آهن.

بيماريءَ کان، ڏٺي سڄورو سڀ کي بچائي. شل سڀ کي سنئين لڳين هلائي ۽ سڀ جي من جي مراد پوري ڪري.

**مطلب:**

٢٩.١ شل چرندي کون ولا نه پوي.

٢٩.٢ شل ڪنهن جي مت نه منجهي.

٢٩.٣ شل ڪنهن جا جمي نه ڪرن، ڪنهن جا وڏي نه مرن.

## ٣٠. ڪَنُ ۽ مَنُ، ڪنهن سڄڻ کي ڏجي. (چوڻي)

ڪَنُ: ٻڌل ڳالهه.

مَنُ: دل، اندر جو راز.

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

راز يا ٻڌل ڳالهه، ٻئي کي ٻڌائڻ کان پوءِ، پرايا ٿي وڃن ٿا ۽ قيامت تائين راز نه ٿا رهن. منجهائن حاصل ٿيندڙ فائدو ملڻ بند ٿيو وڃي. وَسَ ويندي، سُر/ راز ڪنهن کي نه ڏجي.
ٻڌائڻ ضروري ٿي پوي ته پوءِ ڪنهن سجڻ کي ٻڌائجي. جيڪو سمجهدار هجي ۽ ان جو غلط مطلب/ مفهوم نه وٺي، نه ئي غلط پرچار ڪري.

**مطلب:**

٣٠.١ سِرُ ۽ سُرُ، ڪنهن سجڻ کي ڏجي.
٣٠.٢ مُٺ پيڙيائي پلي، اُپٽي ته واءُ،
پڌر پيئي ڳالهڙي، چڏي ويندي ساءُ.

## ٣١. ڪوري هر ڪا شيءِ ڀلي، پر ڀلي نه ذات. (چوڻي)

ڪورو: (ڪنڀارڪي محاوري ۾) آويءِ مان نڪتل نئون ٿانءُ، جنهنکي اُمايو نه ويو هجي.
ڪورو: (ڪورڪي محاوري ۾) اهو ڪپڙو جيڪو اجان ٿانَ جي صورت ۾ هجي ۽ ڪپي ڪوري، سبيو/ پاتو نه ويو هجي.
ڪورو: (لکڻ پڙهڻ جي محاوري ۾) اهو پنو، جنهن تي ڪجھ لکيو نه ويو آهي. ڪورو دستاويز (White Paper).
مٿين ٽنهي وصفن کي يڪجاءِ ڪري، هيئن مطلب اخذ ٿو ٿئي.
ڪورو: غير مستعمل، اڻ آزمايل، نئين.
ڪوري: ڪپڙو اُڻندڙ کي. جنهن پنيان آڳاٽي دور کان، سنڌ جي ذات.
ڪوري، ڪورڪي ڌنڌي ۾ ايترو مگن هوندا آهن جو ڪين ٻئي ڪنهن معاملي جي ڄاڻ گهٽ پوندي آهي. جنهنڪري ڪين، سيکڙاڻ، اڻ آزمودگار، ڇٽ ۽ مت جو موڙهيل سمجهيو ويندو آهي.
انهيءَ سببان سندن ذات کي ٻين ذاتين جي ڀيٽ ۾ گهٽ اهميت حاصل آهي.

**مطلب:**

٣١.١ نئين هرڪا شيءِ ڀلي آهي، سواءِ نو آموز جي.
٣١.٢ ڪورڪي ذات، ڪاسبي هئڻ سبب، عزت جي نگاهه سان گهٽ ڏٺي وڃي ٿي.
ڇتر طور ڪورين لاءِ هينيون چوڻيون به رواج ۾ آهن.
٣١.٣ ڪوري، مت ٿوري.
٣١.٤ ڪوري چڙهيا شڪار، مولا خير گذار.
٣١.٥ بخت کي ڄائي آهي پيڻ، تڏهن ڪوري ٿيا آهن ڪلارڪ.
٣١.٦ هيٺو وڏيرو، ڪورين لاءِ قهار.
٣١.٧ ڪورياڻيءَ تٽ ڪونه ڏنو، گڏهه ڪوڙو ڙي ڪوڙو.

## ٣٢. ڪياڙيءَ جي ٻجي ڪان، منهن جو ٻجو ڀلو. (پهاڪو)

ڪياڙيءَ جو ٻجو: پرپٺ ڳلا/ غيبت/ عيب جوئي.
منهن جو ٻجو: منهن سامهون عيب ٻڌائڻ، نصيحت ڪرڻ.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پر پُٺ ڪيل گلا سان، اڳلي وٽ اها ڳالهه الائي ڪهڙي رنگ ۾ وڃي پهچندي. ان ڪان علاوه پاڻ تي گناهه الڳ چڙهندو. اڳلو ان کي نصيحت نہ سمجهندو، بلڪ خلق-خواري سمجهندو ۽ بجاءِ سڌرڻ/ احسان مڃڻ جي چڙ کائيندو.

ان جي برعڪس، سامهون ٻڌايل عيب کي، اڳلو بدناموسي گهٽ سمجهندو. مناسب لفظن ۾ ڪيل نصيحت کي، هٿائين هيئين سان هنڊائي، پاڻ ۾ اصلاح بہ آڻيندو ۽ ٿورو پڻ مڃيندو.

**مطلب:**

٣٢.١ گلا/ غيبت کان پاسو ڪجي.

## ٣٣. گابو ڪپڙ- چٻٽو، سوئا سينڌي، سُچر سواري،
## الَڙ ڪتو، بندوق ڏوردار، پنج ئي بيڪار. (چوڻي)

ڪپڙ-چٻٽو: ڪپڙا چباڙڻ جو عادي.

سوئا: ويايل، ٻار واري.

سينڌي: يارِ، سنگتياڻي، جنهن سان ناجائز جنسي تعلقات واري سنگت هجي.

سُچر: گهڻ - ڪائڪ، پيٽ- هٿيو، پيٽوڙي.

الَڙ: نہ وڙهندڙ.

ڏوردار: منهن مان پرجندڙ.

- گهر/ اوطاق ۾ پرائو پنهنجو رکيل ڪپڙو، ڪپڙ-چٽي گابي کان محفوظ نہ هوندو.
- سوئا سينڌي/ اها سنگتياڻي، جنهن کي ڪير پياڪ ٻار ٿڃن تي هجي. ان مان وقت تي ڪم نہ نڪرندو.
- سُچر/ گهڻ-ڪائڪ وهٽ بہ وقت تي ڪاڏي جي هيچ ڪري اٽندو ناهي ۽ ڪم جو نہ رهندو آهي.
- الڙ ڪتو: جنهن کي شڪار جي ٽريننگ مليل نہ هجي، شڪار تہ وڃائيندو پر ڏٽيءَ کي بہ اوجهڙ ۾ رلائيندو.
- بندوق ڏوردار: اهڙي بندوق جيڪا منهن مان پرجي، سا دشمن سان مقابلو ڪرڻ وقت، شڪست جو سبب ئي بڻبي. ان جي برعڪس آٽوميٽڪ يا سيمي آٽوميٽڪ بندوق وري بہ ڪارائتي هوندي آهي. ان جي ڪارڪردگي تڪڙي، لاياتي ۽ وقتائتي هوندي آهي.

**مطلب:**

٣٣.١ بہ-چتيو ماڻهو، ڪارائتو نہ ٿو رهي.

٣٣.٢ ماڃين جو ڪتو، گدڙ جو ساٿي.

٣٣.٣ جنگهان يارن وٽ، هلي ٿي گنبٽ.

## ٣٤. گاڏي آئي، چريا ڪو نہ ويا. (پهاڪو)

ريل گاڏي، ملڪ جي هڪ طرف کان ٻئي طرف هلي ٿي. ائين وري موٽي ٿي. جيڪڏهن سمورا چريا، مزي ونڻ خاطر منجهس بنا ٽڪيٽ قبضو ڪري ويهي رهن، جيڪر جُوءِ خالي ٿي وڃي. جيئن تہ گاڏيون هلن ٿي ملڪ اندر ٿيون، تنهنڪري، چريا هوندا تہ ملڪ ۾ ئي. جيڪڏهن گاڏي هڪ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

طرف کان وڃي ۽ ٻئي طرف کان موٽي ئي نه ته ان صورت ۾ چرين جي ڪتڻ جو آسرو ڪري سگهجي.
سياڻن جو چوڻ آهي: جيڪڏهن گاڏي نه به موٽي، ان صورت ۾ به چريا ڪو نه ڪتندا. ان جو سبب اهو آهي ته هڪ ته چريا ڪتڻ کان گهٽا آهن ۽ ٻيو ايترا چريا به ناهن جو پنهنجي نفعي نقصان کي نه سمجهي سگهن. ڳوٺ ۽ ملڪ هر چريي کي به پيارو آهي.

**مطلب:**

٣۴.١ جاڄڪ چريو، ته به لتا لاهي پنهنجن ڏانهن اڇلي.
٣۴.٢ سيوهاڻي چريو، ته به پتر گهر ڏانهن ڊوئي.
٣۴.٣ چانڊيا چريا، ته به ڳڙ جا پيند پنهنجن ڏانهن اڇلين.
٣۴.۴ چرين جي لوڏ گهٽي آهي، جنهن ۾ اڪثريت مطلبين جي آهي.

### ٣۵. مرد ڪري ٻڪ ڪري، زال ڪري نٽ ڪري،
### گهوڙو ڪري ڏڪ ڪري، مڙس ڪري شڪ ڪري،
### زمين ڪري اَڪ ڪري، موسم ڪري جهڪ ڪري. (چوڻي)

هن چوڻيءَ ۾ ڇهن شين جي ڪرڻ جون نشانيون ٻڌايون ويون آهن.

- مرد ماڻهوءَ کي شائستو رهڻ گهرجي. گاريون ڏيڻ، ڌڙڻ، جهيڙو ڪرڻ، زال ۽ گهر وارن کي تنگ ڪرڻ سندس شان ناهي.
- زال کي حياءُ سونهين ٿو. جيڪڏهن حياءَ جو زيور هٿان ڇڏي ڪرندي ته پوءِ رڳو نٽ نخرا هوندس ۽ گهر به ڪين ڪندي.
- گهوڙي جو ڪم آهي سڌو دڙڪي هلڻ، ان جي بجاءِ ڏڪَ ۾ ڪاهي پوندو ته ڪنهن ڪم جو ناهي. ٽانگي/ بگيءَ ۾ جوٽڻ سان، سواريءَ کي بيزار ڪري وجهندو.
- مڙس ٻين زالن وٽ ڪرندو ته پنهنجيءَ زال ۽ پاڙيوارين کي شَڪ جي نگاهه سان ڏسندو ۽ ساڻن برو ورتاءُ هلندو.
- زمين سان محنت نه ڪبي ته منجهس پاٽمرادواڪ، ڪرڙ، ڪانديرا ٿيندا، جن ۾ نانگ بلائون رهنديون. اها زمين، بجاءِ فائدي ڏيڻ جي، جيءَ لاءِ جنجال ٿي پوندي.
- موسم ڪرندي آهي ته جهڪون لڳنديون آهن. مٽيءَ جي طوفانن ۾ انبن جو ٻور ته ڇڻندو آهي پر ڪچا پڪا انب به ڇڻي ويندا آهن ۽ باغائي پينگ ٿي ويندا آهن، ڇو جو وڻ به پاڙئون اکڙي ويندا آهن.

**مطلب:**

٣۵.١ ڪرڻ يا فطرت جي قانون کان هٽڻ سان وڏا نقصان ٿين ٿا.

### ٣٦. مڙس جي ڦِٽي، جيل ۾ وڃي،
### ڏڳي جي ڦِٽي، گهاٽي ۾ وڃي،
### گهوڙي جي ڦِٽي، ٽانگي ۾ وڃي. (چوڻي)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪڏهن ڪڏهن ڪي ڏنڏا ۽ ڪي رهڻ جون جايون، نحوست واريون به سمجهيون وينديون آهن. نياڳ کي انهن ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي.

- مڙس ۽ شينهن، آزاد گهمڻ ۾ مزو ماڻيندا آهن ۽ ياڳ وارا سمجهيا ويندا آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته قيد/ پڃرا، نهيا به مردن/ شينهن لاءِ آهن، انهن کي ٽوڙيندا به مرد/ شينهن آهن.
- ڏڳو، بار ڍوئڻ ۽ هَرَ ڪاهڻ جي ڪم اچي ٿو. جڏهن ته گهاٽي ۾ وهڻ سندس هلڻي ڦيرائي ڇڏيندو آهي. جنهنڪري گهاٽي ۾ وهڻ، سندس قسمت ڦِٽڻ جي مترادف سمجهيو ويندو آهي.
- گهوڙو، اڳاٽي زماني ۾ سواريءَ لاءِ ڪم ايندو هيو. ڊڪڻ ۽ جنگ ۾ وڙهڻ لاءِ گهوڙي جهڙي ڪابه سواري ناهي. جابلو ۽ سنگلاخ زمينن ۾ گهوڙو ڪم ايندو هيو. جنهنڪري ڪيس، گهوڙيسوار ۽ سئيس، ڪيس ڪونيندا ئي بوراق هيا. ان جي ابتڙ ٽانگي ۾ وهڻ سبب، ڪيس پابند رستن تي هلڻو ٿو پوي. پابنديءَ جو مڙهجڻ به قسمت ڦٽڻ وانگر آهي.

**مطلب:**

٣٦.١ گهوڙي جي ڦٽي، وهي ٽانگي ۾،
ڏاند جي ڦٽي، وهي گهاٽي ۾،
آفيسر جي ڦٽي، نوڪري ڪري لاڙڪاڻي ۾.

**٣٧. مسافر کي ماني ڪارائڻ ۾، لائق نياڻي اتارڻ ۾،**
**لاش دفنائڻ ۾، دير نه ڪجي. (چوڻي)**

- مسافر، ٻاهران سفر جي سختين سبب هتوتتو ايندو آهي. نفسياتي ڪيفيت، ڪجهه بي هوندي اٿس. ڪانئس حال احوال ونڻ کان پهرين، سندس آڏو ٻاڻي ماني رکڻ ضروري آهي ته جيئن سامت ۾ اچي ۽ ڪيفيت به نيڪ ٿئيس. ان بعد ئي ساڻس ڳالهائڻ گهرجي. ڇو جو ٻاهران آيل جو، ڳالهائڻ به اڪڙيل اڪڙيل هوندو آهي.
- لائق نياڻي، وقت سر اتارجي ته اتي به وينديءَ ۽ گهر به ڪندي. ٻارن ٻچن ڄڻڻ جي صلاحيت ۽ مڙس کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪري متس ڪنٽرول ڪرڻ جي صلاحيت به هوندس. ان جي برعڪس، وقت گذرڻ پڄاڻان، ويهجي وئي ته ويهجي ئي ويندي. پوءِ منجهس مٿيون خوبيون نه ٿيون رهن. يا موراڳو سندس لاءِ رشتا اچڻ به بند ٿي ويندا آهن.
- مئل جو، جسماني طرح، جيئرن سان تعلق منقطع ٿي وڃي ٿو. هاڻي پرائي امانت آهي. پرائي امانت رکڻ بجاءِ، جلد ڏٽين وٽ پهچائجي ته بهتر آهي.

مٿين ٽنهي ڪمن ۾ ڪيل دير، معاملي کي الجهائيندي ۽ مسئلا ڪڙا ڪندي.

**مطلب:**

٣٧.١ اپير اچي جهنگا، ٻولي بي ڏنگا. (ٽري، چوڻي)
٣٧.٢ ڏيئون ۽ مچيون، ناهن رکڻ جون شيون.
٣٧.٣ ادي سهڻي، ته به نه ادي لائق نه ابي لائق.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

### ٣٨. مڱڻهار، ميراثي ۽ حجامڻ جو پيٽ،
### پرجڻ جو ڪونهي. (چوڻي)

- مڱڻهار، لنگهو، ميراثي ۽ حجم ڪاسبي آهن. اهي موٽ ۾ ڪا شيءِ (Commodity) نہ ڏيندا آهن، البتہ خدمت ڪندا آهن. جيئن مڱڻهار دهل وڄائڻ واري، ميراثي راڳ چوڻ واري ۽ حجم حجامت واري. سندن، ماڻهن سان ڏيهاڙي جو واسطو آهي. ڳالهائڻ جا ڏاڍا تکڙ تيندا آهن. ماڻهو ماڻهوءَ کي سڃاڻندا آهن. مڱڻهار، منهن ڏسي منائي منگندا آهن. حجم/منگي منڊي ڏسي، ڪٽائي ڪندا آهن.
- جيئن تہ ڪين ڏيهاڙيءَ جي (ريزکي طور) حساب سان دان ملندو آهي، ان ڪري هميشہ گهٽي جا تمنائي هوندا آهن.
- مڱڻهار ۽ لنگهي کي لالچ گهٽي هوندي آهي. ڪيڏو بہ مليس تہ بہ پيو ڦيڪاريءَ وانگر ٻاڪاريندو ۽ ڊنڍورو پٽيندو. ڪين جو ڪينگر، ڪلهي تي هوندس. گهور وني بہ چوندو: گهور مهل ٿوڙو لڳو هئو، ڪونہ هئس، تنهنڪري مان رهجي ويس.
- اهڙيءَ طرح حجم کي ڳالهائڻ جي ٻِٽ پيل هوندي آهي. سندس زبان، سندس قئنچيءَ کان تيز هلندي آهي. چڱن پلن جو متو ڪوڙڻ جو، تمغو بہ کيس ئي حاصل هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڳالهائڻ کان پيٽ نہ پربو اٿس.

**مطلب:**

٣٨.١ لنگهو، پيٽ ۽ لن، پرجي نہ پرجن.

### ٣٩. مُلين جي خيرات، ڪانءَ جو لڳ،
### ڪنهن کو نہ ڏنو آهي. (چوڻي)

- ڪانءُ، لڳ جي حساب سان ڏاڍو لڄارو پڪي آهي. ڪلي عام، ماديءَ تي نہ چڙهندو آهي. جڏهن تہ گرم ايترو آهي جو ڪانيوليءَ کان علاوه ڪوئل جي ڪوکڻ تي، ڪوئل تي بہ چڙهندو آهي.
- ملان ويچارو ٻين کي الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جي تلقين ڏاڍي ڪندو آهي. غريب هئڻ سبب متس عمل نہ ڪري سگهندو آهي. جڏهن امير تي، زکوات خيرات ڏيڻ جي قابل ٿيندو آهي تہ ملو نہ رهندو آهي. بلڪ حاجي، صوفي يا زوار تي پوندو آهي.

**مطلب:**

٣٩.١ پائي مار و چشم مور و خير ملا کس نہ ديد. (فارسي)

٣٩.٢ نانگ جو پير، ڪول جي اک، ملان جو دان، ڪنهن نہ ڏٺا آهن. (ترجمو)

٣٩.٣ ملان جو خير، نانگ جو پير، ڪول جون اکيون، ڪنهن نہ ڏٺيون.

### ٤٠. نئڙت کان، سنوت پلي. (چوڻي)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

نئڙت خدا آڏو ڪرڻي آهي، انسان آڏو جهڪڻو ناهي. انسان آڏو جهڪڻ سان، اڳلي ڪي تڪبر/ وڏائي ايندي. ٻين ڪي حقير ۽ غلام، نيچ ۽ بوٽ-چٽائو پيو سمجهندو. ساڻن ناروا سلوڪ پيو ڪندو.

ان جي برعڪس دوستي/ ڀائپي/ برادري قائم رکڻ لاءِ هڪجهڙائي/ برابريءَ وارو رويو اختيار ڪرڻ ضروري آهي. ان سان عزت رهجي ايندي. هڪ ٻئي لاءِ دل ۾ احترام به رهندو.

**مطلب:**

۴۰.۱ مون پرين مون سين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ماجر، ڪڪرالي ۽ ڪاري ڇاڻ جا چوڻيون/ پهاڪا

سال ١٩٩٦ع ڌاري، رهبر ادبي سوسائٽي (راس) حيدرآباد پاران، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري صاحب، پاڪستان نيشنل سينٽر ۾، تقسيمِ اسناد لاءِ سيمينار ڪرايو هيو، جنهن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دعوت نامو نه ڏنائين پر پروگرام ۾ ساڻ وٺي به هليو. ان دعوت ۾ ڳالهائڻ لاءِ ادبي ميدان جي وڏين ۽ معزز شخصيتن ڪي ڪوٺ ڏنل هئي، جنهنڪري اتي وڃڻ پاڻ تي ضروري سمجهيم.

پروگرام شروع ٿيڻ کان اڳ، گڏ ٿيڻ دوران، اڳينءَ قطار ۾ وينو هئس. منهنجي پر ۾ اڌڙوٽ عمر جو، سونهاريءَ سان هڪڙو بزرگ شخص وينو هيو. ان تعارف ڪرائڻ واري ارادي سان، پاڻمرادو پڇيو: "اوهان جو به لکڻ سان تعلق آهي؟!"

"مڙيئي تورو گهڻو!" ڪيس جواب ڏنم.

"ڇا تي ٿا لکو؟"

"هونئن ته ڪهاڻيون لکندو هئس. هاڻي پهاڪن ۽ چوڻين تي ڪم ڪري رهيو آهيان."

"ان ۾ ڇا ٿا ڪريو؟"

"في الحال ته لغت جي تياريءَ ۾ لڳل آهيان."

"لغت ۾ ڪتان ڪتان جا پهاڪا ۽ چوڻيون گڏ ڪيا اٿو؟"

"سڄيءَ سنڌ جا ۽ سنڌي ادب ۾ مروج ٻين ٻولين جا پڻ!"

"هر علائقي جي حساب سان به پهاڪا آندا اٿو يا نه!؟"

"آندا ته سمورا اٿم پر علائقي جي نشاندهي آخر ۾ ڪئي اٿم. علائقي وار لغت تيار نه ڪئي اٿم، پر هاڻي لڳي ٿو ته شايد ائين ڪم مڪمل مشڪل ٿئي."

"ڇو؟" حيرت مان پڇيائين: "ڇو نه مڪمل ٿيندو؟"

"دراصل پنج هزار پهاڪن ۽ چوڻين تي مبني لغت تيار ڪري ڇڏي هيم. هاڻي هڪڙو ڪتاب، "ماجر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي" هٿ آيو، تنهن ته منهنجي محنت تي ئي پاڻي ڦيري ڇڏيو آهي."

"اهو ڪيئن؟"

"ان ۾ پنج ڇهه سؤ اهڙا پهاڪا ۽ چوڻيون ڏنل آهن، جيڪي منهنجي مسودي ۾ آيل ئي ناهن. اهو ڪتاب لکيو آهي حافظ حبيب سنڌيءَ، ان صاحب وري انهن جي معنيٰ به نه ڏني آهي."

"ها اها ڳالهه ته صحيح آهي." انتهائي ڪسر نفسيءَ ۽ حجاب مان ڪنڌ جهڪائيندي تبسم سان جواب ڏنائين: "حافظ حبيب مان آهيان، ڪتاب مون لکيو آهي. ان ۾ الاهي شيون ڇپائيءَ هيٺ نه آيون آهن. ڪجهه اداري جي پاليسيءَ سبب، ڪجهه جلدي هئڻ ڪري."

"جيڪڏهن توهان اهو ڪتاب لکيو آهي ته پوءِ اوهان جي مدد جي ضرورت پوندي."

"بلڪل جيڪا چوندؤ، سا اکين سان ڪبي!"

"مون ڪي ايڊريس ڏئي وڃو! توهان ڪي خط ذريعي لکي موڪليندس!"

حافظ حبيب سنڌيءَ سان، زندگيءَ ۾ اها پهرين روبرو ملاقات هئي، جنهن ۾ ساڻس براه راست، بلا ڪنهن توسط جي، تعارف ٿيو هيو. پاڻ انتهائي اشراف ۽ هڙان وڙان خرچ ڪرڻ وارو ماڻهو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

نثي ضلعي جي، سجاول سب-ڊويزن جي تنهي علائقن، ماجر، ڪڪرالي ۽ ڪاري چاڻ جي پهاڪن بابت، روبرو يا خطن ذريعي، معلومات خنده پيشانيءَ ۽ ڪليءَ دل سان پهچائيندو رهيو آهي.
وٺانئس، مٿين علائقن بابت، لاڙي ۽ جتڪي محاوري/ لهجي وارن پهاڪن ۽ چوڻين بابت چڱا تفصيل مليا آهن، جيڪي مذڪوره ڪتاب ۾ آيل ناهن. علم دوستن لاءِ هتي ڏجن ٿا ته جيئن هرڪو فائدو وٺي سگهي.

١. اجا ڪپڙا ڪيسا خالي، هلي گهمو چوهڙ جمالي. (چوڻي)

جاتيءَ ۾ غريب، مسڪين ۽ فقيري لڏي جا ماڻهو جام رهن ٿا. روزگار جا ذريعا گهٽ آهن، جنهنڪري نڪمٽن ۽ واندن ماڻهن ڪي ٿوڪ طور ائين چيو ويندو آهي.

مطلب:

١.١ چوهڙ جمالي، ڪيسا خالي مڙس موالي.

١.٢ اجا ڪپڙا ڪيسا خالي، هلي گهم دالي (ساهتي)

١.٣ اجا ڪپڙا ڪيسا خالي، ماڻهن ليکي ملڪ جو والي (ساهتي)

٢. ايءُ جي پونتريا پونءَ ته گهُنا ٻه گهوڙي چڙهيا.

(جتڪي، پهاڪو)

پونتريو: ٻٽيرو، ڳُتو، تتر جهڙو ميرانجهڙو پکي.

گهُنو: ماڻهوءَ جو نالو.

پونءُ: زمين، مٽي، ٻني.

گهُنو، ملاح قوم/ ذات جو فرد، نئينءَ مان گهوڙي وٺيو مٿس چڙهيو پئي آيو. رستي ۾ زمين جي رنگ جو پونتريو ٻه چِپ هنيو وينو هيو، جيڪو گهوڙيءَ جي سنبن جي آواز تي، پڙڪو ڪائي اوچتو اڏاڻو. سندس اوچتي اڏام تي، گهوڙيءَ ٺاهه ڪاڏو ۽ سئس وڃي پَٽِ پيو.
ڪِرڻ بعد، سوار پاڻ سنڀاليو. لٿا ڪپڙا ڇنڊي، پٽڪو ٻيهر ٻڌائين. گهوڙيءَ ڪي واڳ کان جهلي، پنِي نپريائين ۽ پنهنجي منهن سهڪندي چوڻ لڳو: “ايءُ جي پونتريا پونءَ ۾ ته گهنُا ٻه گهوڙي چڙهيا”.

مطلب:

٢.١ نئين ڪم ۾، اچانڪ تڪليف اچي ته سڏڙيا شوق ڇڏي وڃن.

٢.٢ خراب حالتون، مُهم-جوئيءَ تان ارواح ڪٽائي ڇڏينديون آهن.

٢.٣ جي پونتريا پونءَ ۾ ته گهنُا ٻه گهوڙي نه چڙهيا.

٣. بندر جي بازار ۾، سوين ٽڙٻا سور.

(جتڪي، چوڻي).

ٽڙٻا: ٽڙجندا،

سور: سوئر.



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هڪ جلباٽي فقير، شاهه بندر جي ماڻهن جي نارِوا سلوڪ کان ڪاوڙجي کين پاراتو ڏيندي چيو:
“بندر جي بازار ۾، سوين ٽڙبا سور.”
انهيءَ کان پوءِ، ستت ئي شهر تباهه ۽ پڙپانگ ٿي ويو. جنهن تان اها چوڻي مشهور ٿي.
**مطلب:**
٣.١ فقيرن سان ڦٽائبو ته پاڻ به ڦٽي وجبو.
٣.٢ فقيرن سان ڦٽائڻ وارا پاڻ به ڦٽي ويندا آهن.

**٤. بندر ڦٽو، سوڪي وٺي. (پهاڪو).**
شاهه بندر جي تباهيءَ بعد، ڪاري چاڙ جي ڪاچيل طرف واقع سوڪي بندر آباد ٿي ويو. شهرن جي آباد ۽ ڦٽڻ واري تاريخ ائين آهي ته هڪڙن جي تباهيءَ پڄاڻان، ويجهي چڪ وارا شهر وڌيا ۽ ويجهيا.
**مطلب:**
٤.١ هڪ جي تباهيءَ سان ٻئي جي آبادي ٿئي ٿي.
٤.٢ گهر جو وڏو لاڏاٽو ڪري ته پڳ ننڍن تي اچي.
٤.٣ ٽيڙهو ايرن، ڪتي لهي وڃي.
٤.٤ اسو ايري، لڏڙا لهي وڃن.

**٥. ٻتڙ ٻاجهه پريو، دولهه دربار ٻارا. (پهاڪو)**
ٻتڙ، بزرگ جو نالو. قاضي محمد سليمان، تاريخ سميجا ۾ ص ٤٧ تي سندس شجرو هيئن ڏنو آهي:
ٻتڙ بن چچر بن منهيا بن ڀاڻون بن ڏيرو بن ٽيهو بن اڙ بن سمون راءِ رائيڌن.
ٻاجهه پريو: وڏيڪ پيارو.
دولهه: بزرگ جو نالو.
ٻارا: ٻاهر آهي.
ٻتڙ سميجو، پنهنجي دور جو پهتل ۽ الله لوڪ فقير هيو. ٽنڊي الهيار ۾ سندس مزار آهي. غوث بهاؤ الدين ذڪريا ملتانيءَ جو مريد ۽ سنڌ ۾ خليفو هيو. مرشد کي مڙني مريدن ۽ خليفن کان وڏيڪ پيارو هيو. ڪيس خلوت ۾ به ملڻ کان منع نه هئي.
دولهه نالي به هڪڙو بزرگ هيو، جيڪو سندس همعصر ۽ پير ڀائي هيو. ڪيس خلوت ۾ وڃڻ جي ڪلي اجازت نه هئي. قاصد ذريعي اجازت وٺي، اندر ويندو هيو. جتي ٻتڙ پهچندو هيو، اتي دولهه دربار کان ٻاهر ويٺو هوندو هيو.
**مطلب:**
٥.١ جيڪو دربار ۾ اجازت ڪانسواءِ وڃي سگهي، تنهنکي ٻتڙ سان ۽ جيڪو نه وڃي سگهي، تنهنکي دولهه سان ڀيٽ ڏني ويندي آهي.

**٦. ٻيا سڀ مري ويا، ڏڌهن فوجو ٽيو فقير. (پهاڪو)**

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تعلقي شاهه بندر جي جلباڻي قوم ۾، فوجو يا فوجدار خان نالي همراهه هيو، جنهن جو سارو خاندان ۽ مال مڏي هڪ باهه جي واقعي ۾ سڙي رک ٿي ويو. جنهن سبب پاڻ چريو ٿي پيو ۽ فقيراڻا حال ڪيو گهمندو هيو. سندس زبان تي سدائين اهي لفظ هوندا هيا: "ٻيا سڀ مري ويا، تڏهن فوجو ٿيو فقير"

ٻي روايت مطابق سندس لفظ هوندا هيا: "ڪونهي مڙس ملڪ ۾، تڏهن فوجو ٿيو فقير".

**مطلب:**

٦.١ واهرو سڀ هليا ويا، تڏهن حال هيڻا ٿيا.

٦.٢ جتي وڻ ناهي، اتي ڪانديرو به درخت.

٦.٣ پيٽيو: ڪونهي مڙس ملڪ ۾، تڏهن ٿيون وانديون وس چرن.

٧. **پلي رڙي بادام، جنهن جو ڦرُ آهي ڦُترو.**

(جتڪي، پهاڪو)

پلي: پلين، سدا.

رڙي: راڙ ڪري، رنيي، دانهن ڪري.

بادام: ڏاچي، اُنٺ، اُنٺڙي.

ڦر: گورڙو، توڏو، ٻچو.

ڦترو: سنو.

اها اُنٺڙي پلي دانهون/ ڪوڪون ڪري، جنهن زبرو ڦرُ ڄڻيو آهي. انهيءَ جو رنيڻ هر ڪنهنکي وڻندو آهي. ان جي بر عڪس، ڪمزور ۽ مئل ڦر ڏيڻ واري ڏاچيءَ جي رنڀ يا ڪِٽڪ، ڪنهن کي به ڪا نه وڻندي آهي.

**مطلب:**

٧.١ پنهنجي اولاد لاءِ دانهن ڪوڪ ڪرڻ جو ان کي حق آهي، جنهن جو ڄڻُ سنو آهي.

٧.٢ ڪير ڏيندڙ ڳانءِ جون لتون هر ڪو سهندو آهي.

٨. **پولڙو پوڙهو ٿي ويندو،**

**گيلاٽيون ڪو نه وسرندس. (پهاڪو)**

پولڙو: پولو، باندر.

گيلاٽيون: ٻولاٽيون، قلابازيون، پٽ تي ليٽڻ.

باندر يا پولڙو، ڪک پوڙهو ٿيڻ بعد به پنهنجي فطري عادت کان ڪين مڙندو، ٻولاٽيون ضرور ڏيندو. عادت عضوو آهي. هڪ دفعو پوڻ کان پوءِ مشڪل نڪرندي آهي. عمر جي خاص حد کان پوءِ ته مرڻ تائين ساڻ هلندي آهي.

**مطلب:**

٨.١ وڏڙن کان ورثي ۾ مليل عادت، ڪير به نه ڇڏي سگهندو آهي.

٨.٢ ننڍي هوندي جي پيل عادت، پيريءَ ۾ نه ويندي آهي.



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٨.٣ پڪي گهڙي کي، ڪنا ڪين ورندا آهن.

### ٩. پيڻ جي بازار ۾، ٻيائي نه ڪجي. (چوڻي)

بزرگ شيخ سلامت عرف مغليين جي ميلي جي بازار ۾ ٻيائي، ڪوڙ ۽ ٺڳي نه ڪرڻ گهرجي.
جيڪڏهن ڪنهن جي ڳالهه ۾ تورو گهڻو تفاوت نظر ايندو آهي ته ڪانئس پڪائيءَ خاطر پڇيو ويندو آهي، "ٻيلي هيءَ پيڻ جي بازار آهي، ان ۾ ٻيائي نه ڪر!"
ٻي روايت ۾ آهي ته ڪيس چئبو آهي ؛ "ڦهر نه ڪر! پيڻ جي بازار آهي!"

**مطلب:**

٩.١ بزرگن جي آستانن تي، غلط ڪمن کان پاسو ڪجي.

### ١٠. پيڻ جي بازار ۾، پيو گهم. (چوڻي)

جاتي شهر ۾ واقع درگاهه مغليين جي بازار، ميلي جي وقت، تمام ڏکي ٿي ويندي آهي. منجهس نه ڪنهن کي گهمڻ ڦرڻ جي جهل پل هوندي آهي ۽ نه ئي بازار ڪٽڻ جي هوندي آهي. گهمڻ ۾ ٽڪ محسوس ڪرڻ واري کي چئبو آهي: "پيڻ جي بازار آهي، پيو گهم!"

**مطلب :**

١٠.١ گهمڻ لاءِ گهڻو ميدان آهي.

### ١١. نٽي جا ناٿ هيا، تڏهن ملتان تي اڏيو (چوڻي)

ننگر نٽو، ملتان شهر کان اڳي جو آباد ۽ قديمي آهي. جڏهن نٽو تعميرات ۽ جلوي جي حساب سان پُور-جوانيءَ ۾ هيو ۽ ناٿ باٿ هيس، تڏهن ملتان اڃا مس اڏيو/ ٺهيو پئي.

**مطلب:**

١١.١ علم ۽ عالم، ملتان کان اڳي، نٽي ۾ هيا.

### ١٢. جاتي، قرب جي ڪاتي. (چوڻي)

ڪاتي، ڪهڻ جي ڪم ايندي آهي. جنهن سان اڳلي جو سر ڪڇندو آهي ۽ ٻئي جو پيٽ پربو آهي.
ڪڏهن ڪي ڪاتي ڦيرائڻ وارا اهڙو ته منڙي نموني سان ڪاتي ڦيري ويندا آهن جو ڪسڻ واري کي ڪسجي وڃڻ تائين لک ئي نه پوندي آهي. اهڙن ڪهڻن کي، منڍي ڇريءَ سان تشبيهه ڏني ويندي آهي.
جاتي شهر جي رهاڪن منجهه جيڪا محبت، قرب ۽ پابوهه آهي، تنهن بابت اشارتًا ائين چيو ويندو آهي.

**مطلب:**

١٢.١ ڇاڇي به ڪونڻ، ڇهنڊڙي به پائڻ.

### ١٣. جاتي ڪل جت، ماجر ڪل ميهه. (چوڻي)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ميهه: ملاح، مهاڻا
جاتيءَ جو سمورو علائقو، جت قوم جو آهي ۽ منجهس اها ئي قوم آباد آهي. جڏهن ته ماجر واري علائقي ۾ سمورا ملاح قوم جا ماڻهو رهن ٿا.

**مطلب:**

١٣.١ هر علائقي ۾، جاگرافيائي لحاظ کان مانوس، ڪا نه ڪا قوم يا ذات آباد آهي.

## ١٤. جاتيءَ جا جت، پيرن اگهاڙا. (چوڻي)

جاتيءَ جا ماڻهو، جن ۾ اڪثريت جت قوم جي آهي، مغليين اولياءَ (شيخ سلامت متوفي 610 هه) جي ادب واري لحاظ کان جُتي پيرن ۾ ڪونه پائين. پيڻءَ جي بازار ۾، اڪثر پير اگهاڙا ڪري هلندا آهن.

**مطلب:**

١۴.١ هر قوم پنهنجي لباس ۽ اطوار مان سڃاتي ويندي آهي.

١۴.٢ هر قوم جي ڪا نه ڪا نشاني ضرور هوندي آهي.

## ١٥. جت سي جيندي، سسئي سرهوڻي نه ڏني.

(جتڪي، چوڻي)

سي: اهي.

جيندي: جن

سرهوڻي: آرام

جت اهي هيا، جن سسئي کي آرام سان ويهڻ نه ڏنو. سسئيءَ جا ڏير، ذات جا جت هيا. سسئيءَ جي وَر، پنهونءَ کي دوکي سان ڪٽي ويا ۽ سسئيءَ جون ننڊون حرام ڪري ويا. جنهن سببان سسئيءَ کي جبل جهاڳڻا پيا ۽ پنهل کي پسڻ لاءِ ڏاڍو پاڻ پتوڙڻو پيو. جتن کي طعني طور ائين چيو ويندو آهي.

**مطلب:**

١٥.١ جَتُ ذات مان چڱائيءَ جي اميد نه رکجي.

١٥.٢ جَتُ، ٻي پَتِ، مارِ گهَٽ يا اڳون لاتي وت.

## ١٦. جنهن جو گر صدر،

## تنهن جا چيلا پلين چاڳ ڪن. (پهاڪو)

گر: گرو، مرشد.

صدر: بنيادو، ٻڌيائتو، پلو، اصلي.

چيلا: پوءِ لڳ، مريد.

چاڳ: مستي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جنهن مريد، سچي مرشد جي هٿ تي بيعت ڪئي آهي، سو پلي لاڏ ڪري. ڪيس لاڏ ڪرڻ جو جواز آهي. سچو مرشد/ شيخ يا رهبر ڪيس ٽٽڻ نه ڏيندو. ڪڏهن به ڪيس غلط ڪم لاءِ مشورو نه ڏيندو. ڪيس غلط ڪم ڪندي ڏسندو ته به تنبيهه ضرور ڪندس.

مطلب:

١٦.١ اصلي شيخ، مريد کي غلط راهه تي هلڻ جي تلقين نه ڪندو.

١٦.٢ ڪامل مرشد جي مريدن کي، شيطان گهٽ ورغلائي سگهندو آهي.

١٦.٣ سو پلي نخرا ڪري، جنهن جو ڪيرو قائم آهي.

١٦.٤ وَچ ڪُڏي، ڪيري آهر.

## ١٧. جوڪيي مان جُوڪو،

ننڍي ۾ ننڍو، تڏهن به اُٺ جيترو. (چوڻي)

جُوڪو: نقصان.

جوڪيا قوم، ٺٽي ضلعي جي ڪوهستاني علائقي ۾ جهمپير، جنگشاهي ۽ مال واڙي طرف رهي ٿي. جابلو قوم هئڻ ڪري سخت دل آهي. ڪانئن پهتل ننڍڙي ۾ ننڍڙو نقصان به اٺ جيترو وڏو هوندو آهي. ان انديشي سببان، ڪانئن ٿارو ڪرڻ گهرجي.

مطلب:

١٧.١ جوڪيا قوم مان چڱائيءَ جي اميد گهٽ رکجي.

## ١٨. جي اکين ۾ آنجڻ هئا،

ته بوترڪيون ڪيهان پويون. (جتڪي، پهاڪو).

آنجڻ: سرمو.

بوترڪيون: آنڙيون.

ڪيهان: ڪيئن.

پويون: ٿيون.

سرمي جي استعمال سان، اکين ۾ آنڙيون نه ٿينديون آهن. جيڪو ماڻهو، هر رات جو سمهڻ کان اڳي، سرمي پائڻ جو عادي آهي، ان جي اکين ۾ آنڙيون وغيره نه نڪرنديون آهن. جيڪڏهن سرما پائڻ جي باوجود اکين ۾ آنڙيون نڪرن ته پوءِ انهن تي سواليه نشان ضرور هوندو ته اهي ڪيئن ٿيون؟

مطلب:

١٨.١ جيڪڏهن اکين ۾ سرما هيا ته پوءِ آنڙيون ڪيئن ٿيون؟

١٨.٢ هڪ ٻئي وٽ نيڪ نيتيءَ سان اچبو وڃبو ته تعلقات قائم رهندا، ويچا نه پوندا.

١٨.٣ هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ هجي ته پوءِ تعلقات ڪيئن ٽُٽندا!؟

## ١٩. چيٺ: لڳن ميٺ، ننڍي وڏي پيٺ. (چوڻي)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

چيٽ: هندي پهريون مهينو. هن مهيني جي اندر، هر نندي وڏي مڇي، آنيءَ سان هوندي آهي.

**مطلب:**

۱۹.۱ چيٽ جي مهيني اندر لڳ ساٽا هوندا آهن.

### ۲۰. چڇ مڙيو ئي چوڪريون، جاتي مڙيئي جوءِ. (چوڻي)

چڇ: چڇ جهان خان وارو علائقو.

چڇ جهان خان ۾، ملاح قوم اندر چوڪرين جي گهٽائي هئي. انهن نياڻين جا مائٽ، جاتيءَ وارن سان سڱابنديون ڪري، نياڻين جا گهر آباد ڪندا هيا. جڏهن جاتيءَ جي رهندڙ ڪنهن زال کان پڇبو هيو: "تون اصل ڪاٿان جي آهين؟"

"چڇ جي!" موٽ ۾ چوندي هئي: "چو جو چوڪريون اتي جام هيون!"

**مطلب:**

۲۰.۱ جاتيءَ جي پيٽ ۾، چڇ اندر چوڪريون جام جمنديون هيون.

### ۲۱. دڙو، گيهه جو گهڙو، پر بي وڙو. (چوڻي)

تعلقي ميرپور بٺوري جو شهر دڙو، سٺي زرعي زمين هئڻ سبب، شاهوڪاريءَ ۽ حسن ۾ مشهور هيو. پئسي ۽ حسن جي گهڻائيءَ سبب، جڏهن بيهودگي وڌندي آهي ته مڪاري به ڪرُ کڻندي آهي. اها مڪاري ڪنهن کي به نه وڻندي آهي ۽ بي وڙائپ ۾ شمار ٿيندي آهي. دڙو به انهن حالتن کان اثر پذير ضرور رهيو آهي.

**مطلب:**

۲۱.۱ دڙو، بي وڙو.

۲۱.۲ ٺل، دل ڏيئي، وينو رل.

۲۱.۳ بٺورو، دل ڏيئي، بينو رو.

### ۲۲. ديرو، ڦِٽو، اورنگا وُٺو. (پهاڪو)

تعلقي شاهبندر جي ڪڪرالي واري علائقي ۾، ديرو ڪيهرن جي گاديءَ جو هنڌ هئو. ان جي ڦٽڻ بعد، اورنگزيب عالمگير، اورنگا بندر تعمير ڪرايو. اورنگا کي ڪڪرالہ به چوندا آهن.

**مطلب:**

۲۲.۱ هڪڙو شهر ڦٽي ته بيو آباد ٿي وڃي.

### ۲۳. رڙي، ٽڪن ۾ پڙي، جَٽن کي مليو جواب. (چوڻي)

رڙي: جاتيءَ جي اوير طرف، مائي رڙيءَ جي نالي پويان هڪ پراڻو ۽ مشهور شهر آهي.

مائي رڙي پنهنجي وقت جي حسين عورت هئي. ملڪ حمر خان جَٽُ، مٿس عاشق ٿي پيو. ڏوتيءَ هتارائون ڪيس شاديءَ جا نياپا موڪليائين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

موٽ ۾ رڙيءَ چورايس: ”ملڪ صاحب! تون جت قوم جو ملڪ آهين. جيڪڏهن مون سان شادي ڪرڻ چاهين ٿو ته مهرباني ڪري، ڪاري گونگڙي ڪان وٺي منهنجي ڳوٺ تائين، رات پيٽ ۾، پاٽي پهچائڻ لاءِ واهه کوٽرائي ڏي ته توکي مجيندس.“
ملڪ حمر ڪيس راتو واهه، واهه کوٽرائي ڏنو، جيڪو اڄ به حمر واهه نالي سان مشهور آهي. جنهن سببان سندن شادي ٿي ۽ جت قوم سان تعلق هئڻ جي باوجود، رڙيءَ جي سڱ ڪان ڪين جواب مليو.

**مطلب:**

٢٣.١ سڱ آهن، سهيندن جا.
٢٣.٢ جيڪي هٽن، سي ڪٽن.
٢٣.٣ پِرمان تڏهن پسندين، جڏهن ڳني جا وڻ ڏسندين.
٢٣.۴ مومل سو ماڻيندو، جيڪو ڪاڪ تي چڙهندو.

## ٢۴. رن هڪڙن جي مري، ٻين ڪي لڳن سؤڻ. (پهاڪو)

رن مرڻ: زال مرڻ، گهر ڊهڻ، نقصان پوڻ.
لڳن سؤڻ: خوشي ٿيڻ.
انساني فطرت آهي ته ڪو به پنهنجو نقصان نه برداشت ڪري سگهندو آهي. ان جي بر عڪس ساڳيو نقصان، ٻئي ڪي رسندو آهي ته ڪجهيءَ طرح فرحت ضرور محسوس ڪندو آهي. ڪي ته وري ٻئي ڪي پيل نقصان تي خوشيون پڻ ملهائيندا آهن.

**مطلب:**

٢۴.١ ٻئي جي خوشيءَ ۾، ڪو ڪو خوش هوندو آهي.
٢۴.٢ مروان موت، ملوڪان شڪار.
٢۴.٣ ڪاسائيءَ کي ماهه جي، ڇيلي کي ساهه جي.
٢۴.۴ هڪڙن کي نقصان پوي، ٻيا خوشيون ڪن.

## ٢۵. سانوڻ جو سُتو، ڪُتي جو ڪتو. (چوڻي)

سانوڻ: هندي مهيني جو نالو، جنهن ۾ وسڪارو ٿئي، گاهه وغيره جام ٿين.
جيڪو ماڻهو وسڪاري يا گاهه جي مند ۾ مال کي نه ٿو چاري ۽ سستي ڪري سمهي ٿو پوي، سو تڪليف ڏسندو. آخر ۾ رڳو ڏهڙ-ڏهڙان ۽ رڙيون ڪوڪون هوندس. تنهنڪري مالدار کي، سانوڻ جي مهيني ۾ سمهڻ نه گهرجي.

**مطلب:**

٢۵.١ ويل وقت وري هٿ نه ايندو آهي.
٢۵.٢ وقت کي سجايو ڪرڻ لاءِ جتن ڪرڻ گهرجن.

## ٢٦. سَپ مٿي گاهه، سَپ ٻيٺو نه وسري،


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**چِت وڌيسي، ڏڌ ڪاءُ ساءُ. (جتڪي، پهاڪو)**

سَپ: سانپ، نانگ.

گاهڻ: ڀاڙ، کير پيارڻ وارو ٿورو.

ٻيٽو: ٻيٽو، ٻچو، پٽ.

چِت: دل، نيت.

وڌيسي: ڏُني پوڻ، ڪِني تي پوڻ.

ڪاءُ: کهڙو

ساءُ: سواد

هڪڙو جوڳي نانگ کي کير پياريندو هيو. هڪ ڏينهن، نانگ جو ٻچو سندس هٿان مري پيو، جنهن تي نانگ کي ڏاڍي خار آئي ۽ چيائينس: "مون کي کير نہ پيارج، ڇو جو تو منهنجو ٻچو ماريو آهي، اهو سور مون کان نہ وسرندو. تنهنجي کير پيارڻ واري ٿوري تان دل کٽي تي وئي آهي، ان سان مون کي سواد بہ نہ ملندو."

**مطلب:**

٢٦.١ دوستي، جڏهن دشمنيءَ ۾ بدلبي آهي تہ ڪيل چڱايون بہ وسري وينديون آهن.

٢٦.٢ دوستي ڦٽڻ کانپوءِ، سنهيون سنهيون ڳالهيون بہ وڏيون نظر اينديون آهن.

**٢٧. سندو ڦٽو، جاتي وني. (پهاڪو/ چوڻي)**

جاتي شهر جي ڏکڻ طرف، ڪجهہ ميلن جي مفاصلي تي سندو بندر هيو. 1819ع ڌاري ساموندي وير چڙهڻ سبب تباهہ ٿي ويو. جاتي، ان وقت ننڍڙو واهڻ هئي. سندي جي ڦٽڻ بعد، ماڻهن جاتيءَ ڏانهن لڏ پلاڻ ڪئي. آبادي وڌڻ لڳي ۽ شهر وسي ويو.

**مطلب:**

٢٧.١ هڪڙي وسندي ڦٽائي، ٻي وسائڻ الله آڏو ڏکيو ڪم ناهي.

**٢٨. سوڪي ڦٽي، ڪارو وٺو. (پهاڪو/ چوڻي)**

اورنگا بندر ڦٽڻ بعد، شاهبندر آباد ٿيو. شاهبندر ڦٽو تہ ڪيٽي بندر وسيو. ڪيٽي بندر جي تباهيءَ کان پوءِ، ڪاري جي علائقي ۾ سوڪي بندر گاهہ نهيو. سؤ سالن کان پوءِ، اهو بہ ساموندي طوفانن سبب ويران ٿي ويو. جنهن کانپوءِ ڪارو ڇاڻ بندر وسي ويو. جيڪو اڄ بہ آباد آهي ۽ تعلقي جي حيثيت رکي ٿو.

**مطلب:**

٢٨.١ هڪڙيون لٽي، ٻيون پٽڻ، الله لاءِ تمام آسان آهي.

**٢٩. سياري سورٿ پلو، اَر اونهاري گجراهَ.**

وَرِ سياري ڪَچِڙو پلو، سنڌڙي ٻارو ماهہ. (چوڻي)

گجراهَ: گُجرات.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سورٺ: سورٺ.
ڪڇڙو: ڪڇ، پڇ
سنڌڙي: سنڌ جو علائقو.
هن ڪوات اندر سنڌ جي علائقي/ خطي جي تعريف ڪيل آهي. سنڌ جي ٻين خطن سان ڀيٽ ڪندي ڏيکاريو ويو آهي ته سورٺ جو علائقو فقط سياري منجهه، گجرات جو علائقو سخت اونهاري منجهه ۽ ڪڇ يا پڇ وارو خطو ڀلا آهن. جڏهن ته سنڌ جو علائقو، ٻارهو ئي ٻهاري لڳو پيو آهي.
سيد احسن الهاشميءَ جي روايت مطابق: هيءُ شعر فقير غلام حيدر شيخ جو آهي. جنهنجو اصل نالو روپڙو هو ۽ هندو سومره قوم مان هو. اَصل ڪاري جي پاسي جو رهاڪو هو، پوءِ لَڏي ڪڇ ڏانهن هليو ويو.[1]
**مطلب:**
٢٩.١ هر هڪ ۾ ڪا هڪ اڌ خوبي آهي. ڪي ته وري اهڙا به آهن جن منجهه خوبين جا انبار لڪل آهن.

.٣٠ شاهبندر ڦٽو، چوهڙ وٺو. (پهاڪو/ چوڻي)
شاهبندر جي شهر ڦٽڻ بعد، تعلقي جو مک شهر چوهڙ جمالي، ورسي ويو. جيڪو اڄ به آباد آهي ۽ تعلقي جي حيثيت رکي ٿو.
**مطلب:**
٣٠.١ الله ڪيئي آباديون ويران ته ڪيئي ويرانيون آباد ڪري ڇڏيون.

.٣١ ڦُلان پري تارڙي، پوران پڳلي جاءِ. (پهاڪو)
ڦُلان پري: ڦلن يا گلن سان ڀريل.
تارڙي: تاريءَ جو اسم تصغير.
پوران: پورڙي يا بيعقل عورت.
پڳلي جاءِ: پڄي وڃي ٿي.
بيوقوف عورت، گلن ڦلن جي ننڍڙي تارڙيءَ ڪان به ونءُ ويندي آهي. انهيءَ شڪ سان ته متان اڳتي هلي، اها جنجل جو سبب بڻجي.
**مطلب:**
٣١.١ ڪير جو ڪاٽيل، ڇاڇ به ڦوڪي پيئندو آهي.
٣١.٢ ڪُتيءَ ڪي ٻرندڙ ڇُوانتي لڳي ته تارا ڏسي به پئي رُوڙي.

.٣٢ ڪارو بوٽ هٿ ۾، جَٽُ جاتيءَ تو وڃي. (چوڻي)
جڏهن به ٻهراڙيءَ جو جَٽُ، شهر ۾ ايندو هيو ته ڳوڻان بوٽ هٿ ۾ ڪٽي ايندو هيو. شهر ۾ گهڙڻ کان اڳ، پير ڌوئي بوٽ پائيندو هيو ۽ پوءِ شهر ۾ داخل ٿيندو هيو. ائين ڪرڻ سان ڪيس نه بوٽ

[1] مليل احوال ٣٠-٣-١٩٩٢ع (ٽنڊو آغا، حيدرآباد)


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944
Gul Hayat Institute

چنبڙو پوندو هيو ۽ نہ ئي جهنگ مان لنگهڻ سبب بوٽ ڳسندو هيس. جهنگ مان هلڻ دوران، بوٽ سان واريءَ يا ڍسڙ وارو ميدان پار ڪرڻ اهنجو هوندو آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ پير اگهاڙا هجن.

**مطلب:**

۳۲.۱ جتن کي بوٽ سان پنڌ ڪرڻ اهنجو لڳندو آهي. بوٽ هٿ ۾ ڪٽڻ سندن نشاني آهي.

## .۳۳ ڪانهن نسريا، ڪانيرو نسريا. (زرعي، چوڻي)

ڪانهن: هڪ قسم جو سَرَ جو ٻوڙو، جنهن جي سرن مان توئا ٺهندا آهن ۽ جاين ۾ ڪم ايندا آهن.
ڪانيرو: ڳاڙهن چانورن جو قسم، جيڪو لاڙ طرف ٿئي، ڪامرو بہ سڏبو اٿن.
جڏهن ڪنهن نسرندو آهي، تڏهن ڪانيرو چانور جون ساريون بہ نسرنديون آهن. اها چوڻي ٻيءَ طرح بہ مشهور آهي: "سر نسريا، موتيا نسريا."
موتيو: لاڙي چانور جو قسم آهي. سر نسرندا آهن تہ گڏوگڏ، موتيي چانور جون ساريون بہ نسرنديون آهن. اڳاٽي دؤر ۾ موسمن بابت، خود-رو ٻوٽن مان ڄاڻ حاصل ڪبي هئي يا نکٽن وغيرهن مان تہ جيئن فصل وغيره وقتائتا پوکي سگهجن. سر جي نسرڻ مان، اڳاٽا ماڻهو، سارين جي نسرڻ جو اندازو لڳائي وٺندا هيا.

**مطلب:**

۳۳.۱ پيٽيو: ڪانهن نسريا، ويهر جي مند پوري.

## .۳۴ ڪانهن نسريا، ويهر جي مند پوري.[1] (زرعي، چوڻي)

ڪانهن: سانوڻ جي مند ۾ خود-رو ڄاپندڙ سر.
ساريون بن طريقن سان پوکيون وينديون آهن: هڪڙو بجارڻ ۽ ٻيو ڪورڙ.
۱. بجارڻ: هن طريقي ۾ پهرين ٻج پوکبو آهي، بعد ۾ سلا ڪڍي ٻئي هنڌ ٺهيل زمين ۾هڻبا آهن. هن جا بہ ٻہ طريقا آهن. هڪ ڪکر ٻج ۽ ٻيو ناڙي ٻج.
۱.۱ڪکر ٻج: ديسي پاڻ يا سارين جو سڙيل پلال، ننڍين ٻارين ۾ وجهي، ان کي باھ ڏئي، ساڙي رک ڪري، پاڻي ڏيئي ٻج ڇٽبو آهي. ڪکر ٻج پاڻيءَ ڪانسواءِ نہ ٿيندو آهي.
۱.۲ناڙي ٻج: هن طريقي ۾ ٻيجارو ناڙي طريقي سان ڪيو ويندو آهي. جتي پاڻيءَ جي کوٽ هجي يا زمين ڪلر/ سيڪ واري هجي، اتي ناڙي ٻج ڪبو آهي.
متي ڄاڻايل، ٻنهي طريقن سان ٻج مهيني اندر تيار ٿي ويندو آهي. جنهن ڪانپوءِ، بجارڻ کي پاڻي ڏئي، ٻج پاڙئون لوڙهي، سارين جي ٻنيءَ ۾ پوکبو آهي. جنهن کي رونبو/ رونبي يا ويهر/ ويهراج/ ويراج سڏبو آهي.
۲. ڪورڙ: هن طريقي اندر زمين ناهي، ان کي پاڻي ڏيئي، بيٺل پاڻيءَ اندر ٻج ڇٽبو آهي.
اڳاٽي دؤر ۾ جڏهن، گهڙيون ۽ ڪيلينڊر ڪين هئا، تڏهن هاري ناري، نکٽ ڏسي يا خود-رو ٻوٽن جي اوسڙ مان مندن جو اندازو لڳائيندا هيا ۽ پوءِ زرعي پيداوار يا فصلن جي تياري ڪندا هئا.

[1] اميد علي سنيو، ادا قيمت سنڌي اناج منڊي، ٽنڊو محمد خان. هن پوري پهاڪي جي وضاحت ڪانئس خطن ذريعي ملي آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اهڙيءَ طرح سارين جي رونبي جو وقت جيڪو، ڪانهن جي نسرڻ سان ختم ٿئي ٿو، ان جو اندازو لڳائيندا هيا. ڪانهن نسرڻ پڄاڻان، رونبيءَ جي مند پوري ٿي وڃي ٿي. هاڻي بيجارو ڪدي رونبو ڪرڻ مان فائدو نہ پوندو. ڇو جو هاڻي رونبيل ساريون، نہ سنيون ڇاپنديون ۽ نہ ئي منجهن ان/ چانور ٿيندو.

مطلب:

٣٤.١ ڪانهن جي نسرڻ کان اڳ، سارين جو رونبو ڪجي.

٣٤.٢ ڪانهن نسريو، ويهراج جي مند پوري ٿي وئي.

٣٤.٣ هاريءَ کي اڳواٽ محنت ڪرڻ گهرجي.

٣٥. ڪرمي هٽ ڪار، ويلي هٽ وڃٽي. (چوڻي)

ڪرمي: ڪرمن وارو، سياڻو.

ويلو: واندو، پالهو، نڪمو.

هٽ ۾ وڃٽي: نڪمٽائپ وارو ڪم.

سياڻو ماڻهو، ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ مشغول هوندو آهي. جڏهن تہ واندو ماڻهو، پاڻ کي وڃٽو وينو هٽندو آهي. ڪيس ڪم جو ڇٽبو آهي تہ ٿيئڙ ٽپ چڙهي ويندو اٿس.

مطلب:

٣٥.١ توتي ماڻهوءَ کي ڪم نہ ڪرڻ لاءِ بهانا هزار هوندا آهن.

٣٥.٢ تنگ پڳو ڪم ڪري، ٻانهن پڳو ڪم ڪري پر دل پڳو ڪم نہ ڪري.

٣٦. ڪرهيي جي ميلي کان پوءِ،

ڪپڙن کي باھ ڏبي ڇا؟ (پهاڪو)

ڏيهاڙي جي ڪم ڪار وارو ماڻهو، عام رواجي ڪپڙا پائيندو آهي. جڏهن تہ ڪنهن وڏي ڏيهاڙي تي جهڙوڪ: شادي مرادي، عيد براد، ميلي ملاکڙي يا ميٽنگ وغيره ۾ پلو وڳو پائيندو آهي تہ جيئن عام ڏيهاڙن کان مختلف نظر اچي ۽ سندس شخصيت جو اثر ماڻهن تي چڱو پوي.

بدين طرف، ڪرهيي پانداري بزرگ جي مزار آهي، متس وڏو ميلو لڳندو آهي. جنهن تي ماڻهو پلا لٽا پائي گهمڻ ايندا آهن. جيڪڏهن اهڙي پلاري موقعي تي بہ سنا ڪپڙا پائڻ لاءِ نہ ملن تہ پوءِ ڪپڙن کي ساڙبو ڇا؟

مطلب:

٣٦.١ عيد ڪانپوءِ ڪپڙا ساڙبا ڇا؟

٣٦.٢ ڪم نڪرڻ کان پوءِ، ڪاغذ کي چٽبو ڇا؟

٣٦.٣ سيرو ڪاڏو، پاتل ڦاٽي.

٣٧. ڪوچار پن ٻوڙيا، راهينءَ پر ويهي،

راهينءَ چيس: ”پچ تہ پچون نہ تہ ٻڏاسين ٻئي.“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

(پھاڪو/ زرعي)
ڪوچار: تعلقي جاتي جي ديھ جو نالو،
راھين: ديھ جو نالو، اصل نالو ڏگرائين اٿس.
پرِ ويھي: پاسي ۾ ويھي.
اھو پھاڪو ھيئن بہ چيو ويندو آھي.

“ويڪيءَ پن ٻوڙيا، جرڙي پر ويھي،
جرڙي چيس: پچ تہ پچون نہ تہ ٻڏاسين ٻئي.”

هڪڙي زمين، پاڻيءَ سان تارئون تار پربي تہ ٻيءَ کي بہ سيڪ ڏئي ساڙيندي. ٻنھي ۾ ڪو بہ فصل نہ ڄاپي سگھندو. جيڪڏھن ٻئي پاڻيءَ سان تارئون تار پربيون تہ پاڻ کي تہ تباھ ڪنديون پر اوسي پاسي کي بہ سيڪي ساڙي وجھنديون. انھن جي بچڻ جو اھو حل آھي تہ منجھن بيٺل پاڻي تڏي تي ڪڍي ڇڏجي يا ھينانھين زمين ڏانھن نيڪال ڪري ڇڏجي.
اھو سبب آھي جو ٻڏندڙ ٻنھي ٻنين منجھان ھڪڙيءَ، ٻيءَ کي چيو: “ٻنن/ ڪنن وٺان تون بہ پچي پؤ ۽ مان بہ پچي پوان تہ جيئن ٻئي ٻڏڻ واري نقصان کان بچي پئون.”

**مطلب:**

۳۷.۱ جيڪو ماڻھو پُڻو ڪم ڪري، يا اڌ ۾ ڪم ڇڏي وڃي، تنھن کي باز رھڻ لاءِ ائين چئبو آھي.

۳۸. **ڪونجن ڪُرڪ، پاڻيءَ سُرڪ.** (زرعي، چوڻي)
ڪونج: پکيءَ جو نالو
ڪُرڪ: دانھن
جڏھن يا جنھن وقت ڪونجون ڪُرڪ ڪنديون آھن، ان وقت پاڻيءَ جي قلت ٿي ويندي آھي ۽ درياءَ جي تري ۾ پاڻي وھندو آھي.

**مطلب:**

۳۸.۱ ڪونجن جي دانھن ڪرڻ وقت، پاڻي تورڙو ٿي ويندو آھي.
۳۸.۲ درياھ ۾ پاڻي لھي وڃي تہ ڪونجون ڪُرڪ ڪنديون آھن.

Gul Hayat Institute

۳۹. **ڪونجن ڪُرڪ، ڪير ڇُرڪ.** (زرعي، چوڻي)
ڪير جو تعلق مينھن سان آھي. جڏھن ڪونجون ڪرڪ ڪنديون آھن تڏھن درياھ ۾ پاڻي تہ لاٿ ڪري ويندو آھي پر تر جون مينھون بہ ويھڪي ويندي‌ون آھن ۽ ڪير ڏيڻ گھٽجي ويندو اٿن.

**مطلب:**

۳۹.۱ ڪونجن جي دانھن ڪرڻ وقت، مينھون بہ ڪير گھٽائي ويندي‌ون آھن.

۴۰. **ڪونھي مڙس ملڪ ۾،**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تڏهن ٿيون وانديون وس چرن. (پهاڪو)

وانديون: ڇڙيون، اڪيليون، بنا مڙس واريون.

جڏهن مڙس/ مرد گهر ۾ نہ هوندا آهن تہ عورتون آزاد ٿي پونديون آهن ۽ پاڻ-هُرتڙيون ٿي بي-راهہ-روي اختيار ڪنديون آهن.

**مطلب:**

۴۰.۱ مڙس ڪمزور، زال زور.

۴۰.۲ ڪونهي مير علي مراد خان ملڪ ۾، تڏهن ٿيون وانديون وس چرن.

۴۱. ڪارو ڦٽو، ڳاڙهو ونو. (چوڻي/ پهاڪو)

ڪاري چاڻ جو شهر ڦٽي وڃڻ ڪان پوءِ، ان جي ويجهي وارو شهر ڳاڙهو، وسي ويو. اج اهو ئي ڪيٽي بندر ۽ ڪاري چاڻ جو مرڪز بنيل آهي.

**مطلب:**

۴۱.۱ الله، هڪڙيون لٽي تو تہ سهسين پٽي تو.

۴۲. ڪاري جي ڏوري، ماجر جي چوري،
باهر سوڙهي، هيٺ اوڙي. (چوڻي)

ڪاري جي علائقي جي ڏوري، ٻاهران ڀلي سوڙهي نظر اچي، پر عُمق ۾ اونهي هوندي آهي. منجهس پاڻي گهرو هوندو آهي.

اهڙيءَ طرح ماجر جي چوڪري، ڀلي عمر ۾ ڪيتري بہ ننڍي هجي پر عقل ۽ سگهڙائپ ۾ پڙ هوندي آهي. دَمَ خَمَ جي لحاظ ڪان بہ گهري هوندي آهي. ڪنهن کي بہ اندر جو راز نہ ڏيندي آهي.

**مطلب:**

۴۲.۱ جنهن جو انت لهڻ ڏکيو هجي، تنهن لاءِ ائين مثال ڏبو آهي.

۴۳. ڪر بند، هينئون هنڌ. (پهاڪو)

ڪر: ڳڏهہ.

بند: ٻڌل.

هينئون: دل دماغ،

هنڌ: جائتو، سڪون.

ڳڏهہ، ڪڙهہ/ وٿاڻ ۾ ٻڌل هوندو تہ مالڪ جي دل کي قرار هوندو. ڇڙيل صورت ۾ مالڪ کي ڳڏهہ وڃائجڻ جي ڳڻتي هوندي ۽ ننڊ آرام ڦٽل هوندس.

**مطلب:**

۴۳.۱ جڏهن بڇڙي عادت واري کي، جيل ۾ يا ڪم ۾ ڦاسائي قيد ڪبو آهي تہ ان لاءِ ائين چئبو آهي.

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۴۴. ڪر ڪي ڪستوري، ڪنڌي ٻڌي چار،
اچيس پسوري، ليٽي پوي لڏ ۾. (پهاڪو)

ڪستوري: ڪٿوري، خوشبودار گاهہ.
ڪنڌي: ڪلي تي.
پسور ي: پورُ، مڪني.
گڏهن کي ڪلي تي ٻڌي ڪٿوري کارائبي تڏهن بہ چرڻ کانپوءِ وجي وري بہ لڏ ۾ ليٽندو. يا واڙيءِ مان سڪل ڪرڦٽي ڪرٽي کائيندو.

مطلب:

۴۴.۱ خراب نسل واري/ بي اصل ماڻهوءَ سان، ڪيڏيون بہ چڱايون ڪجن، وقت پوڻ تي تريون ئي بہ هڻندو.

۴۵. ڪيڙيندي ڳُتين ۾، اکيون جاءِ ڪجن،
چونيءَ پڳي هڪڙي، ٿيئي ٿول ڪرن،
هارين هَرُ ڪلهي تي، چڙيا ڏاند چرن. (زرعي پهاڪو)

ڪيڙيندي: هر ڪاهيندي.
ڳُتين: اها زمين جنهن مان وڻ تہ وڍجن پر اجا لاهَ هجنس.
ڳُتون: چنهنب دار پاڙون، لاهَ.
چُوني: ڳهوبو، لوهہ جي ڦار.
لاهن واري زمين مان پهرين لاهَ ڪيجن، پوءِ هر ڏجي. ٻيءَ صورت ۾ هر ڏيڻ وقت، اکيون کولي هر ڏجي. ائين نہ ٿئي جو لاهہ جي پاڙ ۾ اٽڪي، ڳهوبو ئي ڀڄي پوي. احري صورت ۾ هَرُ، هاري ۽ ڏاندَ ڪم کان ڪري پون.

مطلب:

۴۵.۱ هر ڪم سنڀالي ڪجي، متان ٿورڙيءَ غلطيءَ سبب وڏو ٽوٽو پئجي وڃي.
۴۵.۲ تر جي ڳتي، سؤ چوٽون کائي.

۴٦. ڳيدوڙا نڪتا، ويهر جي مند پوري.
(زرعي، چوڻي)

ويهر: ٻجارڻ کي پاٽي ڏئي، ٻج پاڙئون لوڙهي، سارين جي ٻنيءَ ۾ پوکبو آهي. جنهن کي رونبو/ رونبي يا ويهر/ ويهراج/ ويراج سڏبو آهي.
جڏهن نند- ڳيدوڙي، ڳيدوڙا جهلي تہ اها مند، ويهراج جي آهي. هاڻي ساريون رونبڻ بند ڪجن. ڇو جو ان وقت زمين تي محنت ڪرڻ فضول آهي.

مطلب:

۴٦.۱ پيٽيو: ڪانهن نسريا، ويهر جي مند پوري.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۴۷. گهاٽا گهر بندر جا، پڙيءَ تي بينو پن. (چوڻي)

شاهبندر شهر ۾ تمام گهڻا ۽ گهاٽا گهر هيا. بازار تمام وڏي ۽ چلتي واري هوندي هيس. هڪڙو فقير هڪ ئي جاءِ تي بينو پنندو هيو ته به تمام گهڻو ملي ويندو هيس. کيس دَرَ دَرَ تي پٽڪڻ جي ضرورت پيش نه ايندي هئي.

مطلب:

۴۷.۱ وڏي وسنديءَ مان هر هڪ کي نصيب آهر روزي روٽي مليو وڃي.

۴۷.۲ وڏيءَ ديڳ جي کرڙ ئي گهڻي ٿيندي آهي.

۴۸. لوڙهيءَ ڏور، سارين کرو. (زرعي، چوڻي)

لوڙهي: لوڙهه، جيڪا ڊنڊن ۾ ٿئي.

ڏرو: پڇڻ، رسڻ.

کرو: جتي لاباري بعد وَلِ رکجي.

جڏهن لوڙهه، پنهنجي جُندي (منهن وارو حصو) اندر ڪري وجي ۽ پڇي رسي وجي ته ان وقت ساريون به کرن ۾ پهچي وينديون آهن.

مطلب:

۴۸.۱ لوڙهه ۽ سارين جي پچڻ جو وقت ساڳيو آهي.

۴۹. لوءِ وڙهجي، اَلوءِ نه وڙهجي. (چوڻي)

لوءِ: ڳوٺ ۾.

اَلوءِ: پرائي ڳوٺ ۾، پرديس ۾.

پنهنجي ڳوٺ ۾ وڙهجي، ٻئي جي ڳوٺ ۾ وجي نه وڙهجي. پنهنجي گهر ۾ هرڪو شينهن هوندو آهي ۽ دفاعي حيثيت مضبوط هوندي اٿس. پرديس ۾ دفاعي حالت ڪمزور هوندي آهي.

مطلب:

۴۹.۱ ڏر تي گدڙ به شينهن هوندو آهي.

۴۹.۲ وطن خاطر وڙهندڙ لاءِ جيڏانهن ڪيڏانهن مدد پهچي ٿي.

Gul Hayat Institute

۵۰. ماگهه، چوڙا ڏاگهه. (چوڻي)

ماگهه: مانگهه، سياري جو هندي مهينو.

مانگهه جي مهيني ۾ لُريون لڳنديون آهن ۽ سياري جا چوٽ وارا سيءَ ۽ پارا پوندا آهن. گهڻي سيءَ سبب، ڏاگهه يا اٺ به دلي ڪدي، مست ٿي، رسا ڇنائي، ڇڙواڳ پيا گهمندا وتندا آهن.

ان مهيني لاءِ بي به چوڻي آهي:

مانگهه، سياري ڏني تانگهه.

مطلب:

۵۰.۱ مانگهه مهيني ۾ هر هڪ ساهدارکي مستي ٿيندي آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٥١. مانگهه اڏين، ڪمر ڪڍين، وريا اتر پاند،
رنڙيون سي مُنيون، جن ويهاريا نوان ڪانڌ.
(چوڻي)

مانگهه: هندي مهيني جو نالو. هندوئن جو ١١ مهينو.
ڪمر: چيلهه.
اڏين: اڏ مهينو.
ڪڍين: ٻڌين، چڪي ٻڌ.
وريا: لڳا.
اتر پاند: اتريان واءُ، تڏي هوا آٽيندڙ واءُ.
مُنيون: هچاريون ٿيون، مصيبت ۾ پيون.
ڪانڌ: مڙس.

هڪ دفعي مانگهه جي مهيني ۾، موسم سارو مينهن ڦڙيون پيون ۽ سيءُ بہ ڪڙڪي پيو. جهنگ ۾ ڪن ڏراڙن (ڏنارن) مال پئي چاريو، تن ڪي اوچتو سيءُ لڳو تہ ڏڪڻ لڳا. انهيءَ آٽُر ويلا هڪ عورت اچي لنگهي، جنهن پهرئين مڙس جي مرڻ پڇاڻان، ٻيو مڙس ڪيو هيو. انهيءَ عورت ڏنارن ڪي ڏڪندو ڏسي، ٽوڪون ۽ چرچا ڪيا. موٽ ۾ ڏنارن وري ڪيس اها وراڻي ڏني.

**مطلب:**

٥١.١ ٻيا تہ سيءُ سان جيئن تيئن منهن ڏئي ويندا، اها ڏچي ۾ پوندي جنهن نئون مڙس ڪيو آهي.

٥٢. مرون چُوڻ ڪائي، پنهنجو مٿو وڃائي. (پهاڪو)

مرون: خنزير، سوئر.
چُوڻ ڪائڻ: چوڻو ڪائڻ، لوڀ تي هرڻ، چوڻو پاڻي: روزي رزق.
مٿو وڃائڻ: موت اچڻ.

سوئر جو ڪنڌ سڌو هوندو آهي، پاسي ڏي نہ ورندو اٿس. ڏڪ لڳڻ سبب، چتو ۽ انڌو ٿي سڌ ۾ آءُ ڪندو آهي. جهنگ چڏي جڏهن شهرن يا ڳوٺن ڏانهن منهن ڪندو آهي تہ شڪاري/ ڏڦير ڪيس ڏڦي رکندا آهن.

**مطلب:**

٥٢.١ چتو ٿيڻ ڪان پوءِ هر ڪو سر وڃائيندو آهي.

٥٣. مزي جو مزو، پئنچن تي ٿورو. (پهاڪو)

هڪڙي هٽ-واڻيي ڪي، پئنچائتي فيصلي ۾ چڱو فائدو پيو. جنهن تي پئنچن جشن جي فرمائش ڪيس: "پائي خوشيءَ ۾ اهڙو جشن ڪراءِ جو منجهس ٿشن بہ هجي!"
پئنچن جي دعوت ڪيائين. مٽان پينگ بہ گهوٽرايائين، جنهن ۾ ڏاتورو بہ ڳڏيائين.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944
Gul Hayat Institute

مانيءَ کان پوءِ، پئنچن کي سائڙيءَ جو سوايو پيالو پياري، پاڻ پاسڙو ڏئي تماشو ڏسڻ وينو. پئنچ پُر-باش ٿيڻ کانپوءِ، خمارن ۾ وائي توائي بکڻ لڳا. تنهن تي هڪڙي پاڙيسريءَ ميزبان کان پڇيو: "يائي! هي پئنچن سان کهڙي ويڌن ڪئي اٿئي؟"

"ڏٺي! پاڻ فرمائش ڪيائون، مون عمل ڪيو." ميزبان وضاحت ڪندي ٻڌايس: "مزي جو مزو ٻه ٿيو، پئنچن تي ٿورو ٻه ٿيو".

**مطلب:**

۵۳.۱ دوائي کي دوائي، منائي کي منائي.

## ۵۴. مڪلي ٽڪري، ننگر ٺٽو ۽ پير پٺو،
## جنهن نه ڏٺو، تنهن ڪجهه نه ڏٺو. (چوڻي)

مڪليءَ جو قبرستان، پنهنجي تاريخي حيثيت رکي ٿو. منجهس لکين اولياءَ دفن ٿيل آهن. ٺٽو شهر ٻه قديمي شهرت رکي ٿو. پير پٺي جو مقبرو ٻه وڏو مقام رکي ٿو. سندس قبرستان کي مڪلي ثاني ٻه سڏيو ويندو آهي. سنڌ جي تاريخ جا مٿيان ٽيئي ماڳ جنهن گهمي نه ڏٺا، سو ڄڻ ڄائو ئي نه.

**مطلب:**

۵۴.۱ جس ني لاهور نهين ويکيا، اس ني ڪچ نهين ويکيا.

۵۴.۲ جس ني لاهور ديان بتيان نهين ويکيان، اوه جميا ئي نهين.

۵۴.۳ جنهن لاهور جون بتيون نه ڏٺيون، سو ڄڻ ڄائو ئي نه.

## ۵۵. مڪلي، عاشقن جو مقام. (چوڻي)

دنيا جي وڏي ۾ وڏي مقام/ قبرستان مڪليءَ ۾، الله جا سچا عاشق ۽ برگزيده اولياءَ، لکن جي تعداد ۾ دفن ٿيل آهن. جنهن سبب ائين مشهور ٿيو آهي.

ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته هر جمعي رات، مڪلي جي استان تي، عبدالله شاهه غازي يا شاهه مراد شيرازي جي مقبرن تي ماڻهن جا ميڙاڪا ٿيندا آهن. جتي زائرين سان گڏ، دنياوي عاشق ٻه اچي مڙندا آهن. جنهنڪري اتي، نه ڪرڻ جهڙيون حرڪتون ٻه ڪرڻ ۾ ايندا آهن. جنهن سببان ائين مشهور ٿيو آهي.

**مطلب:**

۵۵.۱ مڪليءَ جي مقام ۾ دفن ٿيلن منجهه اڪثريت ٻاهران آيل عاشقن جي آهي.

## ۵۶. مني، ڪوپ ڪني. (چوڻي)

مني: ڇپي يا مني نڪ واري عورت.

ڪوپ ڪني: ڪک جي خراب، چڱو اولاد نه ڄڻيندڙ.

جيڪا عورت منهن مهاندي ۾ موچاري ناهي، تنهن جو اولاد ٻه شڪل شبيهه ۾ موچارو نه ٿيندو آهي.



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**مطلب:**

٥٦.١ ڪانءَ جو اولاد ڪانءُ ئي ٿيندو.

٥٦.٢ جنهن جي ظاهري شڪل/ صورت سهڻي ناهي، سو گڻن/ لڇڻن ۾ به چڱو نه هوندو.

٥٧. **مينهن پنجين، وٺي ڪر هنجين. (چوڻي)**

مينهن پنجين: اها مينهن جيڪا پنجون پيٽ ويايل هجي.

وٺي ڪر هنجين: پلي وٺي ڏارجي.

مينهن جلد ڪراڙي نه ٿيندي آهي. جيڪڏهن پنج پيٽ به ويايل آهي، تڏهن به وٺي ڏارجي. منجهانئس فائدو پوندو. ڇه يا ڇه پيٽ ويايي ته مُور ته موٽائيندي پر منافعو به ڏيندي.

**مطلب:**

٥٧.١ گهر ۾ حلال مال ڏارڻ سان فائدو آهي.

٥٨. **نام پِني جو، گام ڏاتار جو. (چوڻي)**

نام: نالو.

گام: ڳان، ڳائون، ڳوٺ.

پير پني جو نالو سلطان شاهه عالم آهي ۽ ڏاتار جو نالو جميعل شاهه ڏاتار آهي. ٻنهي بزرگن، هڪ ئي ماڳ تي رهڻ جو معاهدو ڪيو هيو. جنهن ۾ پير پني چام ڏاتار کي چيو: "نام همارا، گام تمهارا".

هاڻي درگاهه ۽ مقام جي مشهوري، پير پني جي نالي جي پنيان آهي، جڏهن ته ڳوٺ جو نالو ڏاتار پنيان آهي.

**مطلب:**

٥٨.١ کوهي ڪنگهار جي، نالو نارائڻ جو.

٥٩. **نر ننگر، نار نصرپور، نرت نورائي،**
**هلي ڏسو جوڻ، جتي کپهه جو واپار آ جائي.**
**(چوڻي)**

نر: مرد

نار: عورت

نرت: چڱي نيت

ننگر: ٺٽي جو اصلي ۽ قديم نالو

نصرپور: اڳي حيدرآباد ضلعي جو شهر هيو ۽ هاڻي ضلعي ٽنڊو الهيار جو شهر آهي.

نورائي: ٽنڊو محمد خان تعلقي جو ڳوٺ نورائي شريف

جُوڻ: بدين طرف واقع پراڻو شهر.



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٺٽو شهر، مردن جي علم ۽ سونهن سببان، نصرپور عورتن جي سگهڙائپ سببان، نورائي شريف چگي نيت وارن جي ۽ جوڻ شهر ڪپهه جي وڏي ۾ وڏي واپاري مرڪز هئڻ ڪري مشهور هيا.

**مطلب:**

۵۹.۱ ڪي شيون، ڪن شهرن جي شهرت جو سبب بہ بڻبيون آهن.

### .٦٠ نيات آهي، گت گنگا. (چوڻي)

نيات: پنهنجي قوم.

گت: عادت، روش، رسم.

گنگا: هندوستان جي هڪ درياهہ جو نالو. جنهن جي جل کي هندو مذهب وارا پاڪ ۽ پويتر سمجهي، منجهس سنان ڪندا آهن ۽ پاپن کان پاڪ ٿيندا آهن.

پنهنجي قوم جي ماڻهن جي هر اوڻائي برداشت ڪرڻ يا سهڻ گهرجي. سندن لاءِ گنگا نديءَ وانگر لاپائتو ٿيڻ واري عادت ڌارجي. جيڪڏهن قوم جون اگلايون يا اوڻايون برداشت نہ ٿي سگهن تہ ماڻهوءَ کي برادريءَ مان نڪري وڃڻ گهرجي.

**مطلب:**

٦٠.١ قوم جو دشمن نہ ٿيڻ گهرجي.

### .٦١ واهہ ڙي ٻاٻرا، تنهن جي پٽ ۾ گيهہ. (چوڻي)

ٺٽي ضلعي اندر، تعلقي شاهہ بندر، تعلقي سجاول ۽ تعلقي ميرپور ساڪري جي ديهہ ٻاٻڙڪي ۾ ٻاٻڙن جا وڏا ڳوٺ آهن.

شاهہ بندر جي ٻاٻڙن واري هڪ ڳوٺ جي ٻاٻڙي، سنگتين جي دعوت ڪئي، پٽ ۾ گيهہ گهٽو وڌائين، جنهن تي سندس ڏاڍي تعريف ٿي، جيڪا ضرب المثل ٿي وئي.

ٻي روايت مطابق: پٽ ۾ موراڳو گيهہ ئي نہ وڌائين، جنهن تان ساڏين/ دعوتين ٽوڪيندي ائين چيس.

**مطلب:**

٦١.١ جيڪڏهن ڪنهن شاديءَ وغيره جي پٽ ۾ گيهہ گهٽو استعمال ٿيل هوندو آهي تہ ان جي تعريف لاءِ اهي لفظ ڪتب آندا ويندا آهن.

### .٦٢ واڻيو پنج نہ سهي، پنجاهہ سهي. (چوڻي/ پهاڪو)

پڪو دڪاندار پنج روپيا گهٽ ڪري، نقد تي وڪڻڻ کان، پنج روپيا چاڙهي اوڌر تي ڏيڻ لاءِ تيار هوندو آهي. جنهن سبب سندس پنجاهہ روپيا اوڌرن ۾ ڪاڃي ويندا آهن ۽ پوءِ ڪيس برداشت ڪرڻا پوندا آهن. جڏهن تہ نقد سودي وارا پنج روپيا ڪانئس برداشت نہ ٿيندا آهن.

**مطلب:**

٦٢.١ واڻيو مال رکي ڪنو ڪري، پنجاهہ جو نقصان ڪندو، پنج روپيا کس ڪائي نيڪال نہ ڪندو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٦٢.٢ رکي پڇتائڻ کان، وکڻي پڇتائڻ چڱو آهي.

٦٣. وندر مٿي وانت، پوءِ ويري ٻه مان جها ياءُ.

(جتڪي، پهاڪو)

وندر: هنڌ يا ماڳ جو نالو، بلوچستان جو علائقو.

مٿي: لنگهي.

وانت: اُلهندي.

ويري: دشمن.

مان جها: منهنجا.

ياءُ: سڄڻ.

وندر جي علائقي کان اولهه طرف ٽپڻ بعد، دشمن ٻه منهنجا يائر آهن. سسئيءَ جا ڏير، جيکي سندس پنهل جا يائر هيا ۽ ساڻس دوکو/ دشمني کري ويا، سي وندر کان اولهه طرف جا رهاکو هيا. وندر ٽپي وٺن پهچڻ کي يائرن وٽ پهچڻ پئي سمجهيائين.

**مطلب:**

٦٣.١ اڻ ڏٺي ڏيهه تي وڃجي ته اتي جي رهاکن کي يائرن وانگر سمجهجي، پوءِ پلي هو برايون ئي کن.

٦٤. وياهه وياٽي، پيرا پاٽي. (چوڻي)

وياهه: ويساک، هندي ٻئي مهيني جو نالو.

وياٽي: ٽاٽي، صبح صادق يا پرهه-ڦٽيءَ جي مهل.

پيرا پاٽي: پير پسڻ جيترو پاٽي.

کاري جي طرف مشهور آهي ته ويساک جي مهيني ۾ صبح صادق يا پرهه-ڦٽيءَ مهل، درياهه مان پاٽي لاٿ کري ويندو آهي ۽ پيرن پسڻ جيترو مس وڃي بچندو آهي.

**مطلب:**

٦٤.١ ويساک ۾، لاڙ طرف، پاٽيءَ جي کوٽ رهي ٿي.

٦٥. ويڄنئون وئي، ٿي وهيٽي سڄٽين. (پهاکو)

جڏهن بيماري چوٽ چڙهي ويندي آهي ۽ حڪيمن وٽان لادعوىٰ ٿبو آهي، تڏهن سڄڻ ڏانهن رجوع کبو آهي. ائين کرڻ ٻه جڻ پيش نه پوڻ برابر آهي. سڄٽن يا اصلي مالکن کي، حڪيمن ۽ طبيبن وٽ تات پوڻ کان اڳي سارجي.

**مطلب:**

٦٥.١ ٻيا در پيٽڻ کان اڳ، سڄڻ جو در پيٽجي.

٦٦. وير مَ لاهي ويهُه، مٿي اَر اوڙاهه. (پهاکو)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ويرَ: دير، ويسلو.
مَرَ: نہ.
لاهي: ڪري.
اَرَ: درياهہ جو وَيرُ.
اوڙاهہ: اونهو، اٿاهہ.
اڳيان درياهہ جو اونهو وير پيو اچي، ويسلو نہ ٿيءُ متان ٻيڙو ڦاسائي ويهين.

**مطلب:**

٦٦.١ تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهجي، سستي ڪري ٽاٽو نہ ٽارجي.

٦٧. هورن هاڙهو لنگهيو، ڳؤرون پاسي ڳوٺ.
(جتڪي، پهاڪو)

هورن: سورن، تڪليفن.
هاڙهو: جبل جو نالو.
ڳؤرون: نانگ بلائون.
سورن ۽ تڪليفن وارا، سسئي وانگر هاڙها جبل ۽ نانگ بلائون اورانگهڻ کان ڪين گهبرائيندا آهن. سر تريءَ تي رکي، اوڙاهہ ۾ ڪاهي پوندا آهن ۽ وڃي منزل مقصود تي پهچندا آهن.

**مطلب:**

٦٧.١ هر حال ۾ محنت ڪرڻ گهرجي. هٽ هٽ تي رکي ويهي رهڻ نہ گهرجي.

٦٨. ياقب جي ياري، سڄي جَڳَ جي خواري،
ان جهڙي ٻي ڪونهي بيماري. (چوڻي)

ياقب: يعقوب نالي هڪ شخص بابت روايت ملي ٿي تہ هُو جنهن سان بہ دوستي ياري رکندو هو تہ اُن ماڻهوءَ بابت جيڪو بہ وٽس ايندو هو، اُنکي هر ڪچي ڦڪي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏيندو هئو. ان ڪري سندس دوستي کهاوت طور مشهور ٿي ويئي ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي ڳوٺ وارا ماڻهو مثال ئي يعقوب واريءَ ياريءَ جو پيا ڏيندا هيا.

**مطلب:**

٦٨.١ ماڻهوءَ کي ويسهہ وسوڙو نہ ٿيڻ گهرجي. هر ماڻهوءَ آڏو ڪيدو ٿيڻ سبب پنهنجي پرچهہ وڃائي ڇڏيندو.

Gul Hayat Institute


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# مٽيارين جا پهاڪا ۽ چوڻيون

هيءُ مضمون، انهن پهاڪن ۽ چوڻين تي آڌاريل آهي، جيڪو قاضي مقصود صاحب مٽيارين واري، پهاڪن جي ڊائريڪٽريءَ جي نالي سان لکيو هيو، جيڪو سنڌي ساهت حيدرآباد طرفان نڪرندڙ ڪينجهر رسالي اندر شايع ٿيو هيو. پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ مڙني پهاڪن ۽ چوڻين جي وضاحت ۽ تشريح بمع سنڌن نعم البدل جي هتي پيش ڪجي ٿي. اميد ته هيءَ محنت پڙهندڙن لاءِ، خاص طور جيڪي مقابلي جي امتحانن جي تياري ڪن ٿا، گهڻي لاڀائتي ٿيندي.

## ١. اترادي ٻچو، مُور نه سچو. (چوڻي)

تڪبند ٽوڪ، جيڪا لاڙ جا رهاڪو، اترادين ۽ سري جي رهاڪن بابت چوندا آهن. تڪبند ۽ هم-وزن قافيه ڪانسواءِ، منجهس ڪابه نقطي جي ڳالهه يا حقيقت ڪانهي. هيٺ يا مٿي، لاڙ ۾ يا سري ۾، جبلتًا هڪجهڙا ئي انسان آهن. ڪوڙ جي خاصيت، ڪن ماڻهن جي جبلت ۾ شامل هوندي آهي، پوءِ ڀلي اهي اتر جا رهاڪو هجن يا لاڙ جا. اهڙي نموني سان، سچائي به لاڙ وارن جي ميراث ناهي. اترادي به زبان ۽ گفتي جا سچا ۽ کرا ضرور آهن. جنهن پير تي بيٺا، سِرُ وڃڻ سان به نه هٽندا.

**مطلب:**

١.١ڪوڙا ۽ سچا ماڻهو، هر علائقي ۾ موجود آهن.

١.٢ڪو به علائقو، ڪوڙن ڪي يا سچن ڪي ورهائي، ميراث طور نه ڏنو ويو آهي.

١.٣لاڙي: ياڙي، پاڻ ڪائي پان، گهر ۾ زال اگهاڙي. (ضد)

## ٢. اتر جو ڏِڳو، لاڙ جو ماڻهو. (چوڻي)

لاڙ جي ماڻهن جي هن چوڻيءَ مان مراد آهي: اتر ۾ ڏڳا ۽ لاڙ ۾ ماڻهو رهن ٿا. جڏهن ته اترادين انهيءَ چوڻيءَ مان مراد ورتي آهي: اتر ۾ رهندڙ ڏڳو، لاڙ ۾ رهندڙ ماڻهوءَ جيترو عقل رکي ٿو.
لاڙين جو چوڻ آهي ته: اترادي ڏڳي وانگر ٿاهڙ، ويڙها ۽ اٻهرا آهن. سنڌن طبيعت ۾ ڌيرج ناهي. سنڌن برعڪس، لاڙ ۾ رهندڙ، سمورا ماڻهو آهن. وٽن تهذيب ۽ مهذب-پڻو آهي. سوچ سمجهه ۽ سانت سڪون واري سياءُ وارو آهي.
اترادين جو چوڻ آهي ته: لاڙ ۾ رهندڙ ماڻهن کي عقل ۽ جسماني طاقت، ماڻهوءَ جهڙي ۽ جيتري آهي. ان جي برعڪس، اترادين ۾ ڏڳي جهڙي طاقت آهي. عقل جي لحاظ کان، اترادي لاڙين کان به وڌيڪ آهن. ايترو جو اترادين جا ڏڳا ۽ جڏا ماڻهو به لاڙين جي هوشيار ماڻهن جهڙا آهن.

**مطلب:**

٢.١اتر ۾ ڏڳا، لاڙ ۾ ماڻهو ٿا رهن.

٢.٢لاڙي ماڻهو، اترادي ڏڳي جهڙو آهي.

## ٣. اڪ ڏني مک، ڪير ڳهي؟ (پهاڪو)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مک، گندگيءَ تي ويهندي آهي. اتي آنا لاهي، ٻچا ڪندي آهي. اتان اتي اچي ڪاڌي جي شين تي ويهندي آهي. سندس ٽنگن کي لڳل گندگي، ڪاڌي ۾ هلي ويندي آهي. جنهن ڪري، اهو ڪاڌو کائڻ وارو، بيمار ٿي پوندو آهي. سندس پيٽ ۾ پڻ، گند آهي. جيڪڏهن اهو ڪاڌي تي اچلي ته به ڪاڌي اندر بيماريون اچي وينديون، جيڪي کائيندڙ تي پڻ اثرانداز ٿينديون.
ان کان علاوه، مک کي ٻه پر آهن. سندس هڪ پَرَ ۾ حڪمت ۽ ٻئي ۾ بيماري رکيل آهي. ڪاڌي تي ويهڻ وقت، اڪثر اهو پر هٽندي آهي، جنهن ۾ بيماري اٿس. جيڪڏهن کيس پڪڙي، سندس ٻيو پر به ساڳئي ڪاڌي ۾ ٻوڙجي ته سندس بيماريءَ واري پر جو ازالو ٿي ويندو. اڪثر ماڻهن کي انهيءَ فعل کان ڪراهت ايندي آهي. جنهنڪري ڪير به مک کي جهلي، ڪاڌي کي متوازن ڪرڻ لاءِ سندس ٻيو پَرُ ڪاڌي ۾ نه ٻوڙيندو آهي. جيڪڏهن اتفاق سان ڪاڌي ۾ اکين آڏو ڪِري پوي ته ڪاڌو ئي موٽائي ڇڏيندو آهي. مک وانگر ڪاري شيءِ به ڪاڌي ۾ نظر اچي وجي ته، ماڻهو فطرتًا ڪاڌي کان هٿ موٽائي وٺندو آهي، پوءِ ڀلي اهو ڪارو مرچ ئي ڇو نه هجي.

**مطلب:**

٣.١ڄاڻي واڻي غلط ڪم ڪير به نه ڪندو آهي.
٣.٢مک نه ماري، مک جو مريڙو ماري.
٣.٣اک ڏٺي مک، ڪير نه ڳهندو آهي.

## ۴. انڌي آڏو روئڻ: پنهنجو نور وڃائڻ. (پهاڪو)

اکين کان انڌو ماڻهو، معذور، بي بس ۽ لاچار آهي. کيس ظاهري اک سان ڪا شيءِ نظر نه ايندي آهي، نه ئي وري ماڻهن جي جذبات کي ڏسي سمجهي سگهندو آهي. ڳالهائڻ واريجي چهري تي پکڙيل تاثرات کي، نه ڏسي سگهڻ سبب، پرکي ڪين سگهندو آهي. نه ڪنهن جي اکين جي ٽُنرن مان ٽمندڙ ڳوڙها ڏسي سگهندو آهي ۽ نه ئي وري ڪو اهڙو تصور به ڪري سگهندو آهي. جنهنڪري، انڌا اڪثر شڪي مزاج ۽ وهمي ٿيندا آهن. ڪنهن جي روئڻ کي به مڪر پيا سمجهندا آهن. اهڙن ڪنور ۽ سخت دل ماڻهن آڏو، جيڪي انڌي وانگر شڪي مزاج، توهم پرست ۽ باطل عقيدن جي ڪُن ۾ ڦاٿل هجن، روئڻ ۽ مدعيٰ پيش ڪرڻ، فضول ۽ اجائي آهي.

**مطلب:**

۴.١عقل جي انڌي ۽ اکجي انڌي کي، ٻئي جو احساس نه ٿيندو آهي.
۴.٢انڌي آڏو روئڻ، اکين جو زيان.
۴.٣انڌي آڏو آهري، ڪرتئو ٽنگيل.

## ۵. اهڙو ڪم ڪجي جو، نانگ به مري ۽ لٺ به نه ڀڄي. (پهاڪو)

نانگ، زهريلو جيت آهي. جنهن کي سنگهي، سو ڪُرڙي ئي نه هٽي. سندس زهر سان انسان مري پوي. اهڙي موذيءَ کي مارڻ، ضروري آهي. زمين تي سُرندو رهندو آهي. هوا ۾ سندس جسم نه هوندو آهي. پٽ تي پيل نانگ کي لٺ هٽبي ته نانگ کي گهٽ، پٽ کي وڌيڪ لڳندي. جيترو زور



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سان هٽبي، اوترو وڌيڪ پٽ تي لڳندي. زمين کي ٿوڙي ته نه سگهندي، پر پاڻ پڃي پوندي. نانگ کي، پٽ تي مارڻ لاءِ به وقوف يا ڏانءُ جي ضرورت هوندي آهي. چو جو هڪ ته نانگ پاڻ خوفناڪ آهي. ڪانئس هرڪو ائين ئي پيو ڇرڪندو آهي. ٻيو لٺ هٿ ۾ ڪٺي، ساڻس پٽ تي ٻيهي ويڙهه ڪائڻ به جگر ڳڙدي جو ڪم آهي. ڌڪ هٽڻ وارو، ڀَوَ ۽ خوف ۾، زهل مان اکيون پوري لٺيون وسائيندو آهي، جيڪا پيٽ پر سرنڊڙ ڪک کي لڳڻ بجاءِ، زمين کي پئي لڳندي آهي ۽ جلد پڃي پوندي آهي. ان جي برعڪس جيڪو ماڻهو، پير ڪوڙي، سمجهداريءَ سان لٺيون وهائيندو آهي، سو لٺ پڃڻ کان اڳي، نانگ کي به ڏاهي وجهندو آهي.

مطلب:

٥.١هر ڪم، سوچي سمجهي ڪجي.

٥.٢اهڙو ڪم ڪجي جو، لعل به لڀي ۽ پريت به رهجي اچي.

٦. ٻه تلوارون، هڪ مياڻ ۾ نه اينديون. (پهاڪو)

تلوار، لوهي ڌات مان جڙيل، تکو ۽ وڍيندڙ اوزار آهي. اگهاڙي ڪٺي هلڻ ۾، نقصان پوڻ جا انديشا آهن. ان ڪري ڪيس هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، محفوظ نموني ڪٺي هلڻ لاءِ، مياڻ يا ڪيپ اندر لڪائي ڪٺي هلبو آهي. ڪٺڻ ڪرڻ ۾ آسان ٿيندي آهي ۽ منجهانئس خطروبه گهٽ رهندو آهي. مياڻ يا ڪپ، ايتري سوڙهي ۽ هلڪي هوندي آهي جو تلوار جي وزن سميت، ڪيس ڪٺڻ ڏکيو نه هوندو آهي. منجهس هڪ ئي تلوار سمائڻ جي گنجائش هوندي آهي. ٻه تلوارون گڏ، يا هڪ ٻئي پويان، منجهس نُسي پري نه سگهبيون آهن. ڪوشش ڪبي ته مياڻ ڦاٽي پوندي.

مطلب:

٦.١هڪ شيءِ جي گنجائش واري جاءِ تي، ٻه نه رکي سگهبيون.

٦.٢هڪ زال جا، هڪ ئي وقت، ٻه مڙس نه ٿا ٿي سگهن.

٦.٣ٻن ٻيڙين ۾ جيڪو پير رکندو، چڏا تنهنجا چيربا.

٦.٤ٻه گدرا، هڪ مُٺ ۾ ڪين ماپندا آهن.

٧. ٻاهر ٻرندي هر ڪو ڏسي، منجه ٻرندي ڪير نه ڏسي.
(پهاڪو)

دنيا اندر آباد، هر انسان سان معاملا ۽ مسئلا، لاڳو ضرور آهن. ڏک سور کان ڪوبه وانجهيل ناهي. اندر ۾ آڙاهه هوندي به، زماني داريءَ جي حساب سان، هرڪو بظاهر ڪلندو ۽ خوش ٿيندو نظر پيو ايندو آهي. اندر ۾ جيڪي ڏک ۽ ڏونگريون هونديون آهن، سي ته اندر واري کي ئي ڪُڪنديون آهن پيون. ڏسڻ وارو ڪيس، پنهنجي طبيعت جي ڪيفيت سارو پيو سمجهندو آهي.

جڏهن ته ظاهري لڳل باهه، هر ڪنهن کي نظر ايندي آهي. ڪنهن جو به سامان سڙندو ڏسي، دل ٻيهي نه سگهندي آهي ۽ ان کي بچائڻ لاءِ، پاڻ مرادو هٿ-پير هلڻ شرو تي ويندا آهن. اهو سمورو عمل، انساني همدردي ۽ هڪ ٻئي لاءِ نيڪ جذبا رکڻ جو ثبوت آهي. انهيءَ هوندي به اندر ۾ جَلِيَل


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944
Gul Hayat Institute

باهہ، ڪير وسائڻ جو جتن نہ ڪندو آهي. چو جواها ڏسندڙ ڪي ڏسڻ ۾ نہ تي اچي ۽ نہ وري ان بابت، پنهنجي طبيعت ڪان هٽي ڪري، ڪو مدد ڪري سگهي ٿو.

مطلب:

۷.۱ ٻئي جي اندر جي خبر نہ پوندي آهي.

## ۸. ٻُڌجي سڀ ڪنهن جي، ڪجي پنهنجي. (چوڻي)

ڪي معاملا اهڙا هوندا آهن جن ۾ صلاح ونڻ ضرور هوندي آهي. ڪن ۾ نہ ونڻ جي باوجود، ٻيا پيا صلاحون ڏيندا آهن. صلاح ڏيڻ وارو، پنهنجي تجربي ۽ عقل آهر صلاح ڏيندو آهي. ان ۾ بہ سندس نيت ۽ مفاد ڪي نظر ۾ رکڻ ضروري هوندو آهي. تنهنڪري ٻڌڻ واري تي، ٻڌائڻ واري جو حق اهو آهي تہ ڪيس ٻڌي. نہ ٻڌڻ سان، هرڪو بد ظن تي ويندو ۽ آئنده صلاح جا دروازا بند ٿي ويندا. گهٽن ڏاسُن ڪي ٻڌڻ ڪانپوءِ، جيڪا ڳالهہ مَنَ ۾ ويهيس، تنهن تي عمل ڪري. نہ ڪنهن جي نيت تي شڪ جو اظهار ڪرڻ ڪپيس ۽ نہ ڪنهن ڪي گهٽ وڌ ڳالهائڻ ڪپيس.

صلاح ونڻ ۾ برڪت آهي، پوءِ ڀلي متس عمل نہ ڪجي. صلاح نہ ونڻ ۾ تڪليفون آهن. صلاح ونڻ ڪانپوءِ، چڱي ڳالهہ، جيڪا دل ۾ سمجهجي، تنهن تي عمل ڪجي.

مطلب:

۸.۱ هر ڪم، صلاح مشوري سان ڪجي.

۸.۲ مشوري ۾، خير ۽ برڪت آهي.

## ۹. ڀائرن سان ڪهڙا ليکا؟ (چوڻي)

ڀائپي برادري، متي مائٽي، دوستي ياري، هلنديون ئي لهہ لحاظ سان آهن. ٽڪي ٽڪي جي حساب ڪرڻ سان، پري وڃي پئبو آهي. ڇڏ-چوٽ ۽ اڪ-ٻوٽ بہ ڪن معاملن ۾ ٿيندي آهي. چؤڪنو ٿي، ڏوڏا ڦاڙي، هر معاملي جي تڪ تور ڪبي تہ نہ ياري باشي هلندي نہ ڀائپي برادري. جنهن جو ڪائجي، تنهنجو لاهجي. لاهي نہ سگهجي تہ سڄي عمر وينو ڳائجي. اهڙي قسم جو حساب، دل ۾ ضرور رکجي. مٽ مائٽ جو ٿورو بہ دل ۾ هندائجي ۽ ساڻس، پڄنديءَ سارو وڏائي چڱائي ڪجي. رڳو ٻئي جو ڪاءُ ڪاوان هجي ۽ متس خرچ نہ ڪجي، بلڪ پڪائي ڪجي تہ بہ معاملو نہ هلندو. اهڙي قسم جو سودو، سودمند نہ رهندو. جيترو ٻيا ٿورو ڪن، موٽ ۾ وڌيڪ نہ تہ بہ اوترو ضرور ڪجي. اهڙي قسم جو ليکو، دل ۾ تلڻ ضروري آهي. باقي ڀائرن تي خرچ ڪري، رڳو حساب ونڻ سان برادريون ٽٽي وينديون آهن.

مطلب:

۹.۱ ڇڏ چوٽ سان، برادري قائم رهندي.

۹.۲ گهر تہ گهراڻءِ جو جهان آهي.

۹.۳ بخشش سَوَ سَوَ، حساب جَوَ جَوَ.

۹.۴ بہ ڀائر، ٽيون ليکو، ليکو آ چوکو، چوکي آ پريت.

۹.۵ ڀائرن ڀاڱا لهڻا، توڙي هجن اڌ جا ڪانا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۱۰. پَتڙ تہ بکيو، غريب تہ گڏو،
خاصو تہ خاصخيلي، تونگر تہ طاهراڻي. (چوڻي)

پَتڙ: هڪ ذات جو نالو.
گڏو: جنهن جي ماءُ هڪ ذات جي ۽ پيءُ ٻي ذات جو هجي، ٻسر.
خاصخيلي: سنڌ جي هڪ ذات، خاصَہ-خيل کان آيل. ميرن ٽالپرن جا نوڪر.
طاهراڻي: هڪ ذات جو نالو، طاهر نالي مرد جا پونير.
هتي چئن ذاتين جو تذڪرو ڪيل آهي ۽ سندن مالي حالت ۽ ذهني ڪيفيت ڏانهن اشارو پڻ ٿيل آهي. پتڙ ذات وارو بکيو بنگالي هوندو. گڏو، ننڍڙو هئڻ سبب طبعًا غريب هوندو. جڏهن تہ خاصخيلي اميرن جي پئسي تي خاشو وقت ڪڍي ويندو. طاهر، طهر مان ورتل آهي، يعني پاڪ. پاڪ رهندڙ، تونگر يا امير رهندو.

مطلب:

۱۰.۱ ذات پات، پالنا پوسنا ۽ شڪل شبيهہ جو ماڻهوءَ جي ڪردار ۽ مالي ڪيفيت تي باقاعدہ اثر پوندو آهي.

۱۱. پٽ ويندي آهي بنياد تي. (پهاڪو)

پٽ، عالم پناهہ طور تي، جاين جڳهين جي چوڌاري اڏائي ويندي آهي. ويڪر هڪ فوٽ کان ٻہ فوٽ ٿيندي اٿس. پر ڊيگهہ ۽ اوچائي، وڌيڪ ٿيندي اٿس. پٽ، جيتري اوچي ٿيندي ويندي آهي، اوترو سوڙهي بنياد تي ڪيس بيهارڻ ڏکيو ٿيندو ويندو. لڙي ويندي يا ٽيڏي ٿيندي ويندي. بنياد ڪمزور هوندو تہ هيٺ جهڪڻ سبب، ڦوٽيون ڪائي ويندي. جيڪڏهن بنياد سوڙهو هوندو تہ مٿي وڃڻ سان، پٽ جو ڍانچو لوطرو ٿيندو ويندو، جيڪو پڻ لڙي پوڻ جو سبب ٿيندو ۽ پٽ ڪري پوندي. چري، گهري نہ پنڻ سان پڻ، پٽ جا بنياد ڪمزور ۽ پُٽا رهندا.
بنياد ويڪرو ۽ مضبوط زمين تي رکيل هوندو تہ پٽ، سڌي ڪجندي ۽ ڍانچو مضبوط رهندو. ڪسڪڻ ۽ لڙڻ کان بچي ويندي.

مطلب:

۱۱.۱ هر شيءِ جي شڪل، پنهنجي بنهہ تي ويندي آهي.
۱۱.۲ جهڙو بنياد ڪوتبو، اڏاوت بہ اهڙي ئي ٿيندي.

۱۲. پؤنڪڻ وارا ڪتا، ڪائيندا ڪو نہ. (چوڻي)

ڪتو، اوپري ماڻهوءَ تي پؤنڪندو آهي. خاص طور بيگاهہ وقت تي، چور وغيرہ کي ڏسي پؤنڪندو آهي. پاڻ پلي ڪين نہ چڪي، پر سندس پؤنڪڻ تي پاڳيا جاڳي پوندا آهن ۽ سونچو تي ويندو آهي. خبرو خبراڻ تي، پاسي اوسي کان لٺ ڏکي ۾ هٿ پئجي ويندو آهي ۽ ماڻهن ۾ چور چور تي ويندي آهي. هاهڙ هوهڙ تي چور بہ پچ پائي، ڪڙين تي زور رکندا آهن.

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هڪڙن ڪتن ۾ عادت ٿي ويندي آهي تہ هر آئي وئي کي چڪ هڻندا آهن. چتا نہ هوندا آهن پر چڪڻ جي عادت هوندي اٿن. سي لنگهي ويندڙ کي پويان چپ چپ ڪري اچي چڪ هڻي ڪوڪڻ ڪندا آهن. پؤنڪي اطلاع نہ ڏيندا آهن.
چتو ڪتو پڻ پؤنڪندو ناهي. سڌو پيو ايندو ۽ جيڪو سامهون چڙهيس تنهن کي چڪيندو. سُڳو پُڳو پيو ويندو. چڪ مهل ڪوڪڻ بہ نہ ڪندو. سندس چڪ نہ لڳي ۽ رڳو گگ لڳي تہ بہ ماڻهوءَ کي چتو ڪري وجهي. چتي جو چڪيل يا تہ ڏُن واريون چوڏهن سُيون لڳرائي يا باقي باقي ٻين کي چتو ڪري، قبر پيٽ ٿئي.
لطيفو آهي تہ هڪ همراهہ تي گهٽيءَ جي ڪُتي پؤنڪيو پئي، جنهن ڪري ڪتي جي وڃڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ٻئي واٽهڙوءَ چيس: "لنگهي وڃ! ڪتو نہ کائيندو. ڪتاب ۾ نہ پڙهيو اٿئي تہ: ڀاهيندڙ ڪتو، ڏهڙيندو ناهي". اڳلي چيس: "مون تہ پڙهيو آهي، پر ڪتي پڙهيو آهي الائي نہ."

**مطلب:**

١٢.١ چڪر ڪُتو، بنا اطلاع جي چڪ پائيندو آهي.

١٢.٢ ڏاڙهيندڙ، نہ ڏهڙيندڙ.

١٢.٣ Barking dog never bites.

### ١٣. تلهو ڏسي نہ ڊڄجي، سنهو ڏسي نہ وڙهجي.

(چوڻي/ پهاڪو)

جهيڙي وغيره ۾ دشمن جي ڏيگهہ يا تولهہ ڏسي، نہ ڊڄجي. ڪي تلها ماڻهو، پنهنجي ئي وزن ۾ پاڻ پيا چِڄندا پُرندا آهن. جيڪڏهن ڪو تيز ئي اچي وين تہ پنهنجي وزن سان ئي پنهنجي پاڻ کي نقصان ڏئي ڇڏيندا. ڊگها ۽ ڏوت، پڻ ائين آهن. انساني جسم جي ڊيگهہ بہ ڪن هنڌن تي ڪنهن بيماريءَ سبب هوندي آهي. اهڙي قسم جو ماڻهو، پنهنجو سرير ڪٽڻ ۽ سنڀالڻ ۾ ئي آزرت هوندو آهي. جنهن ڪري ڪانئس ڊڄي گهر ۾ نہ ويهجي، بلڪ مقابلي جي وقت، ٻاهر نڪري ان سان مهاڏو اٽڪائجي. هونئن بہ وڙهندي، دل آهي.
ان جي برعڪس، سنهي ماڻهوءَ کي ڪمزور نہ سمجهجي. گهٽ وزن سبب، ڦڙت ۽ تيز هوندو آهي. پنهنجو وزن گهٽ هئڻ سبب، اڏامي اڏامي ڪڙهون هڻندو آهي. ڏڪ هڻڻ ۽ گم ٿيڻ ۾ دير ئي نہ ڪندو آهي. جيئن نانگ ڊگهو ۽ سنهو آهي پر زهريلو هئڻ سبب هڻ ڪڻ آهي. تيئن سنهو مڙس بہ خطرناڪ ٿيندو آهي. ڪمزور سمجهي، ساڻس مهاڏو نہ اٽڪائجي.

**مطلب:**

١٣.١ تولهہ نہ ماري، ڊيگهہ ماري.

١٣.٢ هيٺو ڏسي نہ وڙهجي، ڏاڍو ڏسي نہ ڏڪجي.

١٣.٣ سنها ڀانءِ مَ سپ، وياءَ واسينگن جا،
تنين سندي جهڙپ، هاٿي هنڌان ئي نہ چُري.

### ١٤. پنهنجن سان ڪهڙا ليکا؟ (چوڻي)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

معاملات منجهه حساب ڪتاب يا ليکو چوکو لاهڻ سان، دل کي آٿت ملندو آهي ۽ نريل رهندي آهي. دل نريل هوندي ته سنگت ساٿ ۽ مٽي مائٽي نيجي سگهندا. اگر دل ۾ ڪٽر اچي ويو ته معاملا بگڙجي ويندا. چو جو دنيا سان محبت، هر ماڻهوءَ جي دل ۾ توري گهڻي ضرور هوندي آهي. سنگتي ۽ مٽ مائٽ، هڪڙي سڪيي ماڻهوءَ کي ڦٽيندا ڦريندا رهن ۽ سندس ڪم نه اچن ته اڳلي کي ضرور احساس ٿيندو ۽ ڪتڙيون پيون پٽيندس. سنگت ۽ واسطيداريءَ کي وڌيڪ جاري رکڻ بدران، اتي ئي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته جيئن واڌو نقصان ۽ ڦٽ ڦُرَ کانبچي سگهي.
ڪن ماڻهن سان وري، اهڙو دلي لڳاءُ هوندو آهي، جو اهي جان کان وڌيڪ پيارا پيا لڳندا آهن. سموري ملڪيت ڪائي ويندا، احساس نه ٿيندو. جيئن اولاد آهي، جيڪا به ڪمائي آٽي آڌو رکجين ٿي ۽ ڪائي ٿا وجن ته دل ڪانئن موٽائي ونڻ بدران پئي چوندي ته جيڪر اجا ٻيو به ڪمائي ڪين ڏجي. پينو فقير به ۾ در وڌيڪ پنڻ کي ترجيح ڏيندو، پر ٻچن کان ڪا به محنت نه ڪرائيندو. ڪيس خبر آهي ته: پنهنجائپ ۾ حساب يا ليکو ڪرڻ سان، ماڻهوءَ جا سمورا واسطا وڙا ۽ تعلقداريون، هوا تي وجن ٿيون.

**مطلب:**

١٤.١ هل چري! يارن سان ڪهڙ اليڪا؟

١٤.٢ ڪس ڪسر سان ئي، رشتا ناتا نباهي سگهبا آهن.

### ١٥. جتي مينهن پوي، اتي چڪون به ٿينديون. (پهاڪو)

مينهن/ آسمان مان زمين تي آيل پاڻي، اگر زمين تي پوندو ته گنجائش آهر هر ايراضيءَ ۾ ڦهلبو. مِٽيءَ جي نوعيت سارو، مٽس اثرات وجهندو. وارياسي مٽي، يڪدم ڪيس چوهي ويندي. ڏاڍيريءَ تي بينو رهندو. جڏهن ته وارياسي چيڪي مٽيءَ تي گپ چڪ ڪري بيهندو. جتي ۽ جيترو مينهن پوندو، اتي ۽ اوترو، گپ چڪ ڏيکاري ڏيندي. ائين نه ٿيندو جو مينهن هڪ هنڌ پوي ۽ گپ چڪ ٻئي هنڌ ٿئي. هڪ هنڌ جو پاڻي، اگر وهي ٻئي هنڌ پهچندو ته اتي تلاءُ ناهيندو، چڪ نه ناهيندو. پوڻ واري جاءِ تان، اگر پاڻي وهي هليو ته به پويان گپ يا چڪ جي صورت ۾ نشان ناهيندو ويندو. ائين پئسي جو اچڻ پڻ آهي. جنهن جاءِ تي پئسو ايندو، اتي نشانات ڇڏيندو. جتان ويندو، اتان به ويندي مهل گس/ رند ناهيندو ويندو.

**مطلب:**

١٥.١ هر شيءِ کي اثر ۽ نشاني آهي.

Gul Hayat Institute

### ١٦. جهڙو راڄ، تهڙو پاڳ. (چوڻي)

اڳي ڪاسبي ماڻهو، جهڙوڪ: ڪنير، حجم، لوهر، ڊکڻ، ڪوري، موچي، ميربحر ۽ مگڻهار وغيره، پئسن جي بدلي ڪا به شيءِ ناهي نه پهچائيندا هيا. بلڪ جنهن ڳوٺ يا راڄ ۾ رهندا هيا، تن کي پنهنجو ناهيل وکر، وقت سارو پچائيندا هيا. سال تي يا فصل لٿي، جنس جي صورت ۾، پنهنجي محنت جو معاوضو، لاپو يا پگر وصول ڪندا هيا.
سجو سال محنت ڪري، راڄ کي ڊورٽا پچائيندا هيا. پگر يا لاپو ونڻ وقت، حساب ڪتاب ته هوندو ڪين هيو جو ڪين اوتري ڪچ، ماپ سان ملي. البت راڄ جي مٽان هيو ته پڄنديءَ سارو، ڪاسبيءَ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪي خوش ڪري. خوشحال راج وارا، ڪاسبين ڪي ٻه چڱو چوڪو لاپي طور ڏيندا هيا. جڏهن ته غريب راج وارا، ڪاسبين ڪي لاپي يا ياپ پڙائي ۾ لائي چائي ڪندا هيا.
انهيءَ سببان، ڪاسبين جي زبان تي اها ڳالهه ٻه چڙهي وئي ته، راج خوشحال ته ياپ پلو ۽ بدحال ته ياپ ڏلو ٿيندو.

**مطلب:**

١٦.١ پاٽ ۾ اهو پوندو، جيڪي ڪنيءَ ۾ هوندو.

١٦.٢ آهَ ۾ سو ئي پوندو، جيڪي ڪوهه ۾ هوندو.

١٦.٣ زبان تي سو ئي ايندو، جهڙو دل ۾ هوندو.

١٦.۴ والدين خوشحال ته خرچي سُني، بدحال ته خرچي چُٽي.

## ١٧. جهڙو سُٽ، تهڙي پيٽي،

## جهڙي ماءُ، تهڙي ڌيئي. (پهاڪو)

پيٽي، سيني مٿان پائجندڙ چولي، جيڪا وڏي چولي جي اندران پڻ پائجي، سا سٽ يا ڪپهه سان اڻجندي آهي. سُٽ، ڪپهه مان، ڌاڳي جي صورت ۾ ٺهندو آهي. جيترو سٽ جو ڌاڳو مضبوط هوندو، اوترو ئي منجهانئس اُڻيل ڪپڙو مضبوط هوندو. جيترو ڪپڙو مضبوط هوندو، اوترو وري منجهانئس جڙيل لٽو يا اوڇڻ مضبوط ۽ جهالائو، ديده زيب ۽ پرڪشش هوندو.
اهڙيءَ طرح اولاد، ماءُ تي پڻ ويندو آهي. خاص طور تي ڌيءُ. ڇو جو نياڻيءَ جو بارُ، هميشه گهر اندر رهي ٿو ۽ ٻاهر گهٽ نڪري ٿو. گهر اندر، ماءُ سان ئي سندس چڱو وقت گذري ٿو. جتان، ماءُ جا اثرات ڌيءُ تي پون ٿا. ٻولي ۽ گفتو، ڍنگ ۽ لهجو، لفظن جي ادائگي ۽ وراڻ، هوبهو ماءُ وانگر سکي ٿي. سانجڻ، رڌپچاءَ کان علاوه لٽو ڪپڙو ڌوئڻ، استري ڪرڻ، پائڻ ۽ چوڙڻ وغيره ٻه ماءُ وانگر رهيس ٿو.

**مطلب:**

١٧.١ هر شيءِ، اصليت ڏانهن ڇڪ ڪري ٿي.

١٧.٢ نان جهڙي نيڪري، مان جهڙي ڏيڪري. (ٿري)

١٧.٣ پيٽيو: ماءُ جنهن جي جهڙي، ڌيءُ تنهن جي تهڙي.

## ١٨. جهڙو مهمان، تهڙي مهماني. (چوڻي/ پهاڪو)

مهمان، رب طرفان اماڻيل نعمت آهي. پهرئين ڏينهن سٽيو ۽ وٽندڙ طعام، ڪيس رڌي ڪارائڻ، ميزبان مٿان فرض آهي. ٻيا ڏينهن، پنهنجي حال سارو سندس خدمت ڪرڻ، ميزبان جو اخلاق آهي. هر ميزبان، مهمان ڪي خوش رکڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندو آهي. ميزبان امير هوندو ته شاهاڻي نموني خدمت ڪندو ۽ جيڪڏهن غريب هوندو ته غريباڻي دعوت ڪندو.
دعوت ۽ ڪاڌي پيتي جي اوچي ۽ سادي هجڻ جو تعلق، مهمان جي حيثيت سان پڻ آهي. مهمان سينيو ۽ سکيو، معاون ۽ مددگار قسم جهڙو دوست آهي ته پوءِ امير ٻه ڇا غريب ميزبان پڻ، پَٽي سَٽي سندس خدمت ڪندو. اگر ميزبان امير آهي ته لٽَ ڏئي چيلو ليٽائيندو. چيلو هٽ نه آيس ته



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪڪڙ ڏيڄائندو. ست-رچي نہ پڳس تہ ٽي-رچي ناهي، مهمان آڏو پيش ڪندو. اگر مهمان، نہ چڱو دوست آهي نہ ئي وقت تي وهڻ وارو آهي تہ سندس خدمت تہ لاچار ٿي ڪبي. ان لاءِ پرتپاڪ ۽ والهانہ استقبال نہ ٿيندا بلڪ جهڙو حال هوندو، ان ڪان بہ گهٽ پيش ڪبس تہ ٿيندڙ جُٺ ڏسي جلدي پيرَ ڀاهي.

**مطلب:**

١٨.١ مهماني، مهمان جي حيثيت آهر هوندي آهي.

١٨.٢ پهرئين ڏينهن چڱو چوکو، مهمان جو حق آهي.

١٨.٣ آئي جو آدر ڀاءُ، سندس شان آهر ٿيندو آهي.

## ١٩. جي وجان وجان ڪن، سي رهي رهندا ڪيترو؟

(چوڻي)

مهمان ۽ دوست، آهن دل وٽان ۽ قرب جا. دلي قرب مِلِيُن تہ رهيا پيا هوندا. جڏهن ڪا ڪسر يا ڪمي ڏٺائون تہ پلاٽيندي دير نہ ڪندا. پيا ٻئي هنڌ واجهائيندا ۽ نرا ڏيندا. وجان وجون پيا وايون ڪندا. موقعو ۽ وجهہ ملين تہ چالون ڏيندا، پيرا ڀاهيندا، هليا ويندا.

جڏهن مهمان ۽ دوست، وجان وجان ڪري تہ ڪيس زور نہ پرجي. پربس تہ تيئن تڪڙ ڪندو. اڳيان وڃڻ لاءِ پلي ٻي واهہ نہ هجيس تہ بہ هتان نڪرڻ لاءِ تيزي پيو ڏيکاريندو. هاڻي ڪيس ڪيترو بہ ٻاڌائبو يا ست-ستاءُ ڪبو تہ بہ ڪين مڙندو.

اهڙا بي دليا ماڻهو، بي ميار ۽ بي مُهار هوندا آهن. آزاديءَ ۽ ڇڙواڳيءَ ڪي، پنهنجو رهنماءُ ۽ رهبر ٻڌائي، پاڻ ڪڏائي ويندا آهن. اهڙيءَ صورت ۾ منجهائنئن هٿ ڪٽي ڪيجي.

**مطلب:**

١٩.١ ڪير ڪنهن سان، نہ گڏ آيو آهي ۽ نہ گڏ ويندو. جيترو وقت ساٿ هليو، هليو. وڏيڪ جو نہ هلڻ بہ رب جي طرفان آهي. رب جي رضا ۾ راضي رهندي، ويندڙن مان آسرو ڪٽي پلجي.

## ٢٠. جيرو نہ ماري، پر جر ماري. (پهاڪو)

جيرو: ٻاهہ جو پيڙ.

جر: ٻاهہ منجهہ ساڙڻ واري خاصيت، اثرات.

ٻاهہ ۾، ساڙڻ جي خاصيت آهي. جلائوءَ/ جالائوءَ ڪان علاوہ ٻي ڪا بہ شيءِ، جيئن ئي ٻاهہ تي پوندي تہ ٻاهہ جي ساڙڻ وارو خاصو، خودڪار عمل طور، تحرڪ ۾ اچي ويندو. سڙي رک ٿيندڙ مادي ڪي، ساڙي ڀسم ڪندو. گرم تي پگهرجندڙ مادي ڪي، پنهنجي وسعت ۽ سگهہ آهر پگهاري، وهائي ڇڏيندو. ٿهڪي ٻاڦ ٿيندڙ مادي ڪي، ٿهڪائي ٻاڦ ڪري، هوا ۾ اڏائي ڇڏيندو. سڙي ڪوئلا ٿيندڙ مادي ڪي، ساڙي ڪوئلا ڪري ڇڏيندو. اها حالت ان مادي جي آهي، جيڪو منجهس پوي ٿو. جڏهن تہ سندس خاصيت جو اثر، سندس قرب حاصل ٿيڻ سان شروع ٿي ويندو آهي. جيترو ٻاهہ جي ويجهو اچبو، اوترو سندس جَرَ، اثر ڪرڻ شروع ڪندي. وڏي ٻاهہ جي جَرَ بہ، وڏي هوندي آهي. پري



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪان پئي ساڙيندي آهي. ننڍي ٻاهه جي جَرَ يا تؤُ، ننڍو هوندو آهي. ويجهو اچڻ تي به، اثر گهٽ ڪندو آهي.

مطلب:

٢٠.١ اندر جي ٻاهه ڪي جَرَ ئي هوندي آهي. اها پري ڪان ئي ڦڦڪا ڏيندي آهي. پاڻ نہ ساڙيندي آهي، بلڪ سندس جر ئي اڳلي ڪي ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيندي آهي.

### ٢١. جهڙ ۽ جهيڙا، سدا نہ رهندا. (چوڻي)

جهڙ ٿيڻ يا آسمان تي بادلن جو اچڻ، ورلي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو آهي، سو بہ موسم ڏاران، جڏهن ڪارا ڪارا، ڪارونيار جهڙا ڪڪر، آسمان تي ڇانئجي ويندا آهن تہ هيٺ ڌرتيءَ تي اونڌهہ وڌيڪ گهري ٿي ويندي آهي. ڏينهن جو سج ڪي آواڙي ڇڏيندا آهن ۽ رات جو تارن ڪي لڪائي، گگهہ اونداهہ ڪري ڇڏيندا آهن. مٿان وري گوڙ جو ڌڌڪو ڪنن جا پڙدا پيو ڦاڙيندو آهي تہ ڪنوڻ جو چمڪاٽ وري اکين ڪي پيو چنجهو ڪندو آهي. ڪنن تي تاڙيون ۽ اکين تي ترورا لڳا پيا هوندا آهن. مٿي ۽ طوفان سبب، گهٽا ٽپڙ سهيڙي، اندر ڪمرن ۾ لڪائڻا پوندا آهن. ٻاهر نڪرڻ ۽ ڪم ڪار جو ٿيڻ ڏکيرڙو تي ويندو آهي. مال ڍناري، ڪلن تي ئي ٻڌو رهجي ويندو آهي. ان لاءِ گاهہ پني جو بندوبست ڪرڻ بہ هڪ ڏکيو مرحلو تي ويندو آهي.

اهڙيءَ طرح جهيڙو پڻ آهي. منجهس لٺ ڏکي هٿ ڪرڻ ڪان علاوهہ هر وقت چوڪس رهڻو پوندو آهي. اڳلي ڏر جو خوف هر وقت سر تي رهندو آهي. سڪون ۽ آرام قتل هوندو آهي. بهرحال، اهي ٻئي حالتون، انسان مٿان اچڻيون بہ ضرور آهن تہ ٽرڻيون بہ ضرور آهن.

مطلب:

٢١.١ حالات واقعات، سدائين ساڳيا نہ ٿا رهن.

٢١.٢ اڄ جو ويري، سڀاڻي جو دوست ۽ اڄ جو دوست، سڀاڻي جو ويري تي سگهي ٿو.

### ٢٢. چادر ڏسي، پير ڦهلائڻ گهرجن. (پهاڪو)

چادر يا سوَڙ، موسمي اثرات ڪان بچڻ خاطر، مٿئون اوڙهبي آهي. چادر پنهنجي قد ڪان ڊگهي ۽ ويڪري هوندي آهي. پير جيترا بہ ڊگهيربا، تڏهن بہ ڍڪيل رهندا ۽ موسمي اثرات ڪان محفوظ پڻ رهندا. ان جي برعڪس، جيڪڏهن چادر يا سوڙ، لُنڍي/ ڇوٽڪي ۽ سوڙهي بر واري آهي تہ ان ۾ سڪوڙجي لڪبو تہ پاڻ ڪي موسمي اثرات ڪان بچائي سگهبو. جيڪڏهن پنهنجي جسم ڪي ڏوڙو سوڙو ڪري، منجهس نہ ماپائبو تہ لامحالہ جنگهون، ٻانهون، ڍڪجي نہ سگهنديون ۽ موسمي اثرات جي زد ۾ اچي وينديون. جسم جا هڪڙا عضوا ڍڪيل هجن ۽ هڪڙا ڪليل هجن تہ پوءِ پوري جسم تي برا اثر رهندا. هڪڙا گرم تہ ٻيا سرد تي پوندا. گرم ۽ سرد اثرن سبب، اڌ-رنگو يا فالج جهڙو مرض بہ حملو ڪري سگهي ٿو. بهتر آهي تہ چادر يا سوڙ آهر، ڪريندڙو تي پاڻ ڪي ماپائجي ۽ موسمي اثرات ڪان بچائجي.

اهڙيءَ طرح وري گهرو اخراجات وغيره آهن سي بہ ڪمائيءَ ڪان مٿي نہ وڌائجن. ٿورو ضابطي ۾ رهندي، نفس ڪي ڏک سک تي هيرائجي ۽ قرض ڪڻي عياشيون نہ ڪجن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مطلب:
٢٢.١ پڄنديءَ سارو، خرچجي ڪپائجي.
٢٢.٢ اُڪي ميڙي، هڪدم ڌُڪ نہ ڪجي.
٢٢.٣ خرچ اهي ڪجن، جن جي ڪيسو اجازت ڏئي.
٢٢.۴ چيريءَ آهر، جنگهون ڊگهيون ڪجن.
٢٢.۵ سوڙ آهر، پير ڊگهيڙجن.

٢٣. چور جو ياءُ، ڳنڍيچوڙ. (چوڻي)

ڳنڍيچوڙي يا ڳنڍ-ڪپ ڪرڻ، لليچن جا ڪم آهن. لليچا، ڪيسو ڪتري وجن تہ چڱي ڀلي ڪي بہ خبر نہ پوي. رش يا گڙديءَ اندر، ماڻهوءَ جو ڌيان ٻئي طرف ڇڪائي، سندس ڪيسو خالي ڪري ويندا آهن. رش اندر ان همراهہ ڪي سوڙهہ ڪندا، گاڏيءَ مان لهڻ وقت، اڳتي پوئتي ٿيڻ لاءِ گهتون هٽي، ڌيان پيا ٻئي پاسي ڦيرائيندس يا ڪا ڪاڏي جي شيءِ ڏئي پيا خيال-مٽ ڪرائيندس. ائين ڪري پوءِ سندس مٿو، سڪيءَ پاڪيءَ سان ڪوڙيندا آهن. وڏي ڦڙتيءَ ۽ دليريءَ سان سندس مغز ڦيرائي، ڪيسو ڪٽي ويندا آهن.
چور بہ ائين آهن. رات جو اونڌهہ ۾ يا مالڪ جي غير موجودگيءَ ۾، سندس مال متاع تڳائيندا آهن. پهرين تاڙ تُوڙ ڪندا آهن. مالڪ جي اٿڻ ويهڻ ۽ اچڻ وڃڻ جا وقت تاڙيندا. جاڳڻ ۽ سمهڻ جا وقت پيا جاچيندا. سندس غفلت وارا وقت واچي، اچي سندس ملڪيت ڪي مٿو ڏيندا. جيستائين ياڳئي جي گهر ۾ گهڙيا ناهن، تيستائين بزدل هوندا آهن. گهر ۾ گهڙي اچڻ وقت دلير ۽ وڙهڻ لاءِ چؤڪنا هوندا آهن. مرڻ مارڻ تائين بہ هليا ويندا آهن. وري ٻڌي ڪان پوءِ، صفا ياڙي. چور بہ طبعًا، ڳنڍيچوڙ وانگر هوندا آهن.

مطلب:
٢٣.١ چور چوران دي يائي، چوران خبر نہ ڪائي.
٢٣.٢ چنڊو چنڊي ڪي سؤ ڪوهہ تي ڳولهي وڃي ملي.
٢٣.٣ چور جي ياري بہ پاڻ جهڙي چوريا ڳنڍي چوڙ سان هوندي.
٢٣.۴ لچ، لچ ڪي سؤ ڪوهہ تي ڳولهي لهي.

Gul Hayat Institute

٢۴. چور، نہ چوريءَ ڪان رهي، نہ هيراڦيريءَ ڪان رهي.
(چوڻي)

چوريءَ ۽ هيراڦيريءَ جو مول مت آهي: ٻين جو مال ملڪيت تڳائڻ. بنامحنت ۽ معاوضي، مرضيءَ ۽ منشا جي، پرائي ملڪيت هٿ ڪرڻڪي چوري سڏبو آهي. هڪڙو ماڻهو، پنهنجي گهر ۾ آرامي آهي. جان ۽ ملڪيت جي بچاءِ لاءِ چوڏاري لوڙهو يا ڪوٽ ڏنل اٿس. پهري تي چوڪيدار يا ڪتا ڇڏيل اٿس. چور، محافظن جو گهيرو ٽوڙي، ڪاٽ هٽي گهر ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ مال متاع يا ملڪيت ڪٽي ٿو. ان ۾ گهر ڌڻي راضي ناهي. ان ڪي چوري سڏبو آهي.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هيرا ڦيريءَ اندر، نڳ قسم جو ماڻهو، گهٽ قيمت واري شيءِ ڏيئي يا ڏيکاري ڪنهن مت-موڙهيي جي چڱي ۽ قيمتي شيءِ ڦٻائي ٿو وڃي. يڪو ڏيکاري ڪيس دڪيءَ تي هٿ ٿو رکائي. ان صورت ۾ ملڪيت جي مالڪ کي، آماده ته ڪري ٿو پر سندس مول مت ساڳيو ئي چوري ڪرڻ وارو آهي. چو جو ڏٺيءَ کيجڏهن ويساهه گهاتيءَ جي سڌ پوي ٿي ته هو انهيءَ سودي تي ناراضگي ڏيکاري ٿو. جڏهن چور، ڪاٽ هٽڻ ۽ گهوٻاٽن جهڙا ڏکيا ڪم ڪرڻ جهڙو نه رهندو آهي ته پوءِ پاٽاري/ ڏٺي هلائيندو آهي يا هيراڦيريءَ جهڙيون حرڪتون ڪندو آهي.

**مطلب:**

٢٤.١ هير واري جي هير، تنگ پڳي به نه وڃي.

٢٤.٢ چور، چوريءَ کان وڃي، پر هيراڦيريءَ کان نه وڃي.

٢٤.٣ چتو ته رهي، پر چتوءَ جي چُت نه رهي.

### ٢٥. حرامي هٽيءَ، به پاڳا ڪٽي. (چوڻي)

حرامي/ حرامخور ماڻهو، هر وقت پرائي پنهنجي ملڪيت ٻوهڻ جي چڪر ۾ هوندو آهي. جائز طريقي سان آيل ته هٿ ڪندو ئي ڪندو پر وڌيڪ حاصل ڪرڻ لاءِ، ناجائز طريقا به استعمال ڪندي ڪين گهٻرائيندو آهي. ڏوهه جو ڪم به ڪندو، متس آيل خرچ ۽ چٽيون به ٻين کان پيو پرائيندو. ايڏي چالاڪيءَ ۽ سُچتائيءَ سان، وارداتون پيو سوچيندو ۽ عمل هيٺ آڻيندو جو شريف ماڻهوءَ جو اوڏانهن گمان به نه ويندو. اگر سياڻي ڪانءَ وانگر القاءُ تي وجيس ته اڳلن کي سندس حرڪتن جي کُٽڪ پئجي وئي آهي ته پينترا بدليندي دير ئي نه ڪندو. سانڊو ست ته حرامي هزار رنگ بدلي. ڪنهن به رنگ ۽ روپ ۾، سندس سجاڻپ ڪرڻ ڏکي آهي. اگر ڪنهن روپ جي سجاڻپ تي وجيس ته يڪدم ٻيو روپ ڌرن ڪري وٺندو. حرام جي نطفي مان ڄايل حرامي، پڻ ائين هوندو آهي. سندس وجود جونطفو پڻ چوريءَ جو هوندو آهي. هوندو هڪڙن جو آهي، وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ، پلجندو ٻين جي خون پسيني تي آهي. حلالين جي ورثي/ وراثت واري مال ۾ پڻ پائيوار ٿي ويندو آهي.

**مطلب:**

٢٥.١ ڏاڍي جي لٺ کي به متا، جيڏانهن ڦيراءِ تيڏانهن ڪپي.

٢٥.٢ بدمعاش، بدمعاشي ڪرائي به ڪائي. وري فيصلو چڪائي، شاهد ٿي ۽ چٽيون وجهائي به ڪائي.

### ٢٦. حق، پاڻيءَ ۾ به نه وڃي. (چوڻي)

حق: جنهن شيءِ تي حقيقي مالڪي هجي. جيڪو ماڻهو، جنهن شيءِ جو اصل مالڪ يا وارث آهي، سا شيءِ سندس جائز ۽ تصرف هيٺ آيل ملڪيت آهي. اها ڪانئس، ڪير ڪسي نه ٿو سگهي. حالات واقعات سببان، متس گرميون سرديون اچي سگهن ٿيون. جن سببان، حقدار جو حق وقتي ڦرجي وڃي ٿو پر نيت تري ضرورو ٿو ۽ زيان نه ٿو ٿئي. جائز ملڪيت، جنهن تي زڪوات پريل آهي، ڪڏهن به نقصان هيٺ نه ٿي اچي. نه ڪيس ڌرتي ٻوهي غصب تي ڪري، نه باهه ساڙي پسم ٿي ڪري ۽ نه وري پاڻي ٻوڙي لوڙهي ٿو ڇڏي. چو جو حق حلال سان ڪمايل، جائز ملڪيت، جنهن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جي زڪوات بہ پريل آهي، تنهن جي حفاظت رب پاڪ پاڻ تو ڪري، جيڪو حق وڪيل آهي. ان ڪي هر حال ۾ ضايع ٿيڻ ڪان محفوظ تو رکي. اگر وقتي طور، باهه اندر ڪنهن جي حقي ملڪيت سڙي تي يا ٻوڏ اندر ٻڏي تي وجي تہ ڪيس بدلي ۾، هن دنيا ۾ ئي ڏهوڻ تي ملي وجي تي. اهو ئي سبب آهي جو چوندا آهن: ٻڏيءَ جا ٻيڻا آهن. يا ائين بہ چوندا آهن: ٻوڏ جو ستايل، سدائين ستايل نہ تو رهي ۽ باهہ جو سڙيو، ڪڏهن بہ رک نہ تو ٿئي. بلڪ ايندڙ مند ۾، هنداں هنداں مُورجي، ڦهلجي تو ۽ وڌي وجي تو.

**مطلب:**

٢٦.١ حق وارن جو حق، سدائين ترندو رهي تو.

٢٦.٢ امانت، ذرتي بہ نہ تي ٻوهي.

٢٦.٣ حقدار ڪي حق لهڻو.

## ٢٧. دَرَ تي ٻيرِ نہ ليي، نانءُ: "باغ شاهہ". (پهاڪو)

باغ، زمين جي ان ٽڪر ڪي چئبو آهي، جنهن ۾ تمام گهڻا ميون وارا وڻ لڳل هجن. انب، زيتون، ليمان، ڪجيون، مالٽا وغيره، سنڌ اندر باغن ۾ پوکيا ويندا آهن. اڄڪلهہ ٻيرين جا بہ باغ پوکيا وڃن تا. باغائي، متن محنت ڪن تا ۽ منجهائنئن تيل ڦل فروٽ مان اُپراسو حاصل ڪن تا. مالدار ۽ پئسي وارا سڏجن تا.

ان جي برعڪس، جنهن ماڻهوءَ جي در تي يا گهر ۾، ٻنيءَ تي يا ڪيت ۾، هڪ بہ ڦلائتو وڻ ناهي، سو باغائي ڪين سڏبو. اگر اهڙو ماڻهو پاڻ ڪي باغ شاه سڏائي تہ ڪل جهڙي ۽ سمجهہ ۾ نہ اچڻ جهڙي ڳالهہ ٿيندي.

جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو نالو، سندس ظاهري صورت يا سيرت جي ابتڙ هجي تہ ائين مثال ڏبو آهي. جيئن اکين ڪان انڌي، نالو نور پري. يا رنگ جو ڪارو، نالو يوسف وغيرهوغيره.

**مطلب:**

٢٧.١ در تي ٻڻي ٻکري نہ لييس، سڏائي تو: پاڳيو خان.

٢٧.٢ ماءُ ڪائي رُکي سُڪي، ذيءَ دانانءُ "ڏهي!"

٢٧.٣ مِلڪ ۾ ڏيڍ ڪجور، ميان ليتي باغ ۾.

٢٧.٤ اڍائي گهر مهتمن جا، نانءُ خيرپور.

Gul Hayat Institute

## ٢٨. دهل وڄي، دوسو نچي. (پهاڪو)

ڪي ماڻهو شادين ۾، رسم طور، دهل وڄرائيندا آهن. ان ۾ پنهنجي خوشيءَ ۽ فخر جو اظهار ڪندا آهن. ڪي تہ وري، اڃا بہ وڌي، دهل تي نچڻ بہ شروع ڪندا آهن. پنهنجي خوشيءَ جي موقعي تي، پنهنجي وڄرايل دهل تي، نچڻ ۾ عيب يا عار محسوس نہ ڪندا آهن. ڪن ڪي اگر دهل وڄائڻ ۽ نچڻ جو ڏانءُ نہ بہ هوندو آهي، تہ بہ گهور گهاٻور جي صورت ۾ پئسا ڏئي دهل وڄرائيندا آهن ۽ چيج وجهرائيندا آهن. ان لاءِ پيشہ ور دهلاري ۽ ناچو گهريا ويندا آهن. باقي پرائي دهل تي، بنا معاوضي ڪير بہ نہ نچندو آهي، سواءِ ڪنهن احمق جي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

دوسوءَ نالي همراهہ جي وري هڪڙي اڍ تي وئي هئي. جڏهن بہ، جنهن جي بہ دهل جي وڄڻ جو آواز سندس ڪنن تي پوندو هيو تہ بنا ڪنهن معاوضي وٺڻ يا شرم محسوس ڪرڻجي، اتي جو اتي، نچڻ ۾ ڪپي ويندو هيو. دهل جو آواز ٻڌي، نچڻ سندس مجبوري هئي.

**مطلب:**

٢٨.١ دوسوءَ جو نچڻ، دهل جي وڄڻ سانلازم ملزوم هيو.

٢٨.٢ دهل جو وڄڻ، بنا نچڻ جي، دوسو نہ ٻڌي سگهندو هيو.

٢٨.٣ جيڪي ماڻهو، ڪنهن ڳالهہ ٻڌڻ سان، ڪو فعل لازمي ڪن، تن لاءِ ائين مثال ڏنو ويندو آهي.

٢٨.۴ دهل وڄي ۽ دوسو نہ نچي! پوءِ تہ حيف آهي دوسوءَ کي.

### ٢٩. ديس متجي، ويس نہ متجي. (چوڻي)

ديس، وطن مالوف، جنهن ۾ انسان جمي، پلجي ۽ وڏو ٿئي ٿو، تنهن سان ڪيس انسيت رهي ٿي. روزگار خاطر يا ڪنهن ٻيءَ مجبوريءَ تحت، ڪڏهن ڪڏهن ڪيس اتان هجرت ڪرڻي بہ پوي ٿي. اگر هجرت عارضي آهي تہ پوءِ ڪيس پنهنجو ذاتي تشخص ضايع نہ ڪرڻ گهرجي. وقتي طور لاءِ اگر وطن ڇڏي ٻئي هنڌ وڃي رهي تہ ڪيس حب الوطنيءَ جي ثبوت طور، روش پنهنجي ئي وطن واري اختيار ڪرڻ گهرجي. وضع قطع، اٿڻي ويهڻي، لٽي ڪپڙي، کائڻ پيئڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ مان ماڻهو اهو ئي نظر اچي، جيئن سندس وطن مالوف جا ماڻهو نظر ايندا آهن. ان ۾ ئي عزت ۽ ان ۾ ئي شان مان آهي. جيڪي ماڻهو، ان جي ابتڙ ڪن ٿا، سي جلد ئي پاڻ کي ٻي آبرو ڪن ٿا.

مثال طور حج تي وڃڻ پلو ڪم آهي. پلي پار پهچي، عربن وارا جبا قبا پائڻ تہ چڱو ڪم آهي.اگر هڪڙو غير عرب، ساڳيا جبا قبا پائيندو تہ جلد شرمساري ٿيندس. ڇو جو هرڪو ڪيس عرب سمجهي پيو عربي ڳالهائيندو ۽ عربن واري طور طريقي تي ملندو، جنهن منجهان هيُءَ پيو ڪڪو وڪو ٿيندو.

**مطلب:**

٢٩.١ ديس جي پر، وَسَ ويندي، نہ ڇڏجي.

٢٩.٢ پرديس ۾ پوشاڪ اهڙي پهرجي، جنهن سان اصليت ۽ قوميت برقرار رهن.

### ٣٠. ڏاڍو ماري، روئڻ بہ نہ ڏي. (چوڻي/ پهاڪو)

ڏاڍو: ظالم ماڻهو، طبعًا بزدل ٿيندو آهي. جڏهن ڪنهن مظلوم کي نقصان ڏيندو آهي تہ ڪيس دلي سڪون ۽ قرار نہ ايندو آهي. ويتر جو مظلوم روئندو ۽ آهون ڪندو آهي تہ سندس وجود اجاهَجي ويندو آهي. تنهنڪري ظالم، مظلوم کي روئڻ، پٽڻ ۽ پار ڪڍڻ کان بہ منع ڪندو آهي. ڇو جو ڪيس اهو يقين ضرور هوندو آهي تہ: روئندڙ مظلوم جي آهَ کي آسمانَ بہ آڏ نہ ٿا اچن. سندس آهہ و پڪار، سڌي بارگاهہ ايزديءَ ۾ پهچي ٿي. ظالم جي ڪوشش هوندي آهي تہ اها اتي نہ پهچي. ان لاءِ هو، مظلوم ۽ ڏکويل کي روئڻ ۽ سڏڪا پرڻ بہ نہ ڏيندو آهي. انهيءَ ڪڌي فعل ۾ اها تسلي ۽ تشفي سمجهندو آهي تہ رب قهار جي غضب ۽ قهر کان بچي ويس. حالانڪ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ رب، دلين جا پيد بہ ڄاڻندو آهي. سو تہ سندس انهيءَ حرڪت تي، ويتر ڏمرجندو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مطلب:

٣٠.١ ڏاڍو، رب جي ڏمر کان، ڏڄندو ضرور آهي.

٣٠.٢ ظالم، مظلوم جي آهَ کي بہ دٻائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

٣٠.٣ ظالم، گهڻو ڏڄڻو ٿيندو آهي. ڪيس مظلوم جي پڪار بہ گهائي رکندي آهي. اها بہ نڪرڻ نہ ڏيندو آهي.

٣٠.٤ ظالم، ڪوشش ڪندو آهي تہ مظلوم جي وات مان آهَ بہ نہ نڪري.

٣١. راءِ کي وڻي سا راڻي،
تنهن کي ڪير چوي: "ڪاڻي". (پهاڪو)

راءِ: بادشاهہ. جيڪا شيءِ طلبيندو آ، سا وٽس حاضر ڪئي ويندي آهي. جنهن تي سندس دل ٽِي، تنهن جي ڳولها ۽ قدر وڌي ويندو آهي. هر ڪو پيو ڪوشش ڪندو تہ هٿ ڪري، بادشاهہ آڏو حاضر ڪيان ۽ بادشاهہ جي دل وٺان.

بادشاهہ پلي، ڪنهن ڪاڻيءَ تي اکن چڪن هجي تہ درباري بہ پيا ان کي راڻي ڪوٺيندا. ان جو عيب ڪين نظر ئي ڪو نہ ايندو. ڇو جو اها سندن بادشاهہ جي پسند آهي. بادشاهہ جي پسند سان، نفرت ڪندڙن کي بہ پنهنجي انجام جو پتو هوندو آهي. تنهنڪري اهي بادشاهہ جي پسند ڪيل ڪوڙي شيءِ کي ڪوڙو نہ بلڪ منو پيا سڏيندا. بادشاهہ وٽ پسند پيل پنگياڻيءَ کي بہ راڻي پيا سڏيندا.

مطلب:

٣١.١ ڪاڻيءَ جي اک ۾، راڻ-ڪاڻ وارو عيب موجود آهي. جيئن تہ بادشاهہ کي سيبائي تي، تنهنڪري ڪيس هرويرو راڻي ئي سڏبو.

٣١.٢ راءِ ڪو ڀائي، تيي تو راني ڪهلائي. (اردو)

٣٢. رُسي گهوٽ سان، سا ڳالهائي نہ ڳوٺ سان. (پهاڪو)

رسڻ ۽ پرچڻ، انساني سڀاءَ اندر بہ ڪيفيتون آهن، جن منجهہ پرڪيف سُرور ۽ لذت هوندي آهي. ان ڪيفيت جي، تن کي خبر هوندي، جيڪي روسامي-سرچاءَ واري مرحلي مان، پَڇي ۽ پڇري گذريا هوندا. جڏهن رسڻ واري ڪيفيت، دماغ تي سوار ٿيندي آهي، تڏهن هر شيءِ سان رنل رهڻ تي دل چوندي آهي. جڏهن ڪنهن سان اک اڙجي ويندي آهي ۽ ساڻس ملڻ لاءِ دل اڌما ڪائيندي آهي تہ ان وقت هر نظر ايندڙ شيءِ، اکين کي خوبصورت، دل کي وڻندڙ ۽ من کي موهيندڙ پئي معلوم ٿيندي آهي.

گهوٽ يا پرين پياري سان رسڻ وقت بہ، ساڳي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي. ان هڪڙي سان رسڻ سبب، جيڪو زبان ۽ ذهن تي تالو لڳندو آهي، سو بين آڏو بہ لڳل هوندو آهي، ڪلندو ناهي. طبيعت پوري بند هوندي آهي. جنهن سبب ڪنهن سان بہ ڳالهائڻ ڏکيو ۽ مشڪل ٿي ويندو آهي. فقط اکين مان دونهان ۽ نڪ جي چوٽيءَ مان پاڻي پيو ٽمندو آهي. ڪنن ۾ سون سون ۽ چپ سُوٽا مُوٽا هوندا آهن.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**مطلب:**

٣٢.١ دل گهرين سان ڳالهائڻ بند ٿيو ته جڳ ئي نه وڻندو.
٣٢.٢ رني آهي گهوٽ سان، ڳالهائي نه ٿي ڳوٺ سان.
٣٢.٣ يارن جي ڪسر، پارن مان نه ڪڍجي.

## ٣٣. زن، جهيڙي جوين. (چوڻي)

زن/ عورت، پنهنجي سونهن ۽ نزاڪت سبب، مرد جي نگاهه جو مرڪز ضرور رهي آهي. سندس حسن ۽ مڪر جي دامِ فريب ۾ ڪيئي ڪونتر ڪسجي ويا ۽ ڪيئي چريا ٿي، لٽا لاهي دربدر ٿي ويا. جن جو عقل سالم ۽ لڱ چڱي ۾ رهيا، تن ڪيس ماڻڻ ۽ راضي رکڻ لاءِ وڏا جهيڙا ڀوليا ۽ نباهيا. ڀولائي جوتيل جهيڙن ۾، نروار ۽ نشانبر ٿي واريل جنگين ۾، ڪيئي جانيون ضايع ٿيون. ستل ۽ رک ٿيل جهيڙن اندر، جوش و جذبو، جنون ۽ جولان، جواني ۽ جوڀن، عورت جي وجود سان، ائين پڙڪي وجي ٿو، جيئن ٻرندڙ باهه ۾ پيٽرول پيٽڻ سان نئين سر روح ڦوڪجي ويندو آهي. دنيا جي اندر، جيڪي به جهيڙا ۽ جنگيون لڳيون آهن، تن جو ڪارڻ: زن، زر ۽ زمين رهيا آهن. جيڪڏهن انهيءَ مفروضي جو تت يا سارُ سنيالجي ته وري به اصل محرڪ: زن ئي نظر ايندو.

**مطلب:**

٣٣.١ زن، زمين، زر، ٽئي قضيي جا گهر.
٣٣.٢ زر، زمين ۽ زن، جهيڙي ڪي جوڀن.

## ٣٤. سُک جو ساٿي هر ڪو، ڏک جو ناهي ڪو. (چوڻي)

هر جيو يا ساهدار، سک ۽ سڻائيءَ جو ڳولائو ۽ دلداده آهي. وٽس ناهي يا ڪيس ميسر ناهي ته انهن جي پر ڳولهي ٿو، جن وٽ آهي. انهن جي پاڙي ۾ رهڻ، سندن پر ڪرڻ، کين راضي رکڻ ۽ سندن دل وندڻ کي، وٽن ميسر سک کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو سمجهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ڏکي، سکيي سان سيڪو ناتو جوڙي ٿو. سندس سات ڏئي ٿو. ساڻس سيڪو رشتو ڳنڍي ٿو.
ان جي برعڪس، ڏک ۽ بک واري کان هرڪو ونءُ وجي ٿو. ساڻس گڏ ويهڻ ۽ مائٽي ڳنڍڻ ۾، وٽس موجود ڏکن ۽ اهنجاين ۾ شريڪ ٿيڻ جي مترادف سمجهي ٿو. پراوا سک وندڻ ته هر ڪنهن کي وڻن ٿا، پر ڏک وندڻ اهنجا لڳن ٿا. انهيءَ سبب، هرڪو غريب سان تعلق رکڻ ۾ ڪراهت ۽ ڪِرب پيو پائيندو آهي.

**مطلب:**

٣٤.١ هر ڪنهن کي سک کپي، ڪنهن کي به ڏک نه کپي.
٣٤.٢ سکيي منجهان سوَ سک، ڏکيي منجهان سوَ ڏک.
٣٤.٣ سکيي جا سالا به گهڻا، بکيي جو پيٽيويو به ڪونه.

## ٣٥. ضرورت، انڌو ڪري. (چوڻي)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ضرورت: احتياج يا گهرج، ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي. ضرورت وقت، ماڻهو گهٽين شين کي خاطر ۾ نہ آڻيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪريل ڪم يا حرڪت ڪندي، شرمساري بہ محسوس نہ ڪندو آهي. انهيءَ ڪيل ڪڏي ڪم کي پڻ، پنهنجي عزت ۽ شان مان جي برقرار رکڻ جي مترادف پيو ڄاڻيندو آهي. ايترو تہ سندس عقل تي پردا چڙهي ويندا آهن جو ڪيس، ان ڪم جي قبيح جزئيات تي نظر ئي ڪانہ پوندي آهي. انڌي گهوڙي ڪل ۾ وانگر، ٻست وڃي پار پوندو آهي. قباحت ۽ ڪڌائپ جا سمورا لوڙها ۽ ليڪا لتاڙي،جڏهن منزل ماڻيندو ۽ ڪڳيون هٽندو آهي تہ پاڻ کي ئي پيو حق سچ تي ڀانئيندو ۽ سڏرائيندو آهي.
وقت تي پيل گهرج يا ضرورت، ايتري ڏکي ۽ خراب هوندي آهي جو ان ۾ انڌو ٿيڻ اوس ئي آهي. انڌائپ ايتري وڪوڙي ويندي آهي جو پنهنجي ضرورت ۽ غرض، اڻ-لکي ۽ اڻ-ٽر پئي محسوس ٿيندي آهي.

**مطلب:**

٣٥.١ غرض، گولي آهي.
٣٥.٢ ضرورت، ايجاد جي ماءُ آهي.
٣٥.٣ ”گدڙ کي شينهن سامهون ڪير ٿو ڪري؟“ چي: ”احتياج“!
٣٥.٤ ”اگهہ ڪنهن وڌو؟“ چي: ”جنهن جي نہ سري.“
٣٥.٥ ”اگهہ ڪنهن وڌو؟“ چي: ”جنهن جا ٻچا رات ٻک تي وينا.“

## ٣٦. قلندرن پويان، ڪيئي ڪتا پيا پونڪن. (پهاڪو)

قلندر: اهو فقير جيڪو دنيا و مافيها کي تاڳي، مست الست ٿيو گهمي، سو ڪنهن جي ٽوڪ چٽر جي پرواهہ نہ ڪندو آهي. ٽوڪ چٽر يا ڪتي جي ڀؤنڪڻ جو ڀؤ ان کي هوندو آهي، جنهن کي دنيا ۾ رهڻ ۽ پنهنجو ڳاٽ اوچو رکڻ جو اونو هوندو آهي. ڪيس انهن ڳالهين تي مُنيان ان ڪري لڳندي آهي جو انهن ڳالهين کي پنهنجي خواريءَ جو سبب سمجهندو آهي. جڏهن تہ خواريءَ ۽ خرابيءَ جو ڪارو مٽي تي ڪٽڻ کان هر ڪو ان ڪري لنوائيندو آهي جو ڪيس پنهنجي سر بلندي ۽ وڌنڌڙ بخت لاءِ، ان ۾ رنڊ روڪ محسوس ٿيندي آهي.
ان جي برعڪس، فقير قسم جا الله لوڪ ماڻهو يا دنيا کان الهوت قسم جا درويش ۽ قلندر، دنيا جي درجن کي نہ مان ڏين، نہ ئي انهن کي حاصل ڪرڻ ۽ برقرار رکڻ لاءِ متاڪتا ڏين. نہ ئي ڪين عزت جي وڃڻ جو اونو رهي، نہ ئي وري ماڻهن جي آؤ ڀڳت ڪين مزو ڏئي. پوءِ اهي ڪتي جي ڀؤنڪ کان ڇو ٿهن؟
اها ٻي ڳالهہ آهي تہ فقير تي ڪتو ضرور ڀؤنڪندو. ڇو جو ڪتي کي بہ خبر آهي تہ اگر ساڳئي در تان فقير وني ويو تہ پوءِ ڪيس اتان مشڪل ئي ملندو.

**مطلب:**

٣٦.١ فقير پنندو رهي، ڪتو ڀؤنڪندو رهي.
٣٦.٢ هم پيشہ باهم پيشہ شود دشمن.

## ٣٧. ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي ٽندوالهيار. (پهاڪو)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

غلط العوام تحت، ائين چيو وڃي ٿو. البت بنيادي طرح اها چوڻي هيئن آهي:
ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي الهيار.
مريم نالي هڪ خوبصورت عورت، جڏهن وڏي خاندان جي مگر شڪل جي سادي مرد نالي الهيار سان شاديءَ لاءِ منسوب ٿي ته ان ڳالهه جي ماڻهن جي واتن تي ائين چؤ پچو ٿي. مريم لاءِ ڪين ان ڪري همدردي پيداٿي جو خوبصورت شيءِ هر ڪنهن کي پسند آهي. مريم به خوبصورت هئي. ٻين کي ته پاڻ وٽي پئي پر جيئن ته ڪيس به دل ۾ خواهش هئي سو بهتر هيو ته ڪيس به اهڙو سهڻو جوڙ جس ملي ها. جڏهن نه مليو ته ماڻهن جي واتن تي ڳالهه وائرجي وئي.
ڪڏهن ڪڏهن ڪي معاملا فطرت جي اصول جي خلاف نظر ايندا آهن ته بي اختيار واتان اهڙي قسم جا جملا نڪري ويندا آهن. جيڪي پوءِ هلي ضرب المثل ٿي پوندا آهن.
مطلب:
٣٧.١ غير متوقع معاملي لاءِ ائين چيو ويندو آهي.
٣٧.٢ ڪاڏي احمد ميان سومرو، ڪاڏي گوشو ڊرائيور.
٣٧.٣ ڪاڏي ڪوري، ڪاڏي ترار.
٣٧.٤ ڪاڏي ٽيو ڪوهيار، ڪاڏي ٽي هٽ ڪٽي!
٣٧.٥ ڪاڏي دال، ڪاڏي محمد خان مختيارڪار.

٣٨. ڪوڙ جا پير، نه ٿيندا آهن. (چوڻي)
ڪوڙ، جيئن ته من گهڙت هوندي، حقائق تي مبني نه هوندو آهي، ان ڪري ڪيس ٽڪاءُ نه هوندو آهي. ناهيل ڪوڙ بابت پڇيل سوال، ڪوڙي کي بيزار ڪري ڇڏيندا آهن. هڪڙي پاسي کان پڇيل سوال جو جواب هڪڙويته ٻئي پاسي کان پڇيل سوال جو جواب وري اڳئين جواب جي نفيءَ ۾ پيو ڏيندو. ائين ڪرڻ سان، ڪوڙ جي قلعي کلندي ويندي آهي. پڇيل سوالن جي موٽ ۾، ٿُرڙ ٿي اگهاڙجي پوندو آهي. پجڻ لاءِ به ڪوڙ جون واهون بند هونديون آهن. چو جو ڪيس پجڻ لاءِ فقط محدود ميدان هوندو آهي. جيڪو ڪنهن به مٿانهينءَ تي هوندو آهي. جبل جي سنهيءَ چوٽيءَ تي پجڻ لاءِ ميدان ۽ ڪوني جي چت تي پجڻ لاءِ ميدان، سوڙها ۽ ننڍا ٿيندا آهن. جيڪو مٿانئن ڇڙهي جيترو تيز ۽ تڪڙو پجندو، اهو اوترو ئي جلد مٿان کان منهن ير ڪرندو. ڪوڙي جو مثال به ائين آهي.
مطلب:
٣٨.١ ڪوڙي کي هڪ اڌ ڪوڙ ڦبندو آهي، پوءِ اچي سر مان قاسندو آهي.
٣٨.٢ ڪوڙ جي ڊوڙ، ڪُڌ تائين.
٣٨.٣ ڪوڙ جي منهن ۾، ڌوڙ.
٣٨.٤ ڪوڙ جي پاڙ، نڪريءَ تي.
٣٨.٥ دروغ را حافظ نيست. (فارسي)
٣٨.٦ ڪوڙي کي يادگيرو گهٽ ٿيندو آهي. (ترجمو)

٣٩. ڪڳو ڪوهه ۾ نه هئڻ، مٿان ويڳر ڪتجڻ. (پهاڪو)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪڳو: مڇيءَ جو قسم، جنهن کي ٻت تي چلڙ نہ ٿيندا آهن. ڪائڻ ۾ حلال آهي، جنهن ڪري غريب مٿس گذران ڪندا آهن. ڪڏ کوهہ يا واهيءَ سونهينءَ ۾ پاڻمرادو اچي ويندا آهن. جلدي نہ ڦاسندا آهن. لوپ تي گهٽ ايندا آهن ۽ جنهن ڪري ڪلوئڙي ۾ جلد نہ ڦاسندا آهن. چار وغيره ۾ بہ ڦاسڻ وقت ترڪٽي جسم جو فائدو وٺندي، پڇي وڄي پاٽيءَ ۾ پوندا آهن. جيستائين ڪڳا رڌڻ ۽ ڪائڻ جو اعتبار نہ ڪجي. تي سگهي تو، گهٽيءَ بک سبب، ڪين رڌڻ جو ارادو ملتوي تي وڃي ۽ ڪا ٻي شيءِ ڪائي پيٽ ڪتي کي پادر هٽي چُپ ڪرائجي.

ان جي ابتڙ، ڪڳا اگر کوهہ ۾ ئي موجود نہ هجن، جومرحلو اجا پوءِ آهي، اهڙي صورت ۾ مرچ مصالحا ڪٽڻ، وانڍڪائيءَ جي وندر ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي.

**مطلب:**

٣٩.١ ڪڳا کوهہ ۾، ويگر پيا ڪٽجن!

٣٩.٢ ناني جائي ناهي، ڏوهٽا پيا ڪونا ٽپن.

٣٩.٣ آنن کان اڳي، چوزا نہ ڳڻجن.

٣٩.٤ ڪڳا کوهہ ۾ ئي نہ هجن، مٿئون ويگر پيا ڪٽجن.

٣٩.٥ قبر ۾ ڪجهہ بہ نہ هئڻ، ختمن تي زور هئڻ.

### ٤٠. ڪلي ڳالهاءِ تہ، ٽِڪڻ جا سعيا. (چوڻي)

مُرڪڻ ۽ ڪلي نهارڻ بہ سخاوت اندر ڳڻيا ويندا آهن. خاص طور تي، مهمان سان آدرڀاءُ ڪرڻ وقت. اهو ئي سبب آهي جو ڪلي ڪيڪارڻ مهمانيءَ جي آداب ۾ ڳڻيو ويو آهي. مهمان جو مان ۽ شان، ادب ۽ احترام، انهيءَ ۾ آهي تہ ساڻس ڪلي ڳرهين لڳجي. مهمان کي بہ اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ اتي مهمان ٿي وڃي، جتي ڪيس ڪير ڪلي ڪيڪاري. جتي ڪو سڌي منهن سان نہ ڳالهائي، هٿ ابتي نموني سان ڏئي، چَپ چِبا ۽ چُونا ڪري جواب ڏئي، تنهن وٽ مهمان ٿيڻ ڪان ونءُ وڃجي تہ چڱو.

ڪي وري مهمان، اهڙا گهر-تڙيا هوندا آهن، جو ٿيلهو سدائين ڪلهي تي هوندو اٿن. نہ ڪمائين نہ ڪرتين، پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي ڪيو، ڪڏهن هِت تہ ڪڏهن هُت، ڏند-شيڪيو ۽ ڪن ڪيٽا ڪيو، اچيو ٻيهيو رهن. چي: "جاڙا خان! ڪتي ڪي جهل! اسان بہ اچي وياسين." اهڙا مهمان، جلد ٻين جي دل تان ڪري پوندا آهن. ساڻن ڪير پل ۾ بہ ڪلي ڳالهائڻ پسند نہ ڪندو آهي تہ متان ڪلي ڳالهائڻ ۾ ڪين، ترسڻ يا ٽڪڻ لاءِ دعوت نظر اچي. اهڙو ٽوڪو ماڻهو اگر مهمان ٿي اچي ٽڪي، ان لاءِ ٽوڪ طور ائين چيو ويندو آهي.

**مطلب:**

٤٠.١ ڪلي ڪيڪار تہ ڳچيءَ پئجي وڃي.

٤٠.٢ جٽ کي ڏي قرب تہ جتيءَ سميت هنج ۾.

### ٤١. ڳابا هر وهن تہ، ڏاندن کي ڪير پڇي؟ (پهاڪو)

هر: زمين جي سيني کي، لوهہ جي ڦوهي سان چيرڻ ڦاڙڻ لاءِ ڪم ايندو آهي. هر هلائڻ لاءِ، وڏي طاقت درڪار هوندي آهي. ڪي زمينون سخت ۽ ڏاڍيريون يا آروڙيون ٿين، تن ۾ تہ ڦوهو ڏاڍو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڏکيو گهڙي. گهڙي ته اکيڙ وقت وڏو زورلاٽو پوي. ان زور لاٽ لاءِ فقط طاقت نه بلڪ آزمودي جي به ضرورت هوندي آهي. اهو ڏاند، جيڪو پلي طاقتور آهي پر جڙ ۽ اڻ-آزمودگار آهي، سو به اگر وهندو ته يا پاڃاري پچندو يا چُوني، يا پنهنجا پير کر ڦٽيندو يا هرنهن پچندو. زمين جي کيڙ صحيح نموني نه کري سگهندو.

ان جي برعکس گابو ته اڻ-آزمودگار، طاقت ۾ به گهٽ ۽ جڙ هوندو آهي. ان کي ٻئي ڏاند سان هر ۾ پيچي نه سگهبو. پيچڻ لاءِ به هڪ-ڪرائي ضرور هئڻ گهرجي. ٻئي هڪجهڙا ۽ هڪ-ڪرا نه هوندا ته به اوڙ ۽ وراٽي ته پيا هاريءَ کي منجهائيندا.

**مطلب:**

۴۱.۱ ڏکئي ڪم لاءِ طاقت سان گڏ عقل جو استعمال ضروري آهي.

۴۱.۲ پاڏن سان ڏُکيون ٿين ها ته سانَ کير نه ڏاري ها.

۴۱.۳ گُندئين کير ملي ته مينهون کير ڏاري؟

۴۱.۴ وڇ کير ڏئي ته مينهن کير ڏاري.

۴۱.۵ گابن سان ڏِکيون ٿين ته ڏاند کير نه ڏاري.

## ۴۲. گڏهه کي سونا سنج پارائجن ته به گڏهه رهندو، گهوڙو نه ٿيندو. (پهاڪو)

گڏهه ۽ گهوڙو، ٻئي چڙهڻ، بار ڍڪڻ لاءِ وهٽ طور استعمال ٿين ٿا. جڏهن ته گڏهه، پنيءَ تي بار پڻ ڍوئي سگهي ٿو. ان لاءِ سندس پنيءَ تي آٽر/ٻورا رکبا آهن. مٿس سواري ڪرڻ کي گهوڙي جي پيٺ ۾ کير به ترجيح نه ڏيندو آهي، چو جو سندس وک تکڙي ناهي. جڏهن ته گهوڙي جي ڊِک تيز آهي ۽ جلد منزل تي رسيو وڃي. گهوڙي جي پنيءَ تي لاڳيتو، ايو ويهڻ اهنجو ٿيندو آهي. ان لاءِ سوار مٿس سنج وجهندا آهن ته جيئن پير رڪاب ۾ ۽ هٿ واڳ ۾ قاتل هجن ۽ وهڪ واري جاءِ زين تي آرام پذير هجي ته منزلون هٽي سگهجن.

گهوڙي تي سنج رکڻ، گهوڙي جي فطرت جي حساب سان، سوار/سئيس جي مجبوري آهن. جڏهن ته گڏهن تي سنج رکڻ فضول آهن. گڏهن قد جو چوٽو ٿئي ٿو. سوار جا پير اڳي ئي پيا زمين تي لڙکي پوندا، انهن لاءِ رڪاب جي ڪهڙي ضرورت؟ وک تکڙي نه هئڻ سبب، ڪِرڻ جو پئو نه هوندو آهي ته پوءِ واڳ ۽ زين جي ڪهڙو ضرور. ٻيو ته انهن سنجن، پوءِ پلي سون جا هجن، وجهڻ سان گڏهه جي چال ۽ فطرت ۾ ڪوبه ڦيرو نه ايندو.

**مطلب:**

۴۲.۱ سونا سنج رکڻ سان، گڏهه گهوڙو نه ٿيندو.

۴۲.۲ گڏهه گهوڙو نه ٿئي، توڙ ي مٿس رکجن سونا سنج.

۴۲.۳ ڪتو، ٻکري نه ٿئي توڙي سو تکبيرون پڙهجن.

## ۴۳. گلا خور جو ڪائجي، مهٽي خور جو نه ڪائجي. (چوڻي)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

گلا خور: پر پٺ عيب ڪيندڙ. مھٽي خور: منھن سامھون ڊيڪ ڏيندڙ، ڊيڪر.
پرپٺ بادشاھن کي بہ پيون ٺيون گاريون ملن. جيڪڏھن پٺ پويان ڪنھن عيب اگھاڙيو آھي تہ ان جو اثر دل تي گھٽ ويھندو آھي. ڇو جو سندس اھا ڳالھ نہ پاڻ ڪنن سان ٻڌجي ٿي ۽ نہ اکين سان ڏسجي ٿي. ماڻھن جي ذريعي ڪا خبر پئي تہ پئي، نہ تہ ٺيو خير.
ان جي برعڪس، منھن سامھون عيب ڪيندڙ ۽ ڊيڪر جي ڊيڪ جو اثر، يڪدم دل تي ويھجي وڃي ٿو. ڇو جو سندس ادا ڪيل لفظ، ڪنن سان سڻجن ٿا ۽ سندس ڊيڪ جو لھجو، آواز جي گھرائپ، ھٿن جا اشارا ۽ اکين جا ترناوَ اکين سان ڏسجن ٿا. جيڪي جلد دل تي چٽجيو وڃن ۽ اَمٽ نشان ڇڏيو وڃن.

**مطلب:**

٤٣.١ ڊيڪر ۽ مھٽي خور، گلا خور کان بہ وڌيڪ خراب آھي.
٤٣.٢ جنگھن ڏارائيءَ کان وات ڏارائي خراب.

## ٤٤. ڳجھ جي نظر، ڊونڊ تي. (پھاڪو)

ڳجھ: ڊونڊ خور پکي آھي. سندس گذر آھي ئي، رب جي ماريءَ تي. جھنگ ۾ يا آباديءَ ۾ جانور مري ويو تہ ماڻھو کيس حرام سمجھي اڇليو وڃن. مئل ڍور، ڏينھن ٻن ۾، سُجي ڏپ بہ ڪري ۽ گوشت پٽڻ جي حساب سان ڳري نرم بہ ٿي پوي. سندس ڏپ تي گدڙ ۽ لومڙيون، ڳجھون ۽ سرٽيون اچي لامارا ڏين. جيئن تہ گدڙ يا لومڙيءَ کي، زميني سفر ڪري، ڊونڊ تي پھچڻو ٿو پوي، تنھنڪري آباديءَ وارن علائقن ۾ شڪارين جي پَوَ کان، ڊونڊ جي ويجھو وڃڻ کان پيا لھرائيندا آھن. جڏھن تہ سرڻ ۽ ڳجھ، مٿس اڏامي پھچن ٿيون، تنھنڪري جلد پھچيو وڃن.
پلي ڪيترو آسمان صاف ھجي ۽ پري پري تائين ڪنھن پکيءَ جي اڏامڻ جو نانءُ نشان ئي نہ ھجي. مئل، اڃا ڊونڊ ٿيو ئي ناھي، ڳجھون الائي ڪٿان اچي مٿس مڙنديون. ھڪ ڊونڊ کي پورو ڪري، ٻئي جي تاڙ ۾ ائين نڪري ويندون، ڄڻ ھتي تہ آيون ئي ڪين ھيون. آسمان ۾ پلي ڪيترو بہ مٿي اڏامي پر ھيٺ زمين تي پيل ڊونڊ کيس جلد نظر اچيو وڃي. بنا اطلاع ۽ ڪوٺ جي، الائي ڪٿان اچي کيس ڳولھي لھي.

**مطلب:**

٤٤.١ نظر ڳجھ جي، نڪ ڪول جو، ڏاٽ اڏوھيءَ جي.
٤٤.٢ مڪ جي نظر، ڦٽ تي.
٤٤.٣ ڪاري مينھن جي نظر، ڳئونءَ جي ڪاري پچ تي.
٤٤.٤ ھر ڪنھن جي پھرين نظر، مطلب واري شيءِ تي پوندي آھي.

## ٤٥. ڳوھ کي ڪتي ڪٽي، موچين جا گھر نھاري. (پھاڪو)

ڳوھ کي، ھرڪو حرام سمجھي، ويجھو نہ ويندو آھي. جڏھن تہ سندس جسم تي وَهَ يا چربي، ٻين سٽين جي پيٽ ۾ گرم ۽ طاقت بخش آھي. اھو ئي سبب آھي جو، حرام ڪائيندڙ قومن جا فرد، کيس ڳوليندا رھندا آھن. سدائين رنبو ۽ ڪتو سندن ڪلھي تي ھوندو آھي. ڪڏھن ھن ڏر کي پيا ڳُڏيندا تہ ڪڏھن ھن کي پيا ڪوٽيندا. جيئن ئي ڪين ڳوھ ھٿ آئي تيئن يڪدم وڃي سيخن تي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سندس ماڻهُ پچائيندا. جڏهن ته ڳوهه، ڍِني به وڏي آهي. هڪ دفعو ڏر ۾ وئي، ٻاهر مشڪل نڪري. نانگ، مرلين وڄائڻ سان ٻاهر نڪري. جڏهن ته ڳوهه تي بينن جو آواز به اثر نه ڪري. ڪيس، قاتل جاءِ تان ڪڍڻ لاءِ، وڏا جُهد پٽڻا پوندا آهن.
اها ڳوهه، جنهن کي ڊيڊ يا ماڙيچا،موچي يا شڪاري، ڏر ۾ به گُڏي وڃي ڪڍن، سا اگر ڪين پنهنجي گهر ۾ ويني اچي ملي ته ڪيئن ڇڏيندس؟ سِرُ نه ڪٽنس ته شڪاري ڪيئن سڏجن.

**مطلب:**

۴۵.۱ جڏهن قسمت ڦٽندي آهي ته فالودو ڪائيندي به ڏند ڀڄي پوندا آهن.
۴۵.۲ ڳوهه کي ڪتي ڪٽي ته شڪارين/ ڊيڊن جا گهر ڳولي.
۴۵.۳ گدڙ کي ڪتي ڪٽي ته شهر ڏانهن رخ رکي.

### ۴۶. لکئي سان ليکا نه آهن. (چوڻي)

جيڪي ڪجهه قسمت ۾ لکجي چڪو آهي، سو ئي هن دنيا اندر آڏو اچي ٿو. قسمت اندر سک سهنج جي حياتي گذارڻ لکيل آهي ته سک واري گذاربي. اگر ڏکن ڏولائن ۽ اهنجن ايذائن واري حياتي گذارڻ لکيل آهي ته اها گذاربي. لکئي کي متائڻ تي، نه ڪنهن جو وس ٿو هلي سگهي ۽ نه لکئي کان هٽي ڪري زندگي گذارڻ لاءِ ڪنهن کي اختيار حاصل آهي.
لکئي تي آمنا وارٽي آهي. نه متس ڪرڪٽو ۽ ڪڇٽو آهي ۽ نه ئي ڪيس گهٽ وڌ ڳالهائي، سندس ليکا لاهٽا آهن. ائين ڪرڻ سان ورندو ڪي ڪين. هٿائين پنهنجا ٻئي جهان، پنهنجي هٿن سان ٻوڙبا. بهتر ائين آهي ته رب جي لکئي تي راضي رهجي ۽ هر وقت ڪيس ٻڌائيندو رهجي.

**مطلب:**

۴٦.۱ قسمت تي، ڪرڪجي نه.
۴٦.۲ رب جي رضا تي، راضي رهجي.

### ۴۷. ماءُ جنهن جي جهڙي، ڌيءُ تنهن جي تهڙي،
ڏوهه نه ڌي ڏوهتيءَ تي، انهن جي آکهه ئي اهڙي.
(چوڻي)

اولاد، والدين تي اڍ چڪيندو آهي. وصفن اوصافن، نقشن اهڃاڻن ۾، ٻه هٿ، ٻه پير، سود پود والدين وانگر هوندو آهي. ڌيءُ هوندي ته چال چلت ۾، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾، لهجي گفتي ۾، ماءُ وانگر هوندي. ڪيس ڏسڻ سان، يڪدم خيال سندس ماءُ ڏانهن هليو ويندو.
اهڙيءَ طرح اگر ڪنهن مرد کي اڳي ڏٺو آهي پر هاڻي هن دنيا ۾ ناهي ۽ اوچتو اگر سندس اڻ ڏٺل پٽ سامهون اچي ويندو آهي ته يڪدم گمان سندس پيءُ ڏانهن هليو ويندو آهي ۽ يڪدم ڪائنس پڇي ونبو آهي ته: "فلاڻي جو پٽ آهين ڇا؟"
اهڙيءَ طرح وصفون آهن. اگر ماءُ نيڪ سيرت آهي ته ڌيءُ يا ڏوهتي به نيڪ سيرت رهنديون. اگر ماءُ بدچال ۽ ياجوڪڙ آهي ته ڌيءُ يا ڏوهتي به ان ڪارنامي کي عيب نه سمجهنديون. ان ۾ ئي ڪين پئي سرهائي ۽ سورهيائي محسوس ٿيندي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**مطلب:**

٤٧.١ نان جهڙي نيڪري، مان جهڙي ڏيڪري. (ٽري)
٤٧.٢ جهڙو ٿانءُ، تهڙو ٺڪر.
٤٧.٣ پٽ آئري تي ويندي آهي.
٤٧.٤ پيٽيو: جهڙو سٽ تهڙي پيٽي، جهڙي ماءُ تهڙي ڌيئي.

## ٤٨. مٽياريءَ جو موت، ويندي جي ويرم. (چوڻي)

مٽياري: متعلوي سادات جو مسڪن رهيو آهي. انهن جي اثر هيٺ، جيڪي ٻين قومن جا فرد ٻه اچي اتي رهيا، تن جو ٻه دين اسلام سان گهرو رشتو ناتو رهيو. اتي اسلام جي تبليغ ۽ فروغ جو وڏو ڪم ٿيندو هيو. نوان مسلمان، مسلمان ٿيڻ وقت، مٽياريءَ ۾ پاڻ کي محفوظ سمجهندا هيا. کين هر قسم جي، مالي توڙي اخلاقي، مدد ۽ معاونت پئي ڏيندي هئي. سندن ختنو/ طوهر سنت ڪرائڻ، لٽي ڪپڙي جو بندوبست، رهائش ۽ شادي وغيره جو بندوبست ٻه اتان جي مخير حضرات جي معاونت سان ٿيندو هيو. بس رڳو پچڻ جي دير هئي.
جن جا لخت جگر، جوانيءَ ۾ پير پائيندي، پيءُ ماءُ کي دين خاطر ڇڏي، اچي مٽياريءَ موجود ٿيندا هيا ۽ سنت ئي رسمن مان فارغ ٿيندا هيا، سي پنهنجن لاءِ ڏوراپو ڏيندا هيا ته: "مٽياريءَ ۾ پهچڻ جي دير آهي." يا چوندا هيا: "مٽياريءَ جو موت، ويندي جي ويرم." ڇو جو دين مٽڻ سان، اولاد پيءُ ماءُ کان الڳ ٿي ويندو هيو يا مٽن مائٽن کان سڄي عمر لاءِ ڪٽجي ويندو هيو. تنهنڪري سندن والدين، کين مئل سمجهي، سهائي ڇڏيندا هيا ۽ دل تي پٿر رکي ائين چوندا هيا.

**مطلب:**

٤٨.١ مسلمان ٿيڻ لاءِ، مٽيارين ۾ پچڻ جي دير آهي.
٤٨.٢ مرڻو مٽَ جو، پرٽو ڏٽ جو. (ٽر)

## ٤٩. واندو ماڻهو: اٽي تي چٽي. (چوڻي)

انسان دنيا جي تختي تي، آيو پالڻهار پروردگار جي عبادت ۽ ٻانهپ ڪرڻ لاءِ آهي. مٿس ٻيو ٻه هڪڙو امتحان رکيو ويو آهي. ساڻس، وڏڻ ويجهڻ ۽ سرسبز و شاداب رهڻ لاءِ پيٽ ۽ وات پڻ لڳايو ويو آهي. پيٽ کي، اَنَ پاڻيءَ سان سائو ۽ تازو رکندو ايندو ته جيئرو ٻه رهندو ۽ عبادت ڪرڻ وارو ڪم ٻه ڪري سگهندو. اگر نه رکندو ته ڏوبر لاهيندو ويندو. انهيءَ ڪم واسطي، روزي رزق، ساري زمين اندر رب ٿيڙي پکيڙي رکيو آهي. اهو چڱڻ لاءِ، انسان کي هٿ پير پڻ ڏنا اٿائين. هٿ پير هلائيندو ته بک کان ٻه بچندو، ساڃائيندو ٻه هلندو ۽ وندريو ٻه پيو هوندو. هٿ پير نه هلائيندو ته هڏ-رڪ ٿيندو ۽ ٻين جو محتاج ٿي پوندو.
قدرت واري، هٿن پيرن ۾ ڪم ڪرڻ جي قوت رکي آهي. اهي چڱي ڪم تي هلائبا ته سالم رهندا. ٻي صورت ۾ پاٽمرادو پيا هلڻ جي ڪوشش ڪندا. اجاين ڏنڌن خفن ۾ لڳي ويندا يا ناڪاره ٿي ويندا. ٻنهي صورتن ۾ نقصان آهي. اهڙو ماڻهو ٻين لاءِ فائديمند هئڻ بجاءِ هاڃيڪار آهي.

**مطلب:**


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٤٩.١ واندو ماڻهو: شيطان جو يار.
٤٩.٢ بيڪار ڪان، بيگار ڀلي.
٤٩.٣ واندي ڪان، ورتڻ ڀلي.
٤٩.٤ نڪمڻو واڻيو، ڪاڳر سوري.
٤٩.٥ واندو ماڻهو، پتر پوري.
٤٩.٦ واندو ماڻهو، ڇيٽا پوري.

## ٥٠. ويهي ڪائڻ سان، خرار بہ ڪٽي وڃن. (چوڻي)

انسان سان لڳل پيٽ، ڪاڏي جي اهڙي ڳوتري آهي، جنهن کي ڪيترائي سوراخ آهن. جيترو بہ ڪيس پرڻ جي ڪوشش ڪجي، اوترو ئي اُوٽو رهي. اهڙيءَ طرح، انسان سان ٻيون بہ لاتعداد ضرورتون ۽ گهرجون منسلڪ آهن. جن لاءِ ڪيس ناڻو يا روڪڙ، اناج يا ٻيون شيون گهربل آهن. مڙيئي گهربل شيون، جيڪي قدرت واري، زمين اندر ڇٽي ڇڏيون آهن، سي هٿ ڪرڻ لاءِ هٿ پير پڻ ڏنا اٿائين. انسان، پنهنجي محدود حياتيءَ ۾ وڏا ڏيرن جا ڏير ڪائي ڇٽ ڪري تو وڃي. اگر ابي ڏاڏي جي رکيل موڙيءَ تي پاڙي ويهي تہ بک مري. ڇو جو اهي جلد کپي، کٽي ويندس. ان جو سبب اهو آهي جو دنياوي ڏيرن جي حياتي، تمام توري آهي. اناج، رکئي اڌوهيءَ جو ڪاچ تي ويندو. ڌن دولت، رکئي ڌوڙ تي ويندي ۽ سڪه رائج الوقت نہ هئڻ سبب، رک ڪان بہ بيڪار تي ويندي.

ان جي برعڪس، پنهنجي هٿن جي محنت سان ڪمائڻ وارو ماڻهو، لڳاتار پيو ڪمائيندو ۽ خرچيندو. تازو توانو ۽ هشاش بشاش رهندو. ڪم ڪرڻ جي صلاحيت وڌندي ويندس. مالڪ جي عطا ڪيل نعمتن جو استعمال ۽ شڪرانو بجا آڻڻ سبب، اهو بہ مٿس مهربان رهي ٿو.

**مطلب:**

٥٠.١ رب ڏئي، تہ اب بہ ڏئي.
٥٠.٢ ڏهي ڪائجي، ڪُهي نہ ڪائجي.
٥٠.٣ اب جو ڏنو ڪهڙي ڪم جو، جيسين رب نہ ڏئي.
٥٠.٤ ڪاڏي، خرار ڪُٽي وڃن.
٥٠.٥ اولاد تي احسان ڪرين تہ، ڪيس هٿ جو هنر سيکار.

## ٥١. يا تجي مڙس ماڻهو، يا رهجي مڙسن جي پاڙي ۾. (چوڻي)

روءِ زمين تي زندگي گذارڻ لاءِ، انسان کي هٿ پير ڏنا ويا آهن تہ جيئن ڪاڙِ خوراڪ هٿ ڪرڻ سان گڏ، پنهنجي حفاظت لاءِ اجهو جوڙي سگهي ۽ لٽو هٿ ڪري سگهي تہ جيئن پاڻ کي موسمي اثرات ۽ موذين جي خطرات کان آجو رکي سگهي. سندس اردگرد موجود سموريون شيون ۽ ماحول، سندس حفاظت لاءِ نہ رکيا ويا آهن. ڪي ماحول ۽ شيون، جانور ۽ حيوان، سندس دشمن بہ آهن. ڪائن بچڻ لاءِ ڪيس ڪوششون ۽ تدابير اختيار ڪرڻيون آهن. اگر اڪيلي سر، سر تي آيل آپدائن سان منهن ڏيڻ جي صلاحيت نہ هجيس تہ ٻين سان گڏجي رهي. جيئن پاڻ ٻين جي ڪم اچي ۽ ڪجهہ ٻيا سندس ڪم اچن. ماحول سان، رهائي هلڻ ۾، وقت سنو گذرندو. اڙي اُڌي، اوکي اهنجي،


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سر تي نہ ايندي. ايندي تہ بہ ٽري ويندي يا لڪائيندي ٺي ڪانہ. ڇڙ ڇڙ ڳابڙا ٿي، اڪيلو ٿيندو تہ بگهڙن ۽ شيطانن جي چنگل ۾ ڦاسي پوندو.

ڏکن ۽ ڏاکڙن، ڏاڻن ۽ ڏولائن کان بچڻ لاءِ، پاڻ ۾ قوة ڏارڻي پوندي. مڙس ماڻهو ٽيڻو پوندو. عقل ۽ طاقت کان ڪم ونڻو پوندو. اگر پاڻ ۾ نہ هجي تہ ڪنهن طاقت واري آڏو هيٺانهين ڪري، ان جي پاڇي يا ليکي ۾ رهڻو پوندو. ان ۾ ئي بچ بچاءُ آهي. ور نہ اڪيلي ٻڪريءَ کي، بگهڙ آسانيءَ سان ڪائي چٽ ڪري ڇڏيندو آهي.

**مطلب:**

۵۱.۱ همت ۽ مردانگيءَ سان، زندگي گذارجي.
۵۱.۲ لِڳڙو ۽ لِلڙو ٿي، زندگي نہ وڃائجي.
۵۱.۳ همت مردان، مدد خدا، بي همت بندا، بيزار خدا.

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ڏسٽي


| نمبر | داخلا | ص |
|---|---|---|
| ١ | آڪئي جو عقل ۽ وِهائيءَ جي تَوڻ، پوري ڪا نہ ٿئي. (چوڻي) | ١۴ |
| ٢ | اتر جو ڍِڳو، لاڙ جو ماڻهو. (چوڻي) | ۷۷ |
| ٣ | اترادي ٻچو، مُور نہ سچو. (چوڻي) | ۷٦ |
| ۴ | اڇا ڪپڙا ڪيسا خالي، هلي گهمو چوهڙ جمالي. (چوڻي) | ۴۵ |
| ۵ | اَڪُ ٻارڻ، جَوَ تَوڻ، ٽِمڻو گهر، ڇُوڇِي زال، ڪِرڪِرو پتار، پنج ئي بيڪار. (چوڻي) | ١۵ |
| ٦ | اڪ ڏني مک، ڪير ڳهي؟ (پهاڪو) | ۷۷ |
| ۷ | انڌي آڏو روئڻ: پنهنجو نور وڃائڻ. (پهاڪو) | ۷٨ |
| ٨ | اهڙو ڪم ڪجي جو، نانگ بہ مري ۽ لٺ بہ نہ ڀڄي. (پهاڪو) | ۷٩ |
| ٩ | اوڙا پنِيم، پاڙا پنِيم، پنِيم سڱا ڀائي، ڪائڻ وارا ڪائي ويا، سر هيڪڙي آهي. (چوڻي/ پهاڪو) | ١٦ |
| ١٠ | ايءُ جي پونتريا پونءَ تہ ڳهُنا بہ گهوڙي چڙهيا. (جتڪي، پهاڪو) | ۴۵ |
| ١١ | بندر جي بازار ۾، سوين ٽڙيا سور. (جتڪي، چوڻي). | ۴٦ |
| ١٢ | بندر ڦٽو، سوڪي وڻي. (پهاڪو). | ۴٦ |
| ١٣ | ٻي ڏاڙهيي ڪٽڪ ڪان، پاسو پلو (چوڻي) | ١۷ |
| ١۴ | ٻاهر ٻرندي هر ڪو ڏسي، منجهہ ٻرندي ڪير نہ ڏسي. (پهاڪو) | ٨٠ |
| ١۵ | ٻتڙ ٻاجهہ پريو، دولهہ درٻار ٻارا. (پهاڪو) | ۴٦ |
| ١٦ | ٻُڌجي سڀ ڪنهن جي، ڪجي پنهنجي. (چوڻي) | ٨١ |
| ١۷ | ٻہ تلوارون، هڪ مياڻ ۾ نہ اينديون. (پهاڪو) | ٨٠ |
| ١٨ | ٻيا سڀ مري ويا، تڏهن فوجو ٿيو فقير. (پهاڪو) | ۴۷ |
| ١٩ | پائرن سان ڪهڙا ليکا؟ (چوڻي) | ٨٢ |
| ٢٠ | پٽ ويندي آهي بنياد تي. (پهاڪو) | ٨٣ |
| ٢١ | پتڙ تہ بکيو، غريب تہ گدو، خاصو تہ خاصخيلي، تونگر تہ طاهراڻي. (چوڻي) | ٨٣ |
| ٢٢ | پِلُ هر ڪا پلي، ڪنڌي ڪا ڪا پلي. (چوڻي) | ١۷ |
| ٢٣ | پلي رڙي بادام، جنهن جو ڦُرُ آهي ڦُٽرو. (جتڪي، پهاڪو) | ۴٨ |
| ٢۴ | پولڙو پوڙهو ٿي ويندو، گيلاٽيون ڪو نہ وسرندس. (پهاڪو) | ۴٨ |
| ٢۵ | پُولي جي علاج سان، مرض بہ سلامت تہ مريض بہ سلامت. (پهاڪو) | ١٨ |
| ٢٦ | پئونڪڻ وارا ڪتا، ڪائيندا ڪو نہ. (چوڻي) | ٨۴ |
| ٢۷ | پينءَ جي بازار ۾، ٻيائي نہ ڪجي. (چوڻي) | ۴٩ |
| ٢٨ | پينءَ جي بازار ۾، پيو گهمر. (چوڻي) | ۴٩ |
| ٢٩ | پرائي پڙوهي تي نار نہ چاڙهجي. (پهاڪو) | ٢٠ |
| ٣٠ | پنهنجن سان ڪهڙا ليکا؟ (چوڻي) | ٨٦ |
| ٣١ | پوڙهو مڙس پي ڪجي، ويهي مَر وڃائجي وهي، ڪٽڪن ۾ لاٻارا پوندا، پوڙهو پوندو نهي. (چوڻي/ پهاڪو) | ٢٠ |


Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

| | | |
|---|---|---|
| ٩٧ | ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي ٽندوالهيار. (پهاڪو) | ١٠٥ |
| ٩٨ | ڪارو بوٽ هٿ ۾، جَٽُ جاتيءَ تو وڃي. (چوڻي) | ٥٨ |
| ٩٩ | ڪانهن نسريا، ڪانيرو نسريا. (زرعي، چوڻي) | ٥٩ |
| ١٠٠ | ڪانهن نسريا، ويهر جي مند پوري. (زرعي، چوڻي) | ٥٩ |
| ١٠١ | ڪرمي هٿ ڪار، ويلي هٿ وڃٽي. (چوڻي) | ٦٠ |
| ١٠٢ | ڪرهيي جي ميلي ڪان پوءِ، ڪپڙن ڪي باهه ڏبي ڇا؟ (پهاڪو) | ٦١ |
| ١٠٣ | ڪَڻُ ۽ مَڻُ، ڪنهن سڄڻ ڪي ڏجي. (چوڻي) | ٣٤ |
| ١٠٤ | ڪوچار پن ٻوڙيا، راهڻيءَ پر ويهي، راهڻيءَ چيس: "پچ ته پچون نه ته ٻڏاسين ٻئي." (پهاڪو/ زرعي) | ٦١ |
| ١٠٥ | ڪوري هر ڪا شيءِ پلي، پر پلي نه ذات. (چوڻي) | ٣٤ |
| ١٠٦ | ڪوڙ جا پير، نه ٽيندا آهن. (چوڻي) | ١٠٦ |
| ١٠٧ | ڪونجن ڪُرڪ، پاٽيءَ سُرڪ. (زرعي، چوڻي) | ٦٢ |
| ١٠٨ | ڪونجن ڪُرڪ، ڪير چُرڪ. (زرعي، چوڻي) | ٦٣ |
| ١٠٩ | ڪونهي مڙس ملڪ ۾، تڏهن تيون وانيون وس چرن. (پهاڪو) | ٦٣ |
| ١١٠ | ڪياڙيءَ جي ٻجي ڪان، منهن جو ٻجو ڀلو. (پهاڪو) | ٣٥ |
| ١١١ | ڪارو ڦتو، ڳاڙهو ونو. (چوڻي/ پهاڪو) | ٦٣ |
| ١١٢ | ڪاري جي ڍوري، ماجر جي چوري، ٻاهر سوڙهي، هيٺ اوڙي. (چوڻي) | ٦٣ |
| ١١٣ | ڪر بند، هينئون هنڌ. (پهاڪو) | ٦٤ |
| ١١٤ | ڪر ڪي ڪستوري، ڪنڌي ٻڌي چار، اڇيس پسوري، ليٽي پوي لڏ ۾. (پهاڪو) | ٦٤ |
| ١١٥ | ڪڳو ڪوهه ۾ نه هئڻ، مٿان ويگر ڪٽجڻ. (پهاڪو) | ١٠٧ |
| ١١٦ | ڪلي ڳالهاءِ ته، ٽِڪڻ جا سعيا. (چوڻي) | ١٠٨ |
| ١١٧ | ڪيڙيندي ڪُتين ۾، اڪيون جاءِ ڪجن، چونيءَ پڳي هڪڙي، ٽيئي تول ڪرن، هارين هَرُ ڪلهي تي، چڙيا ڏاند چرن. (زرعي پهاڪو) | ٦٥ |
| ١١٨ | گابا هر وهن ته، ڏاندن ڪي ڪير پڇي؟ (پهاڪو) | ١٠٩ |
| ١١٩ | گابو ڪپڙ- ڇٻٽو، سوئا سيندي، سُچر سواري، اَلڙ ڪتو، بندوق ڏوردار، پنج ئي ٻيڪار. (چوڻي) | ٣٦ |
| ١٢٠ | گاڏي آئي، چريا ڪو نه ويا. (پهاڪو) | ٣٧ |
| ١٢١ | گڏهه ڪي سونا سنج پارائجن ته ٻہ گڏهه رهندو، گهوڙو نه ٿيندو. (پهاڪو) | ١١٠ |
| ١٢٢ | گلا خور جو ڪائجي، مهٽي خور جو نه ڪائجي. (چوڻي) | ١١١ |
| ١٢٣ | گيدوڙا نڪتا، ويهر جي مند پوري. (زرعي، چوڻي) | ٦٥ |
| ١٢٤ | ڳجهه جي نظر، ڍونڍ تي. (پهاڪو) | ١١١ |
| ١٢٥ | ڳوهه ڪي ڪتي ڪٽي، موچين جا گهر نهاري. (پهاڪو) | ١١٢ |
| ١٢٦ | گهاتا گهر بندر جا، پڙيءَ تي بينو پن. (چوڻي) | ٦٦ |
| ١٢٧ | لڪئي سان ليڪا نه آهن. (چوڻي) | ١١٣ |
| ١٢٨ | لوڙهيءَ ڏور، سارين ڪرو. (زرعي، چوڻي) | ٦٦ |
| ١٢٩ | لوءِ وڙهجي، اَلوءِ نه وڙهجي. (چوڻي) | ٦٦ |

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

| | | |
|---|---|---|
| ١٣٠ | ماگهہ، چوڙا ڏاگهہ. (چوٽي) | ٦٧ |
| ١٣١ | مانگهہ اڏين، ڪمر ڪڍين، وريا اتر پاند، رنڙيون سي مُنيون، جن ويهاريا نوان ڪانڌ. (چوٽي) | ٦٧ |
| ١٣٢ | ماءُ جنهن جي جهڙي، ڌيءُ تنهن جي تهڙي، ڏوهہ نہ ڌي ڏوهتيءُ تي، انهن جي آکهہ ئي اهڙي. (چوٽي) | ١١۴ |
| ١٣٣ | متياريءُ جو موت، ويندي جي ويرم. (چوٽي) | ١١٥ |
| ١٣۴ | مرد ڪري بڪ ڪري، زال ڪري ٺٽ ڪري، گهوڙو ڪري ڊڪ ڪري، مڙس ڪري شڪ ڪري، زمين ڪري اَڪ ڪري، موسم ڪري جهڪ ڪري. (چوٽي) | ٣٨ |
| ١٣٥ | مرون چُوڻ ڪائي، پنهنجو متو وڃائي. (پهاڪو) | ٦٨ |
| ١٣٦ | مڙس جي ڦِتي، جيل ۾ وڃي، ڊڳي جي ڦِتي، گهاٽي ۾ وڃي، گهوڙي جي ڦِتي، ٽانگي ۾ وڃي. (چوٽي) | ٣٨ |
| ١٣٧ | مزي جو مزو، پئنچن تي ٽورو. (پهاڪو) | ٦٨ |
| ١٣٨ | مسافر کي ماني ڪارائڻ ۾، لائق نياٽي اٿارڻ ۾، لاش دفنائڻ ۾، دير نہ ڪجي. (چوٽي) | ٣٩ |
| ١٣٩ | مڪلي تڪري، ننگر ٺٽو ۽ پير پٺو، جنهن نہ ڏٺو، تنهن ڪجهہ نہ ڏٺو. (چوٽي) | ٦٩ |
| ١۴٠ | مڪلي، عاشقن جو مقام. (چوٽي) | ٦٩ |
| ١۴١ | مگٹهار، ميراثي ۽ حجامڻ جو پيٽ، پرجڻ جو ڪونهي. (چوٽي) | ۴٠ |
| ١۴٢ | مُلين جي خيرات، ڪانءُ جو لڱ، ڪنهن ڪو نہ ڏٺو آهي. (چوٽي) | ۴١ |
| ١۴٣ | مني، ڪوپ ڪني. (چوٽي) | ٧٠ |
| ١۴۴ | مينهن پنجين، وٺي ڪر هنجين. (چوٽي) | ٧٠ |
| ١۴٥ | نام پِني جو، گام ڏاتار جو. (چوٽي) | ٧٠ |
| ١۴٦ | نر ننگر، نار نصرپور، نرت نورائي، هلي ڏسو جوڻ، جتي ڪپهہ جو واپار آ جائي. (چوٽي) | ٧١ |
| ١۴٧ | نيات آهي، گت گنگا. (چوٽي) | ٧١ |
| ١۴٨ | نئڙت ڪان، سنوت پلي. (چوٽي) | ۴٢ |
| ١۴٩ | هورن هاڙهو لنگهيو، گوڙون پاسي گوٺ. (جتڪي، پهاڪو) | ٧٢ |
| ١٥٠ | واندو ماٺهو: اَٽي تي چٽي. (چوٽي) | ١١٦ |
| ١٥١ | واٽيو پنج نہ سهي، پنجاهہ سهي. (چوٽي/ پهاڪو) | ٧٢ |
| ١٥٢ | واهہ ڙي بابرا، تنهن جي پت ۾ گيهہ. (چوٽي) | ٧٢ |
| ١٥٣ | وندر متي وانت، پوءِ ويري بہ مان جها پاءُ. (جتڪي، پهاڪو) | ٧٣ |
| ١٥۴ | وياهہ وياٽي، پيرا پاٽي. (چوٽي) | ٧٣ |
| ١٥٥ | ويجنئون وئي، تي وهيٺي سڄٽين. (پهاڪو) | ٧۴ |
| ١٥٦ | وير مَ لاهي ويهُہ، متي اَر اوزاهہ. (پهاڪو) | ٧۴ |
| ١٥٧ | ويهي ڪائڻ سان، خرار بہ ڪٽي وڃن. (چوٽي) | ١١٧ |
| ١٥٨ | يا تجي مڙس ماٺهو، يا رهجي مڙسن جي پاڙي ۾. (چوٽي) | ١١٨ |
| ١٥٩ | ياقب جي ياري، سجي جَڳ جي خواري، ان جهڙي ٻي ڪونهي بيماري. (چوٽي) | ٧٥ |



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# مؤلف جا ڇپيل ڪتاب

- **ڪهاڻيون (ڇپيل)**

١. هراس آڪٽوبر ١٩٨٩ع
٢. جڏهن بت ئي چوي ڪافر نومبر ١٩٩٢ع
٣. هٿ جي وڍي ١٩٩٩ع

- **پهاڪا ۽ چوڻيون/ ورجيسون. (ڇپيل)**

٤. ننڍڙي روپ وارا، چوڻيون ۽ پهاڪا اپريل ٢٠٠٢
٥. ورجيسون: پسمنظر ۽ ڪارج نومبر ٢٠٠٣ع
٦. موزون آکاڻين تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون آگسٽ ٢٠٠٤ع
٧. اترادي پهاڪا ۽ چوڻيون مارچ ٢٠٠٦ع
٨. گل شڪر (نئين سر لکيل) مارچ ٢٠١١ع

- **پهاڪا ۽ چوڻيون (اڻ ڇپيل)**

٩. چوڻين ۽ پهاڪن تي مشتمل مضمون. ڇپائيءَ هيٺ
١٠.چوڻين ۽ پهاڪن بابت مضمون ۽ مقالا. س ل ا وٽ
١١. چوڻين ۽ پهاڪن بابت تنقيدي مضمون. ڇپائيءَ هيٺ
١٢.لاڙي پهاڪا ۽ چوڻيون ڇپائيءَ هيٺ
١٣.ٿري پهاڪا ۽ چوڻيون ڇپائيءَ هيٺ
١٤.نصيحت آموز آکاڻين وارا پهاڪا ۽ چوڻيون. س ل ا وٽ
١٥.تاريخي واقعن منجهان نڪتل چوڻيون ۽ پهاڪا ڇپائيءَ هيٺ
١٦.ماڳ مڪان وارا چوڻيون ۽ پهاڪا ڇپائيءَ هيٺ

- **تاليف ۽ ترتيب**

١٧.عبدالڪريم گدائي: روايت ۽ بغاوت جو شاعر. جنوري ٢٠٠٦ع
١٨.تنقيدون ۽ تجزيا- پروفيسر نذير احمد سومرو جنوري ٢٠١٣ع
١٩.موهيو مون کي جن- پروفيسر نذير احمد سومرو مئي ٢٠١٥ع
٢٠.جيڪب آبادي صاحب ڪتاب ۽ سندن ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944